ڪهاڻيون

# اڙيوس ٿيائي

ڪليم لاشاري



# اٽويهه سؤ ٽياسي

(ڪهاڻيون)

ڪليم لاشاري

مهراڻ پبلشرس - ڪراچي

| ڪتاب نمبر |
| --- |
| 12 |

ليکڪ جا حق ۽ واسطا محفوظ

پهريون ڇاپو: 1999
ڪتاب جو نالو: اڻويهه سؤ ٽياسي (ڪهاڻيون)
ليکڪ: ڪليم لاشاري
ڇپيندڙ: ذڪي پريس ڪراچي
ڇپائيندڙ: مهراڻ پبليشرس ڪراچي

ملهه: 70 رپيا

"Onweeha Sao Tiasee"
(Short Stories : By Kaleem Lashari)
Published by: Mehran Publishers, Karachi.
Printed by: Zaki Printers Karachi

**Price: Rs. 70/=**

**ملڻ جا هنڌ**
شاهه لطيف ڪتاب گهر گاڏي کاتو حيدرآباد
ڪتاب سپر مارڪيٽ، فرسٽ فلور اصغر شاپنگ سينٽر پاڪستان چوڪ لاڙڪاڻو
عزيز ڪتاب گهر بئراج روڊ سکر ـ ادب ڪارنر مسجد روڊ نوابشاهه
۽ سنڌ جا سڀ بوڪ اسٽال

خالده جي ناناءَ

# فهرست


| | |
|---|---|
| پبلشر طرفان | 7 |
| ٻه اکر | 9 |
| اٺويھ سؤ ٺياسي | 27 |
| مرسي ڪلنگ | 71 |
| ويڙهه | 79 |
| سزا | 95 |
| دوزخ | 109 |
| اثر | 124 |
| روح | 131 |
| عوام | 134 |
| ڪپر ويچن ڪوڙيون | 139 |
| نڪو سنتو سور<br>نڪو سنتو سک | 143 |
| ڳلن ڳوڙها تمندا | 148 |
| سچائي | 151 |
| مريض | 170 |
| سوزن | 185 |
| عيد | 190 |

## پبلشر نوٽ

ڪليم لاشاريءَ جو معروف حوالو هڪ محقق، مهر جو ۽ آرڪيالاجسٽ جو آهي، ليڪن هو پنهنجي جوهر ۾ "ڳولهيان ڳولهيان مَ لهان" جو اهڙو مصداق ۽ ايتري گهڻ رخائين شخصيت آهي جو ڪنهن ٻه سندس شعبن جو ڳاٽاٽو بس نہ ٿي سگهندو. هن پنهنجي شعبن ۾ جيڪي ٻه ڪاميابيون ماڻيون آهن، انهن جي محرڪن ۾ سندس سماج ۽ ماڻهن سان وابستگيءَ جو وڏو عمل ۽ دخل آهي. هن جي اندر ۾ انساني ۽ قومي ڌارائن کان الڳ ٿلڳ پنهنجو تنها وجود ڪونهي، انڪري اندر جو اڇلون سندس احساسن کي ٻاهر تائين رسائڻ لاءِ مختلف ذريعا ۽ موقعا ڳولهين ٿيون.

هي ڪتاب سندس ڪهاڻين جو ڳٽڪو آهي، جيڪي هن انساني ۽ سماجي مسئلن جي پسمنظر ۾ مختلف وقتن تي لکيون. سندس ڪهاڻين جو هر ڪردار ڳالهائيندڙ ۽ تاثر ڇڏيندڙ آهي. اٺويهہ سؤ ٺياسي ڪهاڻيءَ ۾ انهن احساسن جي انتها نروار ٿي سامهون اچي ٿي. ڪليم لاشاريءَ جو تحقيقي قلم هجي توڙي احساساتي، هو هر جاءِ تي منفرد نظر اچي ٿو. اميد آهي تہ سندس هي ڪتاب ٻہ پڙهندڙن وٽ مڃتا ماڻيندو.

# ٻه اکر

عام طور تي ٻڌڻ ۾ اچي ٿو ته، ”پڙهڻ جو شوق ٻيلي دنيا مان ويو!“

پر تازو پارت ۾ ٿيل ڪتابن جي عالمي ميڙي جي رونق ڏسي اهي سڀئي ڳالهيون يڪسر ڪُوڙيون لڳڻ لڳيون.

پرڳتي ميدان جي وسعت ۾ وڏن وڏن اسٽالن ۾، ڏکڻ ايشيا جي سڀني وڏن ۽ وچولن پبلشرز جا ڪتاب ٻيچين اکين جي تجسُس جو جواب پنهنجي اندر ۾ سموهيون، برجستي بيهڪ سان، سماج ۾ ڪتابن جي اهميت واضح ڪندا نظر پئي آيا. ميڙو گهمندڙ ڪتابن جا ٿيلا ڀريون پئي موٽيا، سندن چهرن تي اطمينان ۽ خوشي جي سوڀيا هئي.

چو ته هجي ڪتابن جو من هڪ عالم جو ذهن آهي، اهو شاعر جي ڪچڙي حساس دل جيئان نفيس آهي. اهو سائنسدان جي وسيع دماغ جو عڪس آهي. اهو ڪنهن اديب جي لطيف ٻولي جي مزيدارين سان ڀرُ پندار آهي يا ڪنهن فنڪار جي ڪاوشن جي پيداوار ڪو عظيم شاهڪار، ۽ ٿي سگهي ٿو ته اهو ڪنهن محقق جو مشاهدن سان ڀرپور تجربن جو بيان هجي.

ڪتاب جي اندر ۾ جستجو جي پيرا، لفظن جا چٽيه لڪا هار پايون پنهنجن ساهيڙين سوڏي ويٺي آهي. پڙهندڙ راٺي جيئان، پنهنجي مومل جي ڳولها ۾ ڪتاب جي ڪاڪ مهل ۾ لهي ٿو پئي، پوءِ دماغ ۽ دل جو هڪ لاپ بخشيندڙ ساٿ پيدا ٿئي ٿو، سرور ۽ ڀرپور خوشي جي ماحول ۾ پنهنجي ذات جي ڳولها شروع ٿئي ٿي، ٻاهرين دنيا جي حقيقتن جي مدد سان پنهنجي اندر جي بي شمار گمانن جا نقاب لهڻ لڳن ٿا. ٻين سان واقفيت حاصل ٿيندي ئي خودشناسي جا ڪيئي بنيادي مرحلا طئي ٿيو وڃن. ٻن واس جو چوڏنهن سالن وارو پاڻ سڃاڻڻ جو

سفر چوڏنهن ڪتابن ۾ پورو ٿئي ٿو. ٻڌ جي بيشمار ياترائن، ٻي انت پيڙائن ۽ ڊگهي برت (روزي) جو حاصل نروان. چند سئو صفحن ۾ حاصل ٿيو وڃي.

پرائمري اسڪول جي زماني ۾ پنهنجي پاڙي واري ميمڻ ويلفيئر ايسوسيئيشن جي ريڊنگ روم تي اخبار ۽ رسالن جو مطالعو ۽ پر واري لائبريري مان آڪاٽين جا ڪتاب ڪٽي پڙهڻ هر روز جو معمول هيو. هاءِ اسڪول ۾ داخلا ٿيا ٿي، جڏهن اوسي پاسي وارن پاڙن ۾ وڃڻ جي ويزا ملي وئي. انجمن ترقي اردو ادب جي لائيبريري ۽ ٻين وڏين لائيبريرين تائين رسائي ممڪن ٿي. گنج سليمان هيو ۽ اسان حيرت ستيا. علم جي ان خزاني آڏو خوشي ۽ چاڻ جي بيچيني جي گڏيل جذبن کان متاثر ٿي بيٺا هياسين. هاءِ اسڪول جا مهڙيان ٻہ سال انهن لائيبريرين ۾ موجود مواد جي پوري ڪرڻ ۾ لڳي ويا. روز اهي ڪي ٽي يا چار ڪتاب ڪٽي اچي انهن کي پورو ڪري ٻين جي ڪڍ پوڻ. حالت اها ٿي ته ڪتاب ٿيا پورا. هاڻي اسان هياسين ۽ لائبريرين ۾ موجود ڪتابن جي انتظاميہ؛ نوان ڪتاب گهرائڻ تي زور اسان حق سمجهي ڏيندا رهياسين ۽ اهي ان کي فرض ڄاڻي لائبريري ۾ شامل ڪندا رهيا. نون ڪتابن جي ان آڻڻ ۽ پهچائڻ ۾ جتي ڪا سُستي ٿي، جڏهن ساھ نڪري ويندو هيو. ڪجھ ڪتاب هر مهيني پاڻ بہ خط لکي پوسٽ ذريعي گهرائبا هيا. پڙهبا هيا ۽ ساھ سان سانديي رکبا هيا.

هٽلر ۽ مسوليني جا رڳو نالا نہ ٻڌا هياسين، بلڪ اهي اسان جي چاڻ ۾ آيل ڪيئي ڪهاڻين ۽ داستانن جا مک ڪردا هيا. لارنس آف عربيہ اسان جي ڪلاس واسين وانگر صرف هڪ فلم جو نالو نہ هيو، بلڪ ڪيترن ڪتابن جو موضوع هيو. سندس ڪردار ۾ چڱائي ۽ مندائي جا ڪيئي بحث ڇڙيا بہ پورا بہ ٿيا. پر سندس شخصيت جو جادو ڪو وقت زورن تي رهيو.

ايشمين جنگي ڏوهن جي حوالي سان معتوب ضرور هيو پر ساڳئي وقت ڪجھ سوال اٿارڻ جو موجب بہ هيو. جنگي ڏوھ ۽ ان حوالي سان يهودي لابي جي ٻي انتها دلچسپي جرڪائيندڙ هئي.

نورمبرگ ۾ جنگي عدالت جي ڪارروائي بين الاقوامي انصاف جي

اول پڙهڻ گهري پيو. سوير لائبريري پهچي ڪتابن جي واپسي جو انتظار ڪرڻ معمول جو حصو ٿي ويو.

فرانس جي انقلاب ۾ خود ڪيئي هزار داستانون پنهان آهن. انساني ذات جو صدين جي روايتن کان پاڻ کي جدا ڪري نون تجربن لاءِ راهه تيار ڪرڻ جو اهو عمل حقيقتاً هڪ انتهائي وڏو قدم هيو. سياسي نظام جي تبديلي هڪ سرو هئي ته هفتي ۾ ڏهن ڏينهن جو قيام پيو سرو. زندگي جي هر روش تي محيط اهو سلسلو ايترو ته وسيع ٿيو جو انسان جي آزاده روي به انهن وسعتن تي حيران نظر اچڻ لڳي.

انساني عمل جي جداگانه نمونن جا مظهر، ان انقلاب جا ليڊر پڻ هڪ دلچسپ پڙهتي هيا. دانتن جو ڪردار، پراس جا پنا رخ، راسپيري جي راست بازي ۽ ان جي نتيجي ۾ پيدا ٿيندڙ انتظامي بدحواسي ڏسڻ جهڙي آهي. آزادي ايتري وڏي وئي جو نظم و ضبط جي قيام ۾ راست قوتن کي سخت تڪليف پيش اچڻ لڳي. انقلاب جو ڦيٿو تيزي سان ڦري جڏهن واپس موٽيو ته ان Back Lash ۾ خوفناڪي (Reign of Ter-ror) هئي. ان جو نتيجو اهو نڪتو ته ضابطي وارين روايتي طاقتن کي وارو ملي ويو. ڪامياب فوجي جرنيل نيپولين بونا پارٽ اقتدار تي قبضو ڪري انقلاب فرانس جي نفعن کي پنهنجي وڏي فوجي ڪوٽ جي کيسي ۾ ڪٽي وڌو.

پٺڀرائي سبب نيپولين جي ڪامياين جو دائرو نهايت وسيع هيو، مصر هجي يا اٽلي، اسپين هجي يا جرمن ڊچيز (Duchees)، آسٽريا هجي يا پروشيا، هن جي فوجي ڌاڪ هر هڪ کي مطيع بڻائي ڇڏيو. هن جي شخصيت جي رومان انگيزي ڪيترن مسلمانن کي اهو چوڻ تي مجبور ڪيو هيو ته هو عقيدي جي لحاظ کان مسلمان هيو. اهڙين افواهن جي پڪي برف کي علم جي گرمي پگهاريو، اسان جي سامهون هڪ نهايت ذهين شخصيت هئي، جنهن کي خود گماني جي زنگ کائي وڌو هيو. مرحوم ذوالفقار علي ڀٽي لکيو هيو ته نيپولين جي Emile Ludvig واري لکيل سوانح حيات، ڪيس والد سالگرهه تي تحفي طور ڏني. ان عظيم ڪتاب جي لطف جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي، هڪ لکت جو زور پيو موضوع پڻ تند و تيز، ٿيون يورپ جي بدلجندڙ تقدير جا نرالا رنگ.

قابليت مان صرف اعتماد حاصل ڪندو نظر اچي ٿو. پر نيپولين جيئان فخر جي قاتل اثر جو گهايل ناهي.

انقلاب فرانس جهڙي عظيم تاريخي عمل جا ثمر جنهن طرح سان ضايع ٿيا اهو هڪ وڏو الميو هيو. ان عجيب تاريخي واقعي جي اڻ کٽ طاقت کي نيپولين ذاتي مفادن جي حد تي آڻي يورپ ۾ اهڙو حيرت انگيز نظارو برپا ڪيو، جنهن جو اثر اڄ سوڌو محسوس ڪجي ٿو. سندس وڏو ڀاءُ اسپين جو بادشاهه ٿئي ٿو. نيپولين جو اڳ جاٿو پٽ اٽلي جا چانسلر آهي ته سندس اڳ جاٽي ڌيءُ جرمن رياستن جي راڻي. يورپ ۾ هوندي به شاهي گهراڻن جي پاڻ ۾ مٽي رهندي آئي آهي، ائين اهي هڪ کان وڌيڪ ملڪن تي حڪومت ڪندا نظر آيا آهن، تنهن ڪري ان کي ڇڏيو، خود نيپولين جي جوزيفائن سان شادي ڪو گهٽ دلچسپ واقعو ناهي.

پنهنجي عمر کان وڏي هڪ بيوه سان شاديءَ وقت پيرس جي ميونسپالٽي جي ڪلارڪ اڳيان پنهنجي عمر جوزيفائن پنج سال گهٽائي ٻڌائي ۽ نيپولين پڻ پنج سال وڌائي ٻڌائي ته ٻه هو هڪ جيترا نه ٿي سگهيا. يورپ جو فاتح هي جرنيل جوزيفائن جي ڪافر ادائن جو گهايل نظر اچي ٿو. سندس درد جون دانهون، دفترن جو موضوع آهن، جيڪي جنگ جي ميدان مان نيپولين اماڻيندو ٿو رهي.

تاريخ ۽ عشق جي اها دلچسپ ڪچڙي پچندي رهي ۽ عشق جي سٽيل کي اسان مختلف دلچسپين ۾ پاڻ وچڙائيندي ڏسندا رهياسين. جوزيفائن جي فضول خرچي ۽ سلطنت جو جانشين پيدا نه ڪري سگهڻ ڪري نيپولين اهڙي ٻه واٽي تي وڃي پهتو، جتي گهٽ ۾ گهٽ هڪ رستو تباهي طرف وٺي پئي ويو. اها جوا سندس Diplomatic صلاحيتن جو ڀرپور امتحان هئي.

اسان حيرت سان ڏٺو ته نيپولين اها جوا هارائي، روس جي بادشاهه جي ڀيڻ جي ٻانهن، ابهرائپ سبب نه ملي سگهي ۽ هن آسٽريا جي شهزادي سان شادي ڪئي. ان جوا ۽ ان جي نتيجي ۾ حاصل ٿيندڙ شڪست جي پيڙا کي جيڪڏهن ڪو محسوس ڪرڻ گهري ته ڪتاب ڪيس اهو سمورو منظر چٽي ۽ ماحول پيدا ڪري ڏين ٿا. نيپولين جي پوين ڏينهن جون يادگيريون، جوزيفائن جي جوانيءَ جي سور ۽ ميري لوئي

Don Jose هڪ ڏکيي عرصي تائين دوما واري مسڪيٽيئرز Musketeers جيئان شعور جي افق تي ڦرندو رهيو. ميريمي سان پلو پائڻ ڪري سندس پين شوقن سان ويجهڙائي ٿي، هڪ آرڪيالاجي- پيو هيو روسي ادب.

ڪجھ فرينچ ناولن جو محور وري حقيقت نگاري ۽ فطرت پسندي هئا. فلابرٽ جي دقيق نظري ان ڏس ۾ شاهڪار پيدا ڪري ڏنا. رومان پسندي جي رجحان تي Medam Bovary ڪان وڌيڪ شديد تنقيد شايد ئي ڪٿي نظر آئي هجي. پنهنجي ڪم سان سچائي، سندس محنت ۽ تحقيق ۾ نظر ايندي، جيڪا هو پنهنجن ناولن لاءِ ڪندو هيو.

گانڪو Edmond Goncourt جي حقيقت نگاري پڻ حد ڪان ٽپيل هئي. جا ته Variety هئي. اهڙا ناول ۾ نظرن آڏو آيا، جن سماجي علمن سان متعارف ڪيو. اهي اديب ائين لڳندا هيا، جڻ ڪجھ سخت هجن ۽ پنهنجن ڪردار لاءِ ڪو سٺو تاثر قائم ڪرائڻ جي ڪوشش ڪندا هرگز نظر نه آيا. سندن ڪردار ماحول جا ماريا ۽ وراثت جي اثرن کي ساڻ ڪري پوڳنائون اٽل تقدير جيئان گهاريندا هجن. زولا Emile Zola پنهنجي ان سختي جي باوجود هڪ دلچسپ تاثر قائم ڪيو هيو. موپاسان Guy de Maupassant ساڳئي ڏس ۾ مختصر ڪهاڻي جو اهڙو گرو هيو، جنهن جون ڪهاڻيون وڏي سڪ سان ڳولهي هٿ ڪندو هيس ۽ شوق سان پڙهندو هيس. هن جا ڪردار نه ته فرشته سيرت هيا، نه ئي هو ڪنهن کي شيطان پيو سڏي. اهي ماٺهو ڪنهن بلندي تي رسندا نه پئي نظر آيا. شايد اهو ئي سبب هيو جو مون کي بي انتها پسند هوندي به هو Pessimist لڳو.

آءٌ هميشه کيس هڪ مڪمل ڪهاڻيڪار سمجهندو هيس ۽ افسانه جي مبهم حدن ڪان کيس سدائين ٻاهر رکيو هيم. اهو نقشو منهنجي غيربالغ ذهن ۾ پنهنجو پاڻ لهيو ۽ بنا گهڻين تبديلين جي اڄ سوڌي قائم رهندو اچي.

ان زماني ۾ حيدرآباد وچڻ جو اڪثر موقعو ملندو هيم. فوجداري روڊ تي ڪتابن جي دوڪان تان ڪيترا روسي شهپارا حيرتناڪ حد تائين سستي اگهه تي ملندا هيا- شايد اهو ئي سبب آهي ته حيدرآباد

ڏاڍو پسند هيم.
روسي ادب سان واقفيت جو هڪ سبب منٽو وارو روسي ادب نمبر هيو. لاڙڪاڻي ۾ ترقي اردو ادب جي لائبريري ۾ شولوخوف جي ناولن جا اردو ترجما ته اڳ پڙهي چڪو هيم. دوستوفسڪي جي ناولن ته وڻ وڃائي ڇڏيا. ڇا ته طاقت هئي سندس قلم ۾! سندس ڪردار ڄڻ خوردبين (Microscope) هيٺ رکيل هجن. ترگنيف (Ivan Turgnev) جو اثر ان وقت کان رليو اچي.
نوجواني جا نمايان واقف ڪافڪا (Franz Kafka) ۽ ڪامو (Albert Comus) هيا. پر اهو اقرار ڪرڻو پوندو ته انهن سان واقفيت سندن Fiction ڪري نه ٿي. ڪافڪا جا خط ۽ ڪامو جا مضمون هيا، جن توجه ڇڪرائي هئي. اهو ساڳيو وقت هيو جڏهن اسان ماديت پرستي (Materialism) جي باوصف ڪي قدر انقلابي رومان انگريزي ۾ مبتلا هياسين. شايد ان جو سبب چي (Che Gevera) جي معصوم بين الاقواميت هئي. سندس شهادت ۽ ڊيبري (Regis Debray) کي بوليويا جي فوجي ڪورٽ کان سزا واري عمل اسان کي پوري طرح متاثر ڪيو هيو.
ساڳيو زمانو هيو. آمريڪي سماج کي ويٽنامي ڏيرن ۽ هيٺين ماٿهن اچي سخت سوڙهو ڪيو هيو. سندن سرزمين جي هرهڪ انچ تي ٽنن جي حساب سان بم گولا اڇلايا پئي ويا، پر هو وڏي حوصلي سان مُنهن ڏيندا ٿي رهيا.
ڏاڍ کي جڏهن عرض ۽ نيزاري نه ملي ته اهو پاترجي ويندو آهي. اهو مشاهدو اسان پنهنجي پوري سمجهه ۾ ڏٺو. Mailai وارو قتلام هوئڻ ته هيڏي ساري جنگ ۾ هڪ معمولي واقعو هيو، پر جڏهن Media ۾ ان تان پردو لٿو ته سڄي دنيا ڏڪي وئي. Life رسالي ۾ ان ڪوس جون تصويرون اسان به ڏٺيون، معصوم ٻارن جا سينا گولين ڇاٽيون ڪري وڌا هيا. اهي ابهم پنهنجين مائرن جي ٻانهن ۾ موت جي سرزمين مان ڪي سوال پڇندا ٿي نظر آيا. انهن معصوم سوالن خود آمريڪي سماج جي اخلاقي بنيادن کي لوڏي وڌو. بربريت جون اهي تصويرون پنهنجي مظلوميت جي انتها تي پهتل هوندي به هڪ عجيب يقين ۽ عزم جو اظهار هيون. ڏاڍ جي معتبري جي منهن تي لڳل اها ٿڦ اسان ڏٺي. اهڙي طرح سڄي

دنيا ۾ ان ڏاڍ خلاف پئي ڳالهايو ويو. پر جنهن پنهنجائپ سان ان معاملي ۾ سارتر آواز اٿاريو. اهو اسان لاءِ بيحد متاثر ڪن هيو.

اسان ڪي پنهنجي ننڍڻ جواني ۾ هڪ هيرو ملي ويو. الجزائري انقلابين لاءِ سندس ڪوششون ادب جو حصو آهن.

اهو ذڪر ڪو ڪتڻ جو ناهي. مطالعي جي اهميت ۽ لطف جو ذڪر ڪنهن وڏي سمنڊ جي ڇولين جي مختلف روپن جو بيان ڇٽي سگهجي ٿو، جيڪو هڪ لامحدود سلسلو ٿيندو. اڄ مطالعي جي عادت جي خاتمي جي شڪايت هر وقت پڌڻ ۾ اچي ٿي، پر دنيا ۾ مطالعي جي عادت وڌي آهي. جيتوڻيڪ اها پڻ حقيقت آهي ته اسان جي سماج ۾ ان عمل لڄان پنهنجيون پاڙون پختيون ناهن ڪيون. ماده پرستي جي اوج تي پهچڻ ڪري علم جي بي قدري عام نظر اچي ٿي.

ڪو وقت هيو هت ب اديب جي عزت هئي، ڪتابن جي اهميت جو هرهڪ قائل هيو. قلم جو مقام بلند رهيو، لکڻ ۽ پڙهڻ جو هڪ اهڙو ناتو قائم هيو جو اديب ڪافي هاؤس ۾ ڪنڌريل وارن سان ڪڏهن خيالن ۾ غلطان ته ڪڏهن گفتگو جي پريشان پيچن ڪي سنواريندو نظر ايندو هيو. هٿن ۾ قلم يا ڪتاب ته ڪيس اڪثر هوندو هيو.

اڄوڪي منظرنامي ۾ اسان ڏسئي وانسٽي ماڻهو جي هٿ ۾ گاڏي جي چاٻي اڪثر ڏلي آهي، جيتوڻيڪ سندس قميض ۽ پينٽ ۾ ڪيٽي ڪيسا موجود هوندا اٿس. بهرحال اهو ته سماجي ردعمل جو نتيجو چئجي. جيڪڏهن قلم ۽ علم جي عزت هجي ها ته ماڻهو دنياوي ثروت جا مظاهرا ڇو ڪندا نظر اچن ها. جنهن شيءِ جي گهرج هوندي، ان جو بندوبست ٿيندو. اهو Demand ۽ Supply جو ڪورو اصول آهي، ان سلسلي ۾ ڇو ڪجي شڪايت. اها آهي سماجي روين ۽ حالتن جي تصوير. وڏيڪ دنيا وارن جي مرضي وٺين ته پئسن وارن جا جوتا سورين، وٺين ته وڏي وڃي اهل علم سان رهاڻيون ڪن.

هت اردو هجي يا سنڌي، ڪتابن جو واهپو مڙئي گهٽ ٿو ڏسجي. ڪو ڪتاب ڇپجي ويو ته ان جون صرف هڪ هزار ڪاپيون سالن جا سال دوڪانن جو سينگار ۽ پبلشرز جي ڳچي جو هار بڻيون رهنديون آهن. ڪو ولڻ وارو ناهي هوندو- پڙهڻ جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي!

ٿو ته ڪنهن عوامي شاعر جا ڪي بيت، انقلابي جلسن ۾ پڙهيا وڃن ۽ جلوسن ۾ ڳايا وڃن، پر تن کي سمجهڻ لاءِ مُلڪ ۾ پٽ جي ماريل هئڻ سان گڏوگڏ بنيادي تعليم جي حقيقي ضرورت آهي. جنهن سماج ۾ لکيل پڙهيل ماڻهن جو انگ اهي ڪي تيرنهن سيڪڙو هجي، جنهن مان صرف هڪ سيڪڙو ڪجهه رسالا ۽ اخبارون پڙهي سگهندا هجن ۽ لک تي صرف ڏهه ماڻهو ڪو ڪتاب پڙهي پورو ڪندا هجن ته اتي رسالن، ڪتابن ۽ پوٿين جا لفظ شيءِ ته ٿي سگهن ٿا، انقلاب برپا نٿا ڪري سگهن.

پوءِ سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته جڏهن لکيل لفظ انقلاب به آڻي نه سگهي، ڪنهن تبديلي جو روادار به نه ٿي سگهي ته پوءِ اسان ڇو ٿا لکون؟

ٻين گهڻن پهلوئن کان علاوه ادب جو اهو ڪارج به آهي ته اهو انهن بلندين جي نشاندهي ڪري جتي انسان پهچي سگهي ٿو. اهڙي طرح ٻين ننڍين وڏين ڳالهين کان علاوه لکڻ جو اهو به مقصد آهي ته اسان ان وٿي جو عڪس ڇٽيون، جنهن سان اسان جي سماج جا فرد بلندين تي پهچڻ کان رهجي ويا.

اهو نهايت افسوسناڪ امر آهي ته هي سماج شڪست خورده آهي. وڏي دلچسپ ڳالهه وري اها آهي ته اها شڪست سماج کي خود ماڻهن پاڻ ڏني آهي. ان معاملي ۾ ڪو به ٻاهريون ڏوهاري ناهي، ڪابه اهڙي اوپري طاقت ناهي جنهن جي مٿي تي اسان ان جو الزام مڙهيون. جيتوڻيڪ اهو فيشن رهيو آهي ته اسان پنهنجي هر ڪوتاهي لاءِ، هر غفلت ۽ هر نقصان لاءِ ڪنهن نه ڪنهن کي ڳولها ڪندا آهيون. CIA مان ته هاٿي جان ڇٽيل تي پاسي، جو اڄڪلهه نالو رڳو "را" يا "خاد" جو ٿو هلي. مثال طور تي چند اجتماعي غلطين جو ذڪر ڪندي جيڪڏهن ائين ڪٿي چئون ته، اسان تي آمريڪا جو سڌي طرح هرگز زور ناهي ته اسان شادين ۾ فضول خرچي ڪيون، نه ئي اسان تي هندوستان جو زور آهي ته اسان تعليم عام نه ڪيون. نه ئي افغانستان مان ڪو اسان ڏي منهن ڪري دعائون ٿو شوڪاري ته اسان وڌندڙ آبادي کي نظرانداز ڪيون ۽ بنا سوچ جي خلق خدا وڌائيندا وڃون. ڇا ڀلا فرانس جي حڪومت کي اهو

ڏيکاري، جنهن تي چيو هيائين ته نفسيات دان پنهنجي سائيڪلو اينائيسس لاءِ اديبن وٽ اچن ته کين پنهنجي ذهني ڪيفيت سمجهڻ ۽ سوچ سڌارڻ جو سٺو موقعو ملندو.

اديب مشاهدي کي پنهنجي گمانن ۾ ڳوهي خيالن جي ڪوري ۾ ڳاري ڪردارن جي قالب ۾ ڍاري ٿو. اهي ڪردار زندگي ۾ روا انساني عمل جي هر پهلو سان متعلق آهن. چڱايون ۽ ڪن ڪاٽ برايون به. پر جيئن ته اهي ڪردار اديب جي تخليقي عمل جو حصو آهن، انڪري کيس انهن لاءِ همدردي آهي. همدردي هڪ اهڙو ڳرو سبب جڻي سگهجي ٿو، جنهن ڪارڻ شاهڪار تخليق ٿي سگهن ٿا.

ادب جي سبب ۽ ڪارج متعلق هر دور ۾ خيال آرائي ٿيندي رهي آهي، عالمن ۽ اديبن ان ڏس ۾ انيڪ سبب ۽ بي شمار ڪارج پڌايا آهن. ادب جي مقام جي تعين تي پڻ ٽيڪا ٽپڻي ٿيندي رهي آهي. بهرحال ادب جو ڪهڙو به ڪارج هجي ۽ اسان وٽ ان جو جيڪو به درجو آهي، انهن سيني ڳالهين کان قطع نظر ته ادب سماج تي اثرانداز ٿئي ٿو يا نه، اهو بلڪل يقيني آهي ته ادب سماج کان متاثر ٿئي ٿو. بلڪ ڪيترا بالغ نظر نقاد ته ايتري قدر چون ٿا ته ادب سماج جي ڪن خاص طبقن جي نمائندگي ڪري ٿو. اهو ڪن خاص حلقن جي ثنا ڪري ٿو ۽ ڪن جي گلا.

اهڙي سخت تنقيد کي به اسان هڪ حد تائين قبول ڪيون ٿا. پر اها ڳالهه ذهن ۾ رکڻ گهرجي ته اديب جيڪا ڳالهه ڪري ٿو اها سندس مشاهدن ۽ گمانن تي ٻڌل آهي. هو جڏهن قلم کڻي ٿو ته پنهنجا خيال يا عقيدا عام کان جدا هجن، هو شائستگي سان انهن جو اظهار ڪري ٿو. هو زندگي جي هر رخ کي ڇهي ٿو. معاشري جي گهٽين ڪيفيتن جي وضاحت پيش ڪري ٿو ۽ دنيا جي سيني رنگن جي رنگيني کي اجاگر ڪري ٿو.

اهڙي طرح افسانوي ادب پنهنجي حصي جو ڪم سرانجام ڏئي ٿو ۽ مختلف انساني ڪيفيتن جو مختصر داستان ٻڌائي ٿو. انهن ڪيفيتن ۾ معاشي تضادن جي جهلڪ به آهي ته ذاتي پسند ۽ ناپسند جا غير ضروري لوڏا به آهن. اتي پيداواري طريقن جي تبديلين سبب ايندڙ جهٽڪا آهن ته

هُين جيابو. هتين خالي خوفزده ماڻهو ٻڪرين کان بدتر ۽ ردين کان وڏيڪ اَبوجهه، پر اهي ساڳيا ماڻهو جڏهن ڪنهن ترتيب ۾ يا بندش ۾ هيا ته بيحد ڏاڍا ۽ مضبوط ٿي پئي سگهيا. ماڻهن جي خواهش سبب سياسي پارٽين تي پڻ مصالحتي رويا ڇڏي مهاڏو اٽڪائڻ لاءِ وڏو زور هيو. ان ڪري انهن جو وجود پڻ ڏيڇاريندڙ هيو. آمرن جون ننڍيون ڦٽائيندڙ هيو. انهن جو ڪو جوڳو بندوبست ٿيڻ گهربو هيو، تعصبن کي هوا ڏيڻ ضروري خيال ڪيو ويو. مذهبي رواداري کي ختم ڪرڻ پڻ ان ڏس ۾ مناسب سمجهيو ويو. فرقہ واريت جو نعرو عوامي هڪ ڪرائي جي مضبوط روين کي پيڇي پوري سگهڻ جي طاقت رکي ٿو.

سماج ۾ موجود ننڍڙن تضادن جا پاڇا وڏي وڏا ٿي ويا. ايترا وڏا جو معصوم شهري انهن کي ڏسي ڊچي ويو.

ان عمل ۾ ڪن معمولي ماڻهن جا پاڇا پڻ وڏي وڏا ٿيا. اهي ايڏا وڏي ويا جو ماڻهو پاڻ پنهنجي فريب نظر جو شڪار ٿي پيا. ان ڏوڪي جي هتان مات ٿيلن ٻين کي گهات ڪرڻ شروع ڪيو.

اهو هيو عمومي منظر جڏهن اوچتو هڪ زور وارو لڪاءُ ٿيو. آسمان ڳاڙهو ٿي ويو ۽ منظر يڪسر بدلجي ويو، نئين سر جمهوري تجربن جي راند شروع ٿي.

ادب به انهن تبديلين کان مسلسل متاثر ٿيڻ گهربو هيو. پر اها هڪ دلچسپ حقيقت آهي ته اردو توڙي سنڌي ادب خاص طرح اسي واري ڏهاڪي ۾ حالتن کان گهٽ اثر ورتو. جنهن ڪري ادبي تخليق ۽ سياسي تغير جو پاڇولو مشڪل سان نظر ايندو.

شايد ان جو سبب اهو هيو ته سماج جي ان پيچ ڊاهه ۾ اهو وچولو (۽ هيٺيون وچولو) طبقو هيو جنهن کي ڪو قابل ذڪر جهٽڪو پهتو هجي. وري اها به حقيقت آهي ته لکڻ وارو قلم پڻ ان طبقي جي هٿن ۾ آهي. نتيجو اهو نڪتو ته سماج جي تبديلين جي ڪا تصوير ورلي نظر اچي. سواءِ ڪنهن ڪنڊائتي رسالي ۾ ڇپيل ڪنهن اڪيلڙي افساني جي صورت ۾.

وري جڏهن هتراڏو پيدا ڪيل تضادن ۽ هوا ڏنل مخالفتن جو منفي عمل شروع ٿيو ته اهو طبقو مک متاثرين ۾ هيو. اهو ئي سبب آهي ته ان

جو جوڳو عڪس ادبي ڪاوشن ۾ نظر اچي ٿو.

انسان جو سماج مختلف واقعن حادثن ۽ تاريخي عملن مان گذرندي، ترقي ۽ برٻادي جا ڪيئي ڏيئا ڏيرائي چڪو آهي، ۽ اڄ جنهن صورتحال سان مهان منهن آهي، اهو ان جو اڄوڪي دنيا ۾ ٻانبڙا پائڻ وارو عمل چئي سگهجي ٿو. ان ٻالڪپڻي ۾ ان مٿان نه لکڻ پڙهڻ جي ذميواري آهي، نه اهو اپائڻ نپائڻ جي حيثيت ۾ آهي. نه ئي وري ڪنهن پيداوار جي ڪنهن قابل ذڪر عمل سان وابسته ڏسون ٿا. جيئن ڪو ننڍڙو ابهم ٻار هوندو آهي، جنهن کي نفعي جي خبر هوندي آهي نه نقصان جي. جيڪو ٻه قدم کڻندو آهي ته ٿاٻو کائيندو آهي، جنهن ٻه شيءِ ۾ هٿ وجهندو آهي، تنهن کي ڪيري ڦٽي ڪندو آهي، تنهن هوندي به بي خبر هوندو آهي ۽ معصوم رهندو آهي.

سو اڄڪلھ جو ڪجھ ٿئي ٿو ٻالڪپڻي جي عمومي مزاج مطابق آهي. ائين زندگي جاري آهي ۽ ادب ڪي قدر ان جي مختلف روين جي پڙهڻي پيش ڪندو ٿو رهي.

**ڪليم لاشاري**

دوستن سان احوال ڪري ڪٿرون ڪڍيون هيون.

سهيل سان فون تي ڳالھ ٻولھ ٿي هئي، لطيف وعدو ڪيو ته هو لنڊن اينڊو ۽ رات سهيل وٽ ٽڪندو.

"پان!! پان!!!"

هارن جي تيز آواز کيس احساس ڏياريو ته پويان ايندڙ ڪار اوور ٽيڪ ڪرڻ لاءِ دڳ گهري رهي آهي. هن آئيني ۾ ڏٺو، همراه اڇي اڪارڊ ۾ هيو، تڪڙو پئي لڳو، لطيف گاڏي کي پاسي تي آندو، اڪارڊ تيزي سان لنگهي وئي.

سامهون هڪ نوجوان ڇوڪر روڊ جي پاسي ۾ بيٺو هيو تنهن اڪارڊ کي هٿ سان لفٽ جو اشارو ڪيو، پر اڪارڊ ساڳئي تيزي سان لنگهي وئي. لطيف ڪنڌ کي ڌوڻيو ۽ ڇوڪر جي پير ۾ وڃي گاڏي جهلي.

نوجوان ڇوڪر، جنهن کي خاڪي پتلون ۽ اڇي اسپورٽس شرٽ پاتل هئي، پيرن وٽ رکيل سفري ٿيلهي کي کنيو. لطيف هن لاءِ دروازو کوليو، ڇوڪر ٿيلهي کي سٽ ڏئي، لوڏي سان در اندر ڪري پوئين سيٽ تي رکيو ۽ 'ٿينڪ يو' چئي سيٽ تي ويهندي در بند ڪيو. سندس مٿي تي هيٽ جهڙي ٽوپي رکيل هئي، جيڪا ڪجھ ميرانجهڙي پئي لڳي، هن ٽوپي لاهيندي چيو، "آئي ايم گوئنگ ٽو مڪلي سر."

ڇوڪر جي ان ڳالھ هن کي واپس موٽائي نيشنل هاءِ وي تي آندو. هن ڪنڌ کي ڌوڻي "ويلڪم" چئي گاڏي کي هلايو. گاڏي آهستگي سان هلڻ شروع ڪيو. لطيف نوجوان جو جائزو ورتو، هو غير ملڪي هيو، سندس ڪپڙا ۽ بوٽ به ٻاهر جا هيا. رنگ ۽ سڌي سنهي نڪ نارمن هڻڻ جي چغلي پئي کاڌي، اکيون وڏيون ڪاريون هيون ڇا هو يوناني هيو؟ سندس ڪل صاف هئي شايد هو اٽلي جو هيو يا ترڪي جو "... پر سندس هيٺيون مشڪندڙ چپ ڪنهن شرير سنڌي ٻالڪ جهڙو هيو..."

هن ڪنڌ ڌوڻي قيافه شناسي ۾ پنهنجي بيخبري کي محسوس ڪندي شائستگي سان پڇيو، "مي آءِ هيو پروليج ٽو نو يو سر؟"

"مائي نيم از علي..." ڇوڪري جي چهري تي شرارت خيز مسڪراهٽ اچي وئي، جيئن کيس پوري پڪ هئي ته سندس لفظن جو اثر

پرخلوص دوست مشهور هيو، سندس آفيسر هن جي معاملہ فهمي جا قائل هيا، هڪ دفعو ڪم متعلق هدايت ملڻ کان پوءِ هو ڪم جي نوعيت مان پوري طرح واقف ٿي ان ڪم ڪي سولائي سان نبيريندو هيو. زبردست گهڻو ڪري هن مان خوش هوندا هيا، ڇو تہ هو ايماندار هيو پر سخت نہ هيو ۽ دوستن جي سفارش هرو ڀرو رد نہ ڪندو هيو.

لطيف پنهنجي خوشي کي لڪائڻ جي ڪابہ ڪوشش نہ ڪئي هئي. "مون کي ڏاڍي خوشي ٿي آهي، پر مان اوهان متعلق ڪو اندازو لڳائي نٿو سگهان، اوهان مهرباني ڪري پنهنجو مڪمل تعارف ڪرائيندا."

"منهنجو والد سنڌي آهي، هو ڪيمبرج ۾ فزڪس پڙهائيندو آهي. منهنجي والده پڻ اتي هسٽري پڙهائيندي آهي. اها آئرش آهي. مان انهن سان ڪيمبرج ۾ ئي رهندو آهيان، ڪنگس ڪاليج ۾ پڙهندو آهيان. فلاسافي ميجر سبجيڪٽ اٿم." علي پنهنجو تعارف ڪرايو، هاڻي لطيف لاءِ سموري ڳالھ سمجهڻ ڪا ڏکي نہ هئي: علي جو والد سنڌي آهي- هو ٻاهر پڙهڻ ويو- اتي شادي ڪيائين ۽ اتي نوڪري- علي انگلينڊ ۾ ڄائو نپنو- سندس والد سنڌي سيڪاري- هاڻي موڪلن ۾ هو سنڌ گهمڻ آيو آهي- ۽ هن وقت چوڪنڊي جو مقام ڏسي اچي روڊ تي بيٺو هيو- جت سندن ملاقات ٿي.

لطيف مسرور هيو، ان احساس ڪيس لطف ڏنو هيو تہ انگلينڊ ۾ هڪ سنڌي پنهنجي پٽ کي سنڌيءَ کان واقف رکيو آهي. هن علي سان گرمجوشيءَ سان هٿ ملايو. علي جي مرڪ گهري ٿي وئي.

"مان سول سرونٽ آهيان، ڪراچي ۾ ڊپٽي سيڪريٽري هيس، هاڻي ڊپٽي ڪمشنر جي پوسٽ تي ٽرانسفر ٿيو آهيان." لطيف پنهنجو تعارف ڪرائيندي ڳالھ کي اڳتي وڌايو.

"ها تہ اوهان چوڪنڊي جون قبرون ڏسي آيا آهيو! اوهان کي ڪا خاص ڳالھ نظر آئي؟" لطيف صرف ڳالهائڻ خاطر سوال ڪيو. هن کي عليءَ جي سنڌي ڳالهائڻ ڪري خوشي پئي ٿي.

علي ڪجھ پل چپ رهيو، ائين لڳو جڻ هو ڪنهن وڏي تفصيل لاءِ لفظن کي ذهن ۾ ترتيب ڏيندو هجي.

"ڇا اهي قبرون پاڻ خاص نہ آهن؟"

آهن، جيڪڏهن اوپر جو اثر هجي ها ته پوءِ اهي صورتون اسان کي گهٽيون نظر اچن ها، صاف ۽ سنئيون هجن ها."
"رستي ۾ هڪ ٻن هنڌن تي ٻه چوڪنڊي قبرون آهن،" لطيف ٻڌايو.
"توهان جو مطلب آهي ته اهڙي قسم جون قبرون جهڙيون چوڪنڊي واري قبرستان ۾ آهن."
"ها اهي چوڪنڊيون...،" لطيف لفظن تي زور ڏيندي چيو.
"معاف ڪجو! توهان شايد اهڙين قبرن کي چوڪنڊي سڏيو ٿا. درحقيقت چوڪنڊي ان ڇٹن ڪندن واري چبوتري ۽ ان مٿان ٺهيل ڇٽي کي سڏيو ويندو هيو. ان ڪري ان مقام جي حوالي سان انهن قبرن کي چوڪنڊي سڏڻ شروع ڪيائون."
عليءَ جي سنجيده چهري تي اطمينان هيو، ڪيس پڪ هئي ته لطيف اها ڳالھ سمجهي ويو آهي.
لطيف ڪنڌ لوڏيو، هو سوچڻ لڳو... "ڇا علي پنهنجي عمر کان وڌيڪ نٿو ڄاڻي؟"
"مڪلي ڏسڻ کان پوءِ اوهان کي ڪهڙين ٻين ڳالهين متعلق پڪ پئجي سگهندي،" لطيف علي جي اکين ۾ ليئو پائيندي پڇيو، هو پاڻ کي عليءَ سان ڪافي بيتڪلف محسوس پيو ڪري.
"چوڪنڊي جي جداگانه حيثيت متعلق پڪ ٿيندي. يعني هتان وارا مڪليءَ جي تهذيبي ۽ تمدني اثر کان ٻاهر هيا. ٻيو منهنجو اهو خيال آهي ته مڪليءَ ۾ جوڌپور ۽ اجمير وارن ڪاريگرن جو هٿ هنر ڏسڻ ۾ ايندو. جيڪڏهن اوهان چاهيو ته مان اوهان کي اهڙيون نشانيون ڏيکاري سگهندس." علي اطمينان سان وراڻيو.
"انشاءَالله اسان پندرنهن منٽن ۾ مڪلي پهچي وينداسين،" لطيف ڪارائي ۾ ٻڌل واچ ۾ وقت ڏسندي چيو.
"اوهان جو مقصد آهي ته جيڪڏهن ڪو وهيل پنڪچر نه ٿيو، فين بليٽ نه ٽٽو يا اهڙي ڪا ٻي ڳالھ نه ٿي ته اسان پندرنهن منٽن ۾ مڪلي پهچي وينداسين." علي شرارت ڀرئي مرڪ سان پڇيو.
لطيف کلي ڏنو.

علي سوچ ۾ پئجي ويو، سندس منهن تي فڪر جو پاڇو نظر نہ پئي آيو.
"سائين اوهان صحيح ٿا چئو- پر جيڪڏهن مان هاڻي سنڌ گهمڻ جو پروگرام ملتوي ٿو ڪيان تہ پوءِ اهو ممڪن ناهي تہ مون کي وري اهڙو سٺو موقعو ۽ فرصت ملي. پيو تہ موجوده حالتن ۾ مون کي چڱيءَ طرح هتان جي سياسي ۽ سماجي حالتن کي ڏسڻ جو موقعو ملندو. باقي هڪ ڳالھ آهي تہ هڙتال سبب سفر ۾ دشواري ضرور ٿيندم..." هن جي ذهن ۾ ڪو خيال آيو ۽ سندس منهن تي مرڪ پکڙجي وئي. هن خوشدليءَ سان چيو.
"... پر پڪ اٿم تہ اوهان جهڙن ڪليل دل وارن جي سنڌ ۾ کوٽ نہ هوندي."
"ادا مان حاضر آهيان. مان پاڻ حيدرآباد، دادو ۽ لاڙڪاڻي مان ٿيندو ويندس، اسان گڏ هلنداسين. الله ڪندو تہ اوهان کي پريشاني نہ ٿيندي." لطيف تڪڙ ۾ وراڻيو.
علي جي مرڪ ۾ شرارت پرجي وئي هن کلندي دهرايو، "الله ڪندو..." هن سنجيده ٿيندي چيو، "سائين! اوهان جي مهرباني، پر آءٌ اوهان کي تڪليف ڏيڻ نٿو گهران. اوهان پنهنجي نوڪريءَ جي سلسلي ۾ وچي رهيا آهيو، اوهان کي پنهنجي گهر بہ وڃڻو هوندو. اوهان کي منهنجي طرفان اجازت آهي. مان اِنهن مهربانين لاءِ ٿورائتو آهيان."
لطيف کي پڪ ٿي تہ علي پنهنجو پروگرام ملتوي نہ ڪندو، جو تہ اهو هن لاءِ ممڪن نہ هيو. مليل موڪل جو ڳپل وقت هن هندوستان ۾ گذاريو هيو باقي ٿورو وقت رهيو هيو. هن جا ڪلاسز شروع ٿيڻ وارا هيا، تنهن ڪري هن کي واپس انگليند وڃڻو هيو. هو ڪو هتان جو رهواسي تہ نہ هيو جو اڄ نہ صبحاڻي حالات بهتر ٿيڻ جو انتظار ڪري سگهي ها. ان صورتحال ۾ پنهنجي سرڪاري حيثيت سبب هو سٺو رهبر بہ ثابت ٿي سگهي پيو تہ نگهبان بہ، پيو تہ ميزباني جي سماجي روايت ڪري هو عليءَ کي اڪيلو ڇڏڻ بہ پسند نہ پيو ڪري، ٿيون تہ هو ايتري ٿوري عرصي ۾ عليءَ سان اهڙو مانوس ٿي ويو هيو جو پنهنجائپ جي هڪ طاقتور احساس هن جي وجود کي وڪوڙي ورتو هيو، چوڻون تہ پنهنجي ذات ۽ اڪيلائپ جي تصور بہ اداسي جي هڪ لهر هن جي ذهن

جي اُفق تي سياري جي جهڙ جيئان پکيڙجي چڙهي هئي. اهي سڀ ڳالهيون هن جي ذهن ۾ بنا ڪنهن ترتيب جي ڦرڻ لڳيون. هن گلو صاف ڪري عليءَ ڏي ڏسندي چيو.
"مون کي جوائننگ ٽائيم ڪافي آهي. مان پاڻ موڪلن ۾ وقت گذارڻ جا بهانا ڳوليندو آهيان...،" هن ڌيري آواز سان چيو، "... منهنجو نه ڪو گهر آهي نه ٻار... سندس آواز وڌيڪ ڳرو ٿي ويو، ائين محسوس پئي ٿي ته ڪنهن شديد احساس هن کي رنجيده ڪيو آهي.
عليءَ هن ڏي ڏسندي چيو،
"سائين مون کي ڏک آهي جو منهنجي ڪنهن لفظ سبب اوهان کي اهي ڳالهيون ياد اچي ويون جن کي اوهان وسارڻ گهرو پيا."
هو هڪ لمحي لاءِ چپ ٿي ويو، "چا لنڊي ۾ رات گذارڻي آهي؟"
"سهيل سان ته ائين پروگرام لهو هيو." لطيف وراڻيو.
"رات چانڊوڪي جي آهي، مان سمجهان ٿو دنيا جو هي وڏو قبرستان چانڊوڪي جي روشني ۾ دلچسپ نظارو پيش ڪندو."
"ها! رات جي ماني کان پوءِ ته مڪلي جو چڪر ڏئي سگهجي ٿو" لطيف کي عليءَ جو خيال پسند آيو هيو.
عليءَ کي منهن تي مرڪ اچي وئي، هو لطيف کي پراڻين يادين کان ٻاهر ڇڪي آيو هيو. روڊ جي پر ۾ بيٺل هڪ ماڻهو ڪين اشاري سان ڪنهيون ڏيکاريون، جيڪي هو وڪري لاءِ ڪنيون بيٺو هيو.
"اهي ويچارا ڏاڍا صبر وارا آهن."
لطيف چيو.
"مقصد؟"
عليءَ پڇيو.
"سنڌي غريب آهي پر صابر آهي، هو پنهنجي غربت جو شاڪي نه آهي. پنهنجي قسمت کي قبول ڪيون ويٺو آهي..." لطيف وراڻيو.
عليءَ جي اکين جي چمڪ تيز ٿي وئي، سندس چپن تان مرڪ گم ٿي وئي.
"غريب هئڻ عيب آهي نه ثواب، غربت خامي آهي نه خوبي، اها ته هڪ ڪيفيت آهي جيڪا اقتصادي عمل سبب پيدا ٿئي ٿي. جيڪڏهن اهو

سنڌي غريب آهي ته ان جو استحصال ٿيندو هوندو، جيڪڏهن اهو صابر آهي ته ڪيس مذهبي عقيدن ۽ سماجي رسمن سان خاموش رکيو ويو آهي- نه ته ڪوبه باهوش ماڻهو ناانصافي تي خاموش رهي نٿو سگهي، شڪر ڪرڻ ته وڏي ڳالهه آهي." علي تيزيءَ سان انگريزيءَ ۾ چيو. هو جڏهن محسوس ڪندو هيو ته سنڌيءَ ۾ پنهنجي خيالن جو پوريءَ طرح اظهار نٿو ڪري سگهي ته پوءِ انگريزي ۾ ڳالهائڻ لڳندو هيو.

لطيف حيرت سان عليءَ جي منهن ۾ ڏسڻ لڳو. هن ته هڪ عمومي ڳالهه ڪئي هئي، ڪيس اها خبر نه هئي ته چيل لفظن جو تجزيو ڪيو ويندو. هن تڪڙ ۾ بچاءُ ۾ چيو.

"مان ته صرف عام ماڻهو جي نصيب جي ڳالهه پئي ڪئي."

عليءَ جو منهن ڳاڙهو ٿي ويو هيو، "ڇا اوهان سمجهو ٿا ته قسمت ڪا شيءِ آهي؟" هن لطيف جي اکين ۾ ڏسندي سوال ڪيو. هن جو لهجو سندس اندروني جوش جي چغلي کائي رهيو هيو.

"ڪجهه نه ڪجهه ته انسان جو نصيب به هوندو."

"مذهب خود به تقدير متعلق بنيادي سوالن جا جواب ڏيڻ کان قاصر آهن- حالانڪ انهن جو دارومدار به هڪ حد تائين تقدير جي يقين تي آهي..."

علي جي لهجي ۾ ساڳئي نرمي موٽي آئي هئي، سندس روايتي مشڪ وري چپن تي رقصان هئي. هن شرارت ڀرئي انداز ۾ چيو، "... بيشڪ مذهب دکي انسانيت لاءِ آفيم آ... سورن کان غافل ڪندڙ، ڦٽن کان بيخبر رکندڙ- پوءِ ڀل اهي زخم ڇو نه ناسور ۾ تبديل ٿي وڃن..."

هن جي شرارت ڀرئي انداز ۾ تلخي به هئي جيڪا لطيف پوري طرح محسوس ڪئي. علي اقتصادي ۽ معاشرتي زندگي ۾ ٿيندڙ ڏاڍ ۽ ناانصافي متعلق پئي ڳالهايو ۽ لطيف سنجيده ٿي اهو سڀ ڪجهه ٻڌندو رهيو. هو علي جي خيالن سان متفق پئي لڳو.

علي چئي رهيو هيو، "... اهڙي طرح نصيب جو خيال سور کي گهٽ ڪرڻ واري دوا آهي. جيڪڏهن اها دوا ماڻهو کي نه ڏني وڃي ته هو پنهنجي ڦُرجڻ جي خيال جي اذيت کي نه سهي سگهندو ۽ ڦر ڪندڙن آڏو ٿيندو، انهن سان ٻاڪرين پئجي ويندو."

عليءَ جي انداز بيان لطيف کي گهڻو متاثر ڪيو هيو، سندس ذهن

۾ ڪتابن ۾ لکيل ڳالهيون ڦرڻ لڳيون. هن ته ڪڏهن به انهن ڳالهين تي ڌيان ئي نه ڏنو هيو. حالانڪ مذهب ۽ سندس زندگي ۾ بس ٽڪ واري سهڻي رلهي جي حيثيت رکي پيو، جڏهن ڪا عيد برات ٿي ته ڪڻ تي وڇائي، بعد ۾ ويڙهي سيڙهي صندوق ۾ رکي ڇڏي. کيس ياد پيو ته ڪيئن والدين جي هن دنيا ۾ لاڏاڻي ڪرڻ تي هن جو مذهب سان واسطو پيو هيو.

ملان، غسل، ڪفن، دفن، جمعاڻو، ختمو ۽ بس!

وري جڏهن سندس گهر واريءَ هي دنيا ڇڏي ته هن جو وري ساڳئي طرح مذهب سان واسطو پيو، ڪفن دفن کان پوءِ وري مذهب هن لاءِ بيڪار هيو. مذهب سان ڪٽر پڻي واري وابستگي نه هئڻ سبب هن لاءِ عليءَ جي ڳالهين سان اتفاق ڪرڻ ڏکيو نه هيو.

علي تفصيل سان تقدير واري نظريئي جي دليلن سان مخالفت ڪندو رهيو. هو چئي رهيو هيو، "... ريگستانن ۾ رهندڙن جو موت گهڻو ڪري نانگ کاڌي ٿئي ٿو، وڏن شهرن ۾ ماڻهو ٽريفڪ حادثن جو شڪار ٿين ٿا، فوجي جنگين ۾ مرن ٿا نه ته وڏين عمرين تائين جيئن ٿا، اڻ تارون ڪي پاڻي ۾ ڦٽو ڪيو، هو پاڻ بچائڻ لاءِ هٿ پير هڻندو، هن پنهنجي وزن کان وڌيڪ پاڻي هٽايو ته هو ترڻ لڳندو، جيڪڏهن کيس ڪنهي طرح هٿ پير هڻڻ نه آيا ته هو ٻڏندو. پر ڪو سٺو تارون ٻڏندڙ جي مدد ڪندو ته به هو بچي ويندو... اسان ڏٺوسين ته ان سموري عمل ۾ ڪنهن ٻاهرين طاقت ڪابه ڪاريگري نه ڏيکاري، سمورو عمل طبعي قانونن هيٺ ٿيو..." علي خاموش ٿي ويو ڪار هڪ بنگلي جي گيٽ ۾ داخل ٿي رهي هئي.

در تي بيٺل گارڊز رائفلون مٿي ڪئي سلامي ڏني، علي سندن حرڪتن کي دلچسپي سان پئي ڏٺو. شايد کيس بڪنگهام پيلس تي مقرر لال ڪرتي (RED COATS) ياد آيا. لطيف گاڏي وڻ جي ڇانو ۾ بيهاري، ٻئي ڄڻا هيٺ لٿا. بنگلي جي عمارت مان هڪ قبول صورت جوان تڪڙو تڪڙو ٻاهر نڪتو ۽ کلندو ٻنهي هٿ لوڏيندو انهن ڏانهن آيو. لطيف وڌي کيس ڀاڪر پاتو. هو هڪ ٻئي کان طبيعت جو حال ونندا رهيا.

سهيل هٿ ملائي حيرت سان علي ڏي ڏسڻ لڳو. لطيف تعارف

ڪرائيندي چيو، ”هي علي آهي! هي سهيل آهي.“
سهيل ۽ علي هڪ ٻئي سان هٿ ملائي خوش خير عافيت ڪئي. سهيل لطيف ڏي ڏٺو، سندس نگاهن ۾ سوال جي نشاني هئي.
”منهنجو ڪزن آهي!“ لطيف تڪڙ ۾ وراڻيو.
”سائين ڇا پڙهندا آهيو؟“ سهيل ڪنڌ لوڏيندي پڇيو.
”سوشل سائنسز ۾ بيچلرز ڪيان پيو.“ علي اطمينان سان جواب ڏنو.
”ڪٿي؟“ سهيل جي اکين ۾ الجهن نظر آئي.
”ڪنگس ڪاليج، ڪيمبرج.“
سهيل ڪنڌ لوڏيو، جيئن ڪيس سموري ڳالهه سمجهه ۾ اچي وئي هجي.
”اچو سائين!“ هٿ جو اشارو ڪندي هن بنگلي اندر هلڻ لاءِ چيو.
هو ورانڊي مان ٿيندا هڪ وڏي ڪمري ۾ پهتا. جتي پراڻي طرز جا ٻه صوفا سيٽ پيل هيا. پاسن ۾ نيٽ جون واٽيل آرام ڪرسيون رکيل هيون. ڇت ۾ لٽڪيل انگلينڊ جو پراڻو پکو هلڪو آواز ڪڍندي، هوا پهچائڻ جي جدوجهد ۾ مصروف هيو. ٻه پيڊسٽل پکا ڪمري جي ڪنڊن کان صوفن ڏي رخ ڪيون ڪنهن وفادار ملازم وانگر مستعد بيٺا هيا. ڪمرو ٿڌو هيو. علي ڇت ڏي ڏٺو. اها اوچي هئي، ”سورنهن فوٽ ٿيندي.“ هن سوچيو.
ٺهڪ جي وڏي آواز کيس خيالن مان واپس آندو.
”... مان نہ چيو هيو تہ هو توکي سيڪريٽريٽ ۾ نہ ويهاري سگهندا. ٽن مهينن ۾ تون سيڪريٽريٽ مان جند ڇڏايون ٿو وڃين...“
هڪ سپاهي جگ گلاس کڻي آيو.
”... يو مسٽ بي هيوئنگ سم باڊي اپ ديئر، ادر وائيز اٽ از امپاسيبل ٽو گيٽ آئوٽ آف ديٽ ويب،“ سهيل سپاهي جي موجودگي جي پيش نظر انگريزي ۾ چيو.
”بليو مي آءِ ڊڊنٽ ايون نيو ٽل دي لاسٽ مومينٽ.“ لطيف آهستگي سان وراڻيو.
”واٽ لاسٽ مومينٽ؟ ڊونٽ ٽيل مي ٽيلز.“ سهيل بي اعتباري سان چيو.
سپاهي گلاسن ۾ اسڪواش وجهي انهن ڏي کڻي آيو.
”لاسٽ ويڪ دي سي ايس آسڪڊ مائي ولنگنيس دين آئي ڪيم ٽو نيو

ٽائون ڪميٽي لاءِ تيرهن سيٽن تي ڪنهن بہ اميدوار فارم نہ ڀريو صرف ستن سيٽن تي ڪن فارم ڀريا. اهڙي طرح ٽائون ڪميٽي جي باڊي نہ ٺهي سگهي."

علي ڪنهن بہ قسم جو تبصرو نہ ڪيو. سهيل موجوده ڪيفيت متعلق چيو.

"... ڏينهن ۾ ٻہ ٽي جلوس نڪرڻ عام ڳالھ آهي."

"اهڙي صورت ۾ اوهان جي ديوٽي وڌيڪ ڏکئي ٿي وئي هوندي، ماڻهن جي حڪومت سان بي انتها نفرت اوهان کي بہ ظالمن جي صف ۾ آڻي بيهاريو هوندو، اوهان ڪيئن هجوم تي ڪنٽرول ڪري سگهندا هوندا."

علي مشڪندي سهيل کان پڇيو.

"اسان جي دل تي اهو ٿي چئي تہ وردي لاهي جلوس ۾ شامل ٿي وڃون، پر شايد ايتري همت ڪونهي،" سهيل ٺهڪ ڏئي وراڻيو، هن سنجيده ٿيندي ڳالھ جاري رکي، "... ادا! هجوم کي قابو ۾ رکڻ جو طريقو اهو آهي تہ پوليس ڪنهن بہ قسم جي رڪاوٽ پيدا نہ ڪري، ان کي هجوم کان پري رکجي. وردي ڏسي هو وڌيڪ مشتعل ٿين ٿا. تنهن ڪري اسان جلوس کان ڪجھ پنڌ پري رهون ٿا!"

ٽن پهرن کان پوءِ علي ۽ لطيف هڪ گائيڊ سان مڪليءَ جو شهر خموشان ڏسڻ ويا. سهيل انهن سان گڏ نہ هلي سگهيو. شهر ۾ سياسي ڪارڪن گرفتاري پئي ڏني. علي هر هڪ قبر کي غور سان ڏسندو پنهنجي ننڍڙي نوٽ بڪ ۾ ڪجھ لکندو رهيو. ٻہ ٽي دفعا لطيف جو ڌيان ڪنهن خاص شيءِ طرف بہ ڇڪرايائين.

علي کي ڪجھ تڪڙ ڪرڻي پئي، تنهن هوندي بہ جڏهن هو مقام تان موٽيا تہ سج لهي چڪو هيو.

بنگلي تي واپس پهچي هو ٻاهر پيل بيد جي ڪرسين تي ويٺا. سهيل اڃان واپس نہ موٽيو هيو. سپاهي ٽاڊل جي جڳھ ڪٽي آيو. انهيءَ وقت سهيل بہ جيپ تي اچي پهتو.

"مهل سر پهتو آهيان، توهان کي اڪيلو ٽاڊل پيئڻ ڪين ڏيندس." هن کلندي چيو.

"اسان پاڻ اوهان جا منتظر هياسين، ڪيو احوال خير تہ هيو؟ دير ڪيو؟"

ٽائون ڪميٽي لاءِ تيرهن سيٽن تي ڪنهن به اميدوار فارم نه ڀريو صرف ستن سيٽن تي ڪن فارم ڀريا. اهڙي طرح ٽائون ڪميٽي جي باڊي نه ٺهي سگهي."
علي ڪنهن به قسم جو تبصرو نه ڪيو. سهيل موجوده ڪيفيت متعلق چيو.
"... ڏينهن ۾ به ٽي جلوس نڪرڻ عام ڳالهه آهي."
"اهڙي صورت ۾ اوهان جي ديولي وڏيڪ ڏکئي ٿي وئي هوندي، ماڻهن جي حڪومت سان بي انتها نفرت اوهان کي به ظالمن جي صف ۾ آڻي بيهاريو هوندو، اوهان ڪيئن هجوم تي ڪنٽرول ڪري سگهندا هوندا."
علي مشڪندي سهيل کان پڇيو.
"اسان جي دل تي اهو ٿي چئي ته وردي لاهي جلوس ۾ شامل ٿي وڃون، پر شايد ايتري همت ڪونهي،" سهيل ٿهڪ ڏئي وراڻيو، هن سنجيده ٿيندي ڳالهه جاري رکي، "... ادا! هجوم کي قابو ۾ رکڻ جو طريقو اهو آهي ته پوليس ڪنهن به قسم جي رڪاوٽ پيدا نه ڪري، ان کي هجوم کان پري رکجي. وردي ڏسي هو وڌيڪ مشتعل ٿين ٿا. تنهن ڪري اسان جلوس کان ڪجهه پنڌ پري رهون ٿا!"
ٽن پهرن کان پوءِ علي ۽ لطيف هڪ گائيڊ سان مڪليءَ جو شهر خموشان ڏسڻ ويا. سهيل انهن سان گڏ نه هلي سگهيو. شهر ۾ سياسي ڪارڪنن گرفتاري پئي ڏني. علي هر هڪ قبر کي غور سان ڏسندو پنهنجي ننڍڙي نوٽ بڪ ۾ ڪجهه لکندو رهيو. ٻه ٽي دفعا لطيف جو ڌيان ڪنهن خاص شيءِ طرف به ڇڪرايائين.
علي کي ڪجهه تڪڙ ڪرڻي پئي، تنهن هوندي به جڏهن هو مقام تان موٽيا ته سج لهي چڪو هيو.
بنگلي تي واپس پهچي هو ٻاهر پيل بيد جي ڪرسين تي ويٺا. سهيل اڃان واپس نه موٽيو هيو. سپاهي ٽاڊل جي جڳهه ڪٽي آيو. انهيءَ وقت سهيل به جيپ تي اچي پهتو.
"مهل سر پهتو آهيان، توهان کي اڪيلو ٽاڊل پيئڻ ڪين ڏيندس." هن کلندي چيو.
"اسان پاڻ اوهان جا منتظر هياسين، ڪيو احوال خير ته هيو؟ دير ڪيو؟"

"توهان جيڪي جانيون افراتفري ۽ گوڙ گمسان کان بچايون سي وري انهن گهات ڪيون. توهان قانون جو خون ڪيو- ان جو ڪير ذمہ دار آهي؟
"توهان چا ٿا سمجهو اهو سڀ ڪجهہ ٽري نٿو سگهي؟ جن ڪي انڌي اونڌي ڪورٽن موت جي سزا ڏني، جنهن کي فوجين گولي هڻي ماريو ڇا اهو سڀ ڪجهہ اتفاقي هيو؟
"نہ سائين! اهو موت منصوبہ بنديءَ سان واقع ٿيئي ٿو. جانبدار آنگريون گرمہ ٽريگر دبائن ٿيون. گرمہ سيهو نڪري ٿو ۽ هڪ ڪوهنور هيرو ريزه ريزه ٿي وڃيٿو. بندوق جو فولاد ٿڌو ناهي ۽ نہ ئي اهو غير جانبدار آهي. اهوفولاد جيئرو آهي، ان ۾ غاصب جي اقتدار جي هوس جو مسلسل خيال بجلي ڊوڙائيندو رهي ٿو ۽ اهي هٿ جيڪي بندوق جهلين ٿا، نشانو ولن ٿا، ٽريگر دبائين ٿا پڻ مجرمہ آهن. انهن کي ڏوهہ کان آجو نٿو ڪري سگهجي.
"اوهان ئي ظلمہ جي ان ماڙي کي قائمہ رکڻ جا ذمہ دار آهيو. اهڙي طرح اوهان عوامي تحريڪ کي ختمہ ڪرڻ ۽ ڪچلڻ جا محرڪ ٿيو. آمر جي آمريت کي مستحڪمہ ڪندڙ ٿيو، آمريت سڀبان ٿيندڙ ناانصافين ۾ مددگار ٿي، غريب جي غربت ۽ خواريءَ جا محرڪ بڻيو، ذهني ۽ سياسي ترقيءَ ۾ رڪاوٽ پيدا ڪيو، ظلمہ ۽ جبر ۾ پانهن پيلي ٿي، انسانيت جي قافلي کي روڪ..."
سهيل ۽ لطيف جي چپن تي جيڪا مسڪراهٽ هئي اها آهستي آهستي معدومہ ٿيندي وئي ۽ هو حد درجہ منجيلہ ٿي ويا. انهن علي جي مخالفت ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي هئي. شايد ڀهريون پيرو ڪنهن ڪين الزامہ ڏنو هيو. حيرت ۽ صدمي سبب هو چپ هيا. اجا تائين جواب ۾ ڪجهہ چوڻ جو سوچي نہ سگهيا هيا.
"... پر اوهان عامہ حالتن ۾ ايتري سوچڻ جي تڪليف گوارا نٿا ڪيو، ڇا اوهان سمجهو ٿا تہ زماني ۾ موجود استحصال پنهنجو پاڻ ختمہ ٿي ويندو ۽ اوهان سڪون سان زندگي گذاريندو؟
"جيستائين ناانصافي خلاف عمل نٿو شروع ڪجي اها ختمہ نہ ٿيندي، اسان جڏهن قائمہ نظام جي مخالفت نٿا ڪيون پوءِ چاهي اسان ڪنهن بہ طبقي سان تعلق رکون پاڻ بہ چو نہ پيڙهجندا رهون، حقيقت ۾

رينڪ جو اندازو لڳائڻ جي ڪوشش پئي ڪئي.
"جونيئر ڪميشنڊ آفيسر آهي،" لطيف گاڏي جهليندي علي کي ٻڌايو. علي ڪنڌ کي هلڪو ڌوڻو ڏنو.
"ڪير آهيو؟ ڪاڏي ٿا وڃو؟؟" فوجي لطيف جي پاسي ۾ اچي رعبدارانه انداز ۾ پڇيو.
"سرڪاري ملازم آهيان، نوابشاهه ٿو وڃان." لطيف اطمينان سان جواب ڏنو.
فوجي هن جو اطمينان ڏسي ڪجھ پريشان ٿيو پر وري آواز کي ڳرو ڪندي چوڻ لڳو.
"ڇا اوهان کي خبر ناهي ته هڙتال آهي؟ اوهان ڪاڏي نڪتا آهيو؟؟"
"ڇا هڙتال سرڪاري آهي ۽ اوهان کي ٽريفڪ روڪڻ جا آرڊر آهن؟" لطيف ساڳئي اطمينان سان جواب ڏني بجاءِ الٽو سوال ڪيو.
فوجي منجهي پيو، سندس پريشاني، هن جي رعب قائم رکڻ جي ڪوشش ۾ عجيب ڪل جهڙو تاثر پيدا ڪيو. علي جي منهن تي مرڪ وڌندي وئي.
... منهنجو مطلب آ ته سر... رستي ۾ ماڻهو پٿر هڻن ٿا، گاڏيون روڪين ٿا... اوهان کي نقصان نه پهچائن."
"مهرباني! اسان پنهنجو بلو پاڻ ڪنداسين." لطيف گاڏي کي هلايو ۽ هٿ ڪڍي لوڏيو. فوجي جي پريشاني وڌي وئي هئي هن کي ڪا ڳالھ سمجھ ۾ نه آئي، هن تکڙ ۾ سيلوٽ ڪيو.
"مون کي هن جو رويو سمجھ ۾ نه آيو،" علي آهستي چيو، سندس انداز ڪنهن گهري خيال جي چغلي پئي ڪاڏي.
"هڪ لطيفو مشهور آهي ته فوج ۾ ڪاميابي جا چار سنهري اصول آهن: جيڪو مٿي هجي ان جي تابعداري، جيڪو گهٽ هجي ان تي رعب، جيڪا شئي هلي ان کي سيلوٽ هڻڻ ۽ جيڪا شئي بيٺل هجي ان کي پوچي ڪرڻ." لطيف چيو.
ٻئي ڄڻا کلڻ لڳا.
"حقيقت اها آهي ته هتي سندن رويو ٺيڪ نه آهي- هو لوڪل ماڻهن تي ڀروسو نٿا ڪن، حڪومت جي مخالف پارٽين کي ملڪ دشمن قرار ڏين ٿا. سيٽلرز کي فوقيت ڏين ٿا..." لطيف مارشل لا جي عمومي مزاج تي

صوبيدار صرف "ڀلي سائين!" چئي سگهيو هيو. لطيف گاڏي هلائي. صوبيدار سيلوٽ ڪيو. هن دفعي سلام ۾ ڪجھ جوش ڏسڻ ۾ آيو هيو.

گاڏي شهر اچي پهتي، اڳتي وچڻ جو دڳ ڪونہ هيو. سامهون ماڻهن جو وڏو ميڙ هيو. لطيف پاسي واري گهٽي ۾ وڃي گاڏي جهلي. ٻئي ڄڻا گاڏي مان لهي ميڙ طرف ويا. علي جي منهن تي ڪوبہ تاثر نہ هيو، صرف اکين ۾ تجسس نظر پئي آيو. هالا ۾ جلسي جي ڪارروائي مڪمل ٿيڻ ۾ ٿورو وقت لڳي ويو. نعره نما تقريرن ۽ پتلن ساڙڻ کان پوءِ سياسي ڪارڪنن گرفتاري پيش ڪئي هئي. سياسي پابندي هوندي بہ ماڻهن سهڻي طريقي سان سخت فوجي قانون کي نظر ۾ رکندي اهو سڀ ڪجھ ڪيو هيو. جن سياسي ڪارڪنن کي گرفتاري پيش ڪرڻي هئي انهن ٿي نعره هنيا ۽ پتلن کي باهہ ڏني. اهڙي طرح پوليس کين قانون جي ڀڃڪڙي ڪرڻ جي الزام ۾ گرفتار ڪيو. باقي جمع ٿيل ميڙ، نعرن جا جواب ڏيڻ ۽ تاڙيون وڄائي پنهنجي پسند ۽ ناپسند جو اظهار ڪيو.

علي ماڻهن جي ان سياسي مظاهري کي دلچسپي سان ڏٺو.

ميڙ منتشر ٿيو. هو ٻئي روانا ٿيا. رستي ۾ پوليس جي هڪ اڌ گاڏي کين ملي، لطيف جي شناخت ڪرائڻ تي انهن بنا حيل حجت جي کين اڳتي وڃڻ ڏنو.

هڪ هنڌ فوج جي گاڏي کين روڪيو. انهن گاڏي جي تلاشي وٺڻ لاءِ چيو. لطيف جي پاڻ شناخت ڪرائڻ جي باوجود بہ فوجين تلاشي ورتي هئي.

لطيف کي انهن جي روي تي سخت ڪاوڙ لڳي ۽ هن پنهنجي ڪاوڙ جو اظهار بہ ڪيو، پر فوجين تلاشي کان پوءِ ئي کين اڳتي وڃڻ ڏنو.

"اوهان جو انچارج ڪير آهي؟" لطيف پڇيو.

"ميجر صاحب، ڇو؟" جواب مليو.

"مان ان سان اوهان جي شڪايت ڪندس. اهو ڪٿي آهي؟" لطيف ترش لهجي ۾ چيو.

"ميجر صاحب گشت تي آهي." رکو جواب مليو.

لطيف گاڏي کي اڳتي وڌايو. علي جي موجودگي ۾ فوجين جي روي سبب

نظر آئي. سڪرنڊ ۾ ماڻهن جو وڏو جلوس هيو. نوابشاهه ويندڙ ڏگهه بند هيو. انهن گاڏي روڊ تان لاهي پاسي ۾ جهلي. معلوم ٿيو ته صبح جو جلوس تي فائرنگ سبب، ڪجھه ماڻهو مٿا هيا ۽ ڪيترا ڦٽيا. فوج لاش ۽ زخمين کي نوابشاهه اسپتال کڻي وئي هئي. نوابشاهه ويندڙ ڏگهه بند ڪيو ويو هيو، ته ماڻهو اتي وڏي تعداد ۾ جمع ٿي ڪو نقصان نه رسائين. هي جلوس پر وارن ڳوٺن مان فائرنگ جي خبر ٻڌي جمع ٿيلن جو هيو. جيڪي فوج خلاف نعره هڻي رهيا هيا.

نوابشاهه وڃڻ ممڪن نه هيو. جلوس لنگهي وڃڻ کان پوءِ هو اڳتي رواڻا ٿيا. انهن نوابشاهه بدران دادو وڃڻ جو ارادو ڪيو.

سفر سندن اميدن کان گهڻو آهستي پئي طئي ٿيو. هر هنڌ هڙتال ۽ ڪن هنڌن تي جلوس سبب ڪين گاڏي روڊ تان لاهي پاسي ڪري جهلڻي پئي هئي.

موري کان ڪجھه پنڌ اڳ فوجي چيڪ پوسٽ تي گاڏي جي تلاشي ورتي وئي. لطيف هاڻي اعتراض نه ڪيو هيو.

"اسان ان ڪئميرا جو رول ڪڍنداسين." صوبيدار ميجر، علي جي ڪئميرا تي اعتراض ڪيو.

"رول ۾ توهان جو ڪهڙو ڪم؟ ان ۾ اسان جا آرڪيالاجي جا فوٽو آهن." لطيف تکڙ ۾ چيو.

"اسان کي ڪهڙي پڪ ته اهي مظاهرن يا فائرنگ جا ناهين؟" صوبيدار ميجر دانائي ڏيکاريندي اعتراض جاري رکيو.

"پر اسان پنهنجا قيمتي فوٽو ائين زيان نه ڪنداسين،" لطيف پڻ اعتراض ڪيو.

"توهان پنهنجي ايڊريس ڏئي وڃو، جيڪڏهن تصويرون اعتراض جوڳيون نه هونديون ته رول اوهان ڏي ڏياري موڪلينداسين." ائين چئي صوبيدار ميجر ڪئميرا کولڻ جي ناڪام ڪوشش شروع ڪئي.

علي سندس هٿن مان ڪئميرا ولي رول کي واپس ويڙهي. ڪئميرا کولي رول ڪڍي هن جي حوالي ڪيو. سندس چپن تي روايتي مشڪ رقصان هئي. هن فوجين جي زيادتي تي ڪاوڙ نه ڪئي هئي صوبيدار ميجر رول هٿيڪو ڪري چيڪ پوسٽ جو بيريئر مٿي ڪرڻ جو اشارو ڪيو.

رڳڙ جو تيز آواز ڪري بيهي رهي.
سامهون روڊ تي بيٺل فوجي هيٺ ڪري پيا. ماٺهن جون دانهون بلند ٿيون، ڪجھ فوجي ٽپا ڏئي روڊ جي پڪ ۾ لهيل مورچن ۾ پئي لڪا. ٽرڪ مان ماٺهو لهندا چئني طرفن ڏي ڀڄندا پئي ويا. ٽرڪ هڪ جهٽڪي سان هلي ۽ تيزي سان ڊڪندي نظرن کان غائب ٿي وئي.
لطيف ۽ علي جي اکين ۾ تجسس ۽ منهن تي ڏک جا تاثرات هيا. اڳتي وڃڻ خاطري کان خالي نہ هيو. هو اهو اندازو بہ نہ لڳائي سگهيا هيا تہ ڇا ٿي چڪو آهي.
عليءَ جي هميشہ مطمئن رهندڙ اکين ۾ بيچيني صاف نظر پئي آئي. اڌ ڪلاڪ کن هو گاڏي ۾ ويٺا انتظار ڪندا رهيا- فضا ۾ خاموشي ڇانئيل رهي.
لطيف، علي ڏي ڏٺو، سندس اکين ۾ سوال هيو. عليھ ڪنڌ ڌوڻي هاڪار ۾ جواب ڏنو.
لطيف گاڏي کي اسٽارٽ ڪيو. گاڏي آهستہ آهستہ شهر ڏي وڌڻ لڳي. شهر جي ٻاهران چيڪ پوسٽ لهيل هئي. چيڪ پوسٽ کان ٿيھ وال اڳ ٿي ڪين گاڏي بيهارڻي پئي. روڊ جي پر ۾ ڪچين سرن جي مورچي ۾ ويٺل حوالدار هٿ جي اشاري سان گاڏي جهلڻ لاءِ چيو. لطيف گاڏي روڊ جي پاسي ۾ جهلي.
سامهون شهر مان هڪ جلوس نعرہ هڻندو پئي آيو-
"شايد شهر جي ماٺهن فائرنگ جو آواز ٻڌي هيڏانهن جو رخ رکيو آهي. هو ڄاڻڻ چاهيندا هوندا تہ ڇا ٿي رهيو آهي." علي اندازو هنيو.
جلوس جو رخ چيڪ پوسٽ طرف هيو. جٽ هاڻي ڪوبہ فوجي نظر نہ پئي آيو.
"هي ماٺهو پنهنجن گرفتار ساٿين جي آزاديءَ جو مطالبو ٿا ڪن- ڪنهن معصوم ٻار جو بہ ذڪر آهي." لطيف نعرن مان نتيجو اخذ ڪندي ٻڌايو.
علي جيڪو چيڪ پوسٽ طرف ڏسي رهيو هيو تنهن جي اکين ۾ بيچيني جي هڪ وڏي موج اٿي، اها موج وڌي وڌندي. هن ڦڪي بلڊنگ مٿان فوجين کي خاموشيءَ سان مشين گن کي مسبرائيندي ڏٺو هيو. انهن ايندڙ

جلوس طرف شست ورتي ۽ جلوس جي ويجهي اچڻ جو انتظار ڪري رهيا هيا.
علي پنهنجي وجود کي ان موج جي وهڪري ۾ وهندي محسوس ڪيو. ان ڳالھ ۾ ڪو شڪ نہ رهيو هيو تہ هو ماڻهن مٿان فائرنگ جو پختو ارادو ڪيون ويٺا هيا. اهڙي ظلم ۽ ناحق جي خيال علي کي بيچين ڪري وڌو، هو سڌ ڏئي گاڏي تان لٿو ۽ جلوس طرف ڊوڙڻ لڳو... هن جي ذهن ۾ معصوم ۽ بيگناھ ماڻهن جا لاش ڦري ويا.
... انهن کي ائين مرڻ نہ گهرجي..." ذهن دانهن ڪئي. هن پنهنجي هٿ مٿي ڪري رڙ ڪئي، "پنتي موٽو! فوجي اوهان کي گوليون هڻندا... واپس ٿيو، هي گهات ۾ ويٺا آهن... موٽو!!"
هو ڊوڙندو ويو دانهون ڪندو رهيو ۽ ويو جلوس کي ويجهو ٿيندو. هن جي ذهن ۾ بس اها ئي ڌن هئي تہ ڪهڙي طرح بہ انهن معصوم ماڻهن کي ائين ظلم جو شڪار ٿيڻ کان بچائجي ڪيس پنهنجي سر جي بہ پرواھ نہ هئي. هن کي اها پڪ هئي تہ جلوس جي پنتي موٽڻ تي فوجي ضرور هن مان خار ڪڍندا.
هو رڙيون ڪندو رهيو. "موٽو! جلدي ڪيو... موٽو..."
۽ هائي سندس آواز ۾ بيوسي ۽ ڏک ظاهر هيو، ڪنهن بہ مهل سانحو ٿي سگهي پيو... ڪو خطرناڪ حادثو... ڪا خوفناڪ سازش عمل ۾ اچي سگهي پئي.
جلوس پنهنجي تيزي ۾ ايترو ويجهو پهچي چڪو هيو جو ڪنهن بہ مهل ان تي فائرنگ ٿي پئي سگهي.
جلوس جي مهڙ ۾ جيڪي همراھ هيا انهن هن جي رڙين سبب هڪ جهٽڪو کاڌو پر جلوس هلندو رهيو.
فضا فائرنگ جي مسلسل آواز سان پرجي وئي.
موت جو گيت شروع ٿي ويو.
گهائلن جون رڙيون، زخمين جي دانهن ۽ زندگي جي شڪست جو آواز ان گيت جو حصو بڻجي ويا.
جيڪي ڪجھ دير اول هڪ چوليءَ وانگر پئي هليا، جن ۾ زندگي جي امنگ هئي، جيڪي آزاديءَ جا پروانا هيا، جن پنهنجو حق پئي گهريو، اهي

مضبوط ۽ ڪمزور، جوان ۽ ٻار هاڻي لاشا ٿيل وڻن جي ٽنل ڏارن وانگر
پئي ڪريا.
مشين گن جو فائر سڏائي ۾ پئي هليو، هڪ ليڪ هئي- موت جي ليڪ.
چڪر پورو ڪرڻ کان پوءِ مشين گن جو فائر ساڳئي ليڪ تي پئي موٽيو-
ڪريل جوان جسمن تي گولين جي ليڪ لهندي پئي آئي.
هڪ نوجوان جنهن جي چنگهه مان رت پئي نڪتي ان ليڪ جي زد ۾
اچڻ وارو هيو. موت وات پنيون هن کي هڙپ ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌي رهيو
هو- هڪ ٻي زندگي جو ڏيو اجهامڻ وارو هيو...
علي ڊڪي وڃي ان نوجوان کي ٻانهن کان ڇڪي مشين گن جي فائر
جي زد مان، موت جي ليڪي ۾ اچڻ کان بچايو-
مشين گن ساڳئي راهه تي موٽڻ بدران پنهنجو رخ مٽايو.
خاموشي جو هڪ ننڍڙو لمحو...
"ٽڙ... ٽڙڙ... ڙ... ڙ..." جو آواز ٻيهر گونجيو...
علي جي پيٽ ۾ سٽر مان رت جا ڦوهارا بلند ٿيا، سندس ڪڇو هٿ مٿي
ٿيو پر وات مان ڪو آواز نه نڪتو ۽ هو هڪ اڌ وهي مرد جي لاش مٿان
ڪري پيو.
جلوس ۾ شريڪ ماڻهن کي اهو گمان ٻه نه هيو ته هٿين خالي ماڻهن تي،
بنا ڪنهن ڏوهه ثواب جي لڪل فوجي چتاءُ ڏيڻ کان سواءِ ائين سڌيون
گوليون هڻندا-
ماڻهن کي ڪا ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي هئي...
"هي ڇا ٿي رهيو آهي؟" اهو سوچڻ جو ٻه ڪيترن کي موقعو نه مليو
هيو.
ماڻهو ڊڪڻ لڳا... هر طرف... هر اوٽ ۾ پاڻ لڪائڻ لاءِ... موت جو
خونخوار چنبي کان پاڻ ڇڏائڻ لاءِ...
"... ٽڙ... ٽڙ... ٽڙ ڙ ڙ ڙ ڙ..." فائرنگ جو آواز هاڻي ٻي طرف کان ٻه
اچڻ شروع ٿيو. جلوس جي پٺيان شهر واري طرف کان فائرنگ شروع ٿي
وئي، پيٽرولنگ تان موٽندڙ فوجي گاڏين مان وسندڙ انهن گولين سندن
پيچڻ ۽ لڪڻ جا دڳ بند ڪري ڇڏيا- انساني جسمن جا انبار لڳندا ويا.
گرم انساني رت جا ڦوهارا پئي هليا، جڻ ڪو چشمو ڦاٽي پيو هجي-

تي پير جو زور وڌايو... هو وڏيڪ وقت وڃائڻ نہ پيو چاهي. علي جي حالت خراب هئي، سندس زندگي شديد خطري ۾ هئي ۽ اهو احساس هن کي چريو ڪرڻ لاءِ ڪافي هيو.
"گولين هٽي وري زندگي جا ڏگ بہ ٿا روڪين..." هو چپن ۾ ٻڙڪيو.
سامهون بيٺل فوجي جڏهن محسوس ڪيو تہ ايندڙ گاڏي جي رفتار گهٽ نہ ٿي آهي تہ سندس منهن تي فڪرمندي ۽ خوف جي لهر آئي. هن تڪڙ ۾ ڪلهي تان رائفل لاهي گاڏي ڏي سڌي ڪئي.
ڏند پيهندي لطيف ايڪسيليٽر تان پير ڪڍي بريڪ تي رکيو- فضا ۾ رڳڙ جو آواز، لطيف جي دل جي درد جي دانهن سان گڏ هڪ وڏي گونج پيدا ڪئي. گاڏي گهلجي اچي بانس وٽ بيٺي.
فوجي تڪڙو اچي ڊرائيور واري پاسي کان بيٺو ۽ لطيف کي اشاري سان هيٺ لهڻ جو اشارو ڪيائين.
"اسان سان هڪ زخمي آهي، جنهن جو اسپتال پهچڻ ضروري آهي- اسان کي دير ٿي ٿئي." لطيف لهجي کي نرم ڪندي چيو.
"اسان کي ڪنهن بہ گاڏي کي ڇڏڻ جو آرڊر ناهي." فوجي هڪ ڪري لهجي ۾ چيو. سندس انداز مان بيپروائي ظاهر هئي.
"پر توهان کي ڪنهن انساني زندگي ولڻ جو بہ آرڊر ناهي." لطيف ٿورو ترشي سان چيو.
هن کي ڪاوڙ ولڻ شروع ٿي هئي.
"زندگي وندگي جي اسان کي خبر ناهي، توهان هيٺ لهي تلاشي بہ ڏيو." فوجي ساڳي لهجي ۾ جواب ڏنو.
"ها! توهان موت جا سوداگر آهيو اوهان کي ڇو خبر هجي انساني زندگي جي اهميت جي!!"
لطيف تلخ لهجي ۾ چيو.
سندس ذهن هڪل ڪئي ۽ هن پنهنجو لهجو بدلايو.
"مان لطيف علوي آهيان، ڊپٽي ڪمشنر...، هن وقت مان ترسي نٿو سگهان. هڪ غير ملڪي جي زندگي خطري ۾ آهي. طبي مدد اشد ضروري آهي." لطيف شناخت ڪرائيندي موقعي جي نزاڪت جو احساس

لطيف ڪنڌ ورائي علي ڏي ڏٺو۔ علي جا چپ حرڪت ڪري رهيا هيا.
هن هڏڪي ڏني.
نوجوان هٿ جي اشاري سان گاڏي روڪڻ لاءِ چيو.
لطيف کي ڪا ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي. هن انتهائي خوف محسوس ڪندي گاڏي کي روڪيو.
هن وقت تائين هو ڪنهن آسري سان پئي هليو۔ ڪنهن پاڇي پٺيان پئي ڊڪيو، پر هاڻي ته اهو پاڇو به هن کي ڇڏيون پئي ويو۔
هو آسري هوندي هر قسم جي جدوجهد ڪرڻ لاءِ تيار هيو۔
پر آس ٽٽڻ ڪان پوءِ...
هن کي ڏڪڻي ولي وئي.
هيٺ لهي ڏڪندڙ هٿن سان پٺي پاسي جو در کولي علي جي ويجهو ٿي هن جو آواز ٻڌڻ جي ڪوشش ڪئي...
علي جو ڪڀو هٿ مٿي ٿيو، هن انگريزي ۾ چيو، "منهنجي... ڌرتي..."
"سائين ادي کي هيٺ لاهيو..."، نوجوان لطيف کي ڳالهه سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندي چيو. هن جو آواز ڳرو ٿي ويو۔ هو وڌيڪ ڳالهائي نه سگهيو.
فضا ۾ ڏک جي گهمبيرتا ڦهليل هئي.
لطيف علي جي منهن ۾ پئي ڏٺو، هو اتي ڪنهن اهڙي نشاني ڪيءَ ڳولهڻ جي ڪوشش پيو ڪري جيڪا ايندڙ لمحن متعلق ڪجهه ٻڌائي سگهي. پر اتي ڪا به اهڙي نشاني نه هئي۔ رت جي زيان ٿيڻ ڪري علي جو منهن اڇو ٿي ويو هيو.
علي اکيون کوليون لطيف کي پاڻ ڏي ڏسندو ڏسي هن جي چپن تي مشڪ اچي وئي۔ پر سندس مشڪ مان هن جي انتهائي ڪمزوري پڌري ٿي وئي.
لطيف جي دل جهٽڪو ڏنو... هو لرزجي ويو.
ڪوشش جي باوجود علي جي دل جوئي لاءِ مشڪي به نه سگهيو.
اڻ ڳڻيا انديشا هاڻي ڳڻيا ٿيندا پئي ويا.
علي آهسته آهسته ڳالهائڻ شروع ڪيو.
"... ادا... موڪلائي... پنهنجي..."

ايتري حرڪت ڏيڻ جي باوجود علي جي منهن تي تڪليف جا آثار پيدا نہ ٿي هيا. لطيف، علي جي منهن ۾ ڏسندو رهيو. هن جي اکين ۾ ڪڏهن ڪڏهن اميد جي ڏيئي جو چمڪو نظر پئي آيو جيڪو وري فوراً ختم ٿي پئي ويو-

ايندڙ اونداهي رات جي ڏڪائيندڙ تصور لطيف جي وجود کي لوڏي وڌو هيو. هن جي سڄي دنيا تاريڪ ٿيڻ واري هئي...

نوجوان پٽين کي درست ڪرڻ لڳو.

علي اکيون پٽيون.

لطيف ڏي ڏسندي هن جي منهن تي مرڪ آئي. هن پيري اها مرڪ پرپور هئي.

لطيف جو سمورو وجود هن جي اکين ۾ سميٽجي آيو- هو علي جي ان مرڪ سان پنهنجي ٻڏندڙ تمنائن کي تارڻ پيو چاهي-

علي جو ڪهو هٿ مٿي ٿيو.

"... هن جا چپ چريا پر ڪو آواز نہ نڪتو. هن ڪنڌ ورائي لهندي سج جي آخري سونهري ڪرڻن ڏي ڏٺو.

لطيف جي هٿ ۾ علي جي نبض ڦڙڪو کائي بند ٿي وئي. سندس ڪهو هٿ بہ ساهو ٿي ڌرتي تي ڪري پيو...

لطيف پنهنجي سيني ۾ ڪنهن شئي کي وڏي زور سان ٽٽندي محسوس ڪيو.

هن جي اکين آڏو اوندهہ اچي وئي.

جي سزا خلاف جنگ جوٽي هئي. هن انسانيت کي غفلت جي ننڊ مان جنهجوڙي سجاڳ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي...."
"... مان ب موت جي سزا خلاف جنگ ڪندس،" ذهن تڪليف ۾ دانهن ڪئي.
"... مان موت جي سزا کي ختم ڪرائيندس." شديد ڏک مون کي بيحال ڪري وڌو هيو.
۽ هاڻي ان ڏک ۾ ڪاوڙ ب شامل ٿيندي پئي وئي.
"... پر مان ڇا ٿو ڪري سگهان" اها ڪاوڙ مون کي پنهنجي بيوسي تي آئي هئي.

****

اسپتال ۾ روايتي رش هئي، بيمار ڊاڪٽرن جي ڳولا ۾ پريشان پئي ڦريا ۽ ڊاڪٽر جڻ ت ڪا اڻ لڀ شئي هيا.

مان تڪڙو هيم ۽ ڊاڪٽر جي ڪمري جي در تي بيٺل دربان کي هٿ جي اشاري سان پاسي ٿيڻ لاءِ چئي اڳتي وڌيم... هو پاسي ٿي ويو- شايد منهنجي ڪپڙن ۽ انداز مان اهو اندازو ٿيو هيس ت مان ڪو وڏو ماڻهو آهيان. ان ڪري مون کي روڪڻ جي ڪوشش ن ڪيائين.

اندر ڊاڪٽر صاحب مريض کي ڏسڻ ۾ مصروف هيو.

مان ڊاڪٽر کي سلام ڪيو. ڊاڪٽر ڪنڌ لوڏي جواب ڏنو ۽ معائني ۾ مصروف رهيو.

ڪرسي تي ويهي ڪمري جو جائزو ورتم.

ڪمري ۾ ڊاڪٽري کان علاوه ب ماڻهو هيا- هڪ مريض ۽ هڪ ڪراڙو شخص.

مان ٻيهر ڪنڌ ورائي ڪراڙي ڏي ڏٺم- هو ڏٺل لڳم.

مون ڇتائي سندس منهن ۾ ڏٺو، هن جي منهن تي عجيب تاثر هيو. جنهن کي ڪو نالو ن ڏئي سگهيم.

ان ڪراڙي کي ڪٿي ڏٺو هيم؟

ڪٿي ڏٺو هيم؟؟

ڪٿي ڏٺو هيم-؟؟؟

ڪجھ ياد ن آيو.

ڪار چيڪڻ جو وڏو آواز ڪري تيزيءَ سان روڊ تي ڊوڙڻ شروع ڪيو. منهنجي ذهن ۾ ياس جون اهي پٿي مورتيون ڦرنديون رهيون.

جيئرا لاشا- جيڪي مرندا پئي رهيا ۽ جيئڻ ڪان سواءِ وري وري پئي مٺا... سامهون روڊ جي وچ تي گهلبا پئي ويا، ڪار جي رفتار تيز ٿيندي وئي... هو ويجها ٿيندا ويا- هو ڏنڊلا ٿي لڳا شايد منهنجي اکين ۾ پاڻي ڀرجي آيو هيو... منهنجي ذهن ۾ هٿوڙا هلندا رهيا، "... هينگ دير... هينگ دير..." مان ڏندن کي زور سان پڪوڙيو- اها اذيت برداشت ڪان ٻاهر هئي.

ڪار تيزي سان کين ويجهو ٿيندي وئي...

"... اهو ظلم آهي... هينگ دير..." ذهن دانهون ڪندو رهيو. هڪ هٿ سان اکين مان ڳوڙها اگهيم... هاڻي هو منهنجي بلڪل سامهون هيا، مان ايڪسيليٽر تي پوري قوت سان زور ڏنو...

# ويڙهه

جمنازيم ۾ ڪا به سيٽ خالي نہ هئي. گوڙ جو آواز زورن تي هيو. شايد ماڻهو پنهنجا اندروني هيجان آواز ذريعي ٻاهر ڪڍڻ جي ڪوشش ڪن پيا. نعرن جي وڏندڙ آواز کي ٻڌي ايئن لڳي پيو ته اهي پنهنجي اضطراب ۽ پريشاني کي گهٽ ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيا هيا.

نيشنل باڪسنگ چيمپيئن شپ جو هي اهم مقابلو هيو، جنهن کي ڏسڻ لاءِ تماشائي وڏي تعداد ۾ آيا هئا.

علي بخش کي خبر هئي تہ سندس پاڙيسري اڪبر، سرفراز، امام بخش ۽ ٻيا ڪلاڪوٽ وارا سڀئي، انٽرنس واري پاسي ڏي ويٺا هيا. هن ڪنڌ ورائي اوڏانهن ڏٺو. ماڻهو گهڻا هيا... ڪو سڃاڻڻ ۾ نہ آيو.

مجمع ۾ سڀني ماڻهن جا منهن هن کي هڪ جهڙا لڳا هيا. اهي سڀ تماشائي تہ هيا، جيڪي پنهنجو ڪردار ادا ڪري رهيا هيا. ڪيس انهن سان ٻي ڪا وابستگي سمجهہ ۾ نہ آئي.

... پلا ٻيو ڪهڙو لاڳاپو آهي." هو چپن ۾ ڀڻڪيو.

استاد جمعي ڪجهہ چيو، هن هاڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻيو.

مقابلو شروع ٿيڻ ۾ اڃان ٿوري دير هئي.

هو ريڊڪارنر ۾ هيو.

سندس حريف گرين ڪارنر ۾ بيٺل مشهور باڪسر ۽ بينٽم ويٽ ۾ پنجاب جو چيمپئن فواد هيو. 'مارننگ نيوز' ۽ ٻين قومي اخبارن فواد کي نيشنل چيمپئن شپ لاءِ فيوريٽ قرار ڏيندي لکيو هيو تہ هو '... سٺي فارم ۾ آهي ۽ پنهنجي انداز سبب ڪيس ديسي فريزر سڏي سگهجي ٿو. هن جا پنچ ڳرا آهن ۽ هو پنهنجي ليفٽ هُڪ سان ڪنهن بہ سٺي باڪسر لاءِ خطرناڪ ٿي سگهي ٿو...

علي بخش ڪنڌ ڌوڻيو. هُن کي ذهن ۾ راند جي حڪمت عملي

تيار ڪرڻي هئي. هو هر پهلو کي جاچي پوءِ ڪو قدم کڻڻ چاهي پيو.
تقدير يا نصيب کي هن باڪسنگ ۾ ڪڏهن به ڪو ڪردار نہ سونپيو
هُيو. ڪنهن بہ مقابلي کي فيصلي تي پهچائڻ ۾ فارم ۽ پلاننگ جي ڀرپور
ڪردار کان واقف هيو. هو پنهنجو پاڻ کي ڪنهن بہ اجائي وهم ۾ مبتلا
رکڻ نہ پيو گهري. هن کي خبر هئي تہ هو فارم ۾ نہ هُيو، سندس اسٽيمنا
گهربل حد کان تمام گهٽ هُئي. پريڪٽس ۾ نہ هئڻ سبب پنچ بہ زور
وارا نہ ٿي پئي سگهيا ۽ نہ ئي وري پيرن ۾ اها تيزي ممڪن هئي، جيڪا
ڪنهن بہ ڀرپور جوڙ جي مقابلي لاءِ ضروري هوندي آهي. هو انهن حالتن
۾ ذهن ۾ پيدا ٿيندڙ اجائي گمان کي ڌڪي پاسي ڪرڻ چاهي پيو.
استاد جمعي سندس ڪند ڏوٽڻ کي پنهنجي صلاح کان انڪار سمجهيو.
"... ڀلا ان ۾ ڪهڙي خامي آهي... هو گهوڙي وانگر ڌڪڻ گهري تہ
ڌڪڻ ڏينس..."، هن تڪڙ ۾ چيو.

علي بخش خيالن مان ٻاهر ايندي ڀڻڪيو، "ٺيڪ آ! استاد جمع
ٺيڪ آ!!!"

هن ذهن تي زور ڏنو، هو آخري ڀيرو ڪڏهن رنگ ۾ آيو هُيو.
"... ڏري گهٽ سال ٿيو آهي، گذريل نومبر ۾ تہ ٿيو هُيو مقابلو...".
هن ياد ڪيو. هن سدرن زون جي چيمپئن شپ کٽي هُئي.
"ان وقت نيشنل چيمپئن شپ کٽڻ ڪا وڏي ڳالهہ نہ هُئي..."، هن ذهن
۾ حالتن جي ڀيٽ ڪندي فيصلو ڏنو.
ريفري کين سڏ ڪيو.

علي بخش ريڊڪارنر مان نڪتو، رنگ جي وچ تائين پهچڻ ۾ هن
کي الائي ڪيترو وقت لڳو- هو ڪنهن ڳهري سوچ ۾ هُيو.

ٻنهي باڪسرن هٿ ملايو. ريفري سندن گلوز چيڪ ڪيا ۽ هو
واپس پنهنجي ڪارنر ۾ موٽي آيو. هن فواد کي ڪيڏندي ڏٺو هُيو- ڪيس
فواد جي ڪمزورين جي خبر هُئي، پر هو پنهنجين طاقتور مُکن سان
خطرناڪ هُيو، اها ڄاڻ بہ علي بخش کي هئي.

"اڙي ڪاڏي خيال اٿئي علي بخش؟ تڪڙ نہ ڪجانءِ،" استاد
جمعي هن کي چتاءُ ڏنو. ٻارنهن مهينا ٿيا، هن پريڪٽس نہ ڪئي هئي.
ڪم ئي ايترو ڪرڻو پوندو هُيس جو هو ٿڪي پوندو هُيو، چاهيندي بہ

فواد پنهنجي ڪارنر مان دير سان نڪتو هُيو، پر وچ تي پهچڻ ۾ هن تڪڙ ڪئي. فواد هن جي سامهون ٿيندي ساڳئي تيزي ۾ ليفٽ اسٽريٽ، رائيٽ، ليفٽ پنچ اڇليا. علي بخش تيار هُيو، هن سجو هٿ کولي تري سامهون ڪري، ايندڙ مڪ کي بلاڪ ڪري، ٿورڙو کٻي تي سلائيڊ ڪندي فواد کي ويجهو ٿيو، ڪلهي کي مٿي رکندي ٻانهن ورائي، ٿوٽ کي ڪلهي جي سڌائي تي آڻي ڪيس ڇاڙي تي مُڪ هڻئي، هن جي جسم جو وزن کٻي پير تي هيو. ڪڙي کي مٿي ڪري هن اهو زور ٻانهن ۾ آندو هُيو، تمام سهڻو ليفٽ هُڪ آيو. فواد وٽ ايترو وقت ئي نه هُيو جو پاڻ کي پاسيرو ڪري سگهي، هو تيزي سان اڳتي وڌيو هُيو، هن جو بدن حرڪت ۾ هيو ۽ هو علي بخش جي مُڪ جي رستي مان نڪري نه سگهيو.

نعرن جو آواز بلند ٿي ويو.

علي بخش تصور ۾ هڪ لحظ لاءِ اڪبر وارن کي نعره هڻندي ڏٺو، پر هن وٽ وقت نه هيو، هن کي سڄي مُڪ مقابل کي ڪاڏي تي هڻڻي هئي.

اهي ٻه مڪون اڪثر مقابلي کي وقت کان اول ختم ڪري ڇڏينديون هُيون. علي بخش سڄي مڪ ۾ طاقت آڻيندي پنچ هنيو. هن کي اميد هُئي ته ٽن رائونڊن جي تڪليف ۽ تڪلف کان جان ڇٽي پوندي.

علي بخش جو پنچ فواد کي ڪلهي تي لڳو. هن کي پاڻ سنڀالڻ جو موقعو ملي ويو. هن پٺتي ٿيندي ٻه زور وار پنچ اڇليا- اهي پنچ دفاعي هُيا.

علي بخش انهن مُڪن کان محفوظ رهيو.

هن موٽندڙ فواد جي ڪلهي لڳڻ مناسب نه ڀانيو- هو پاڻ کي ٿڪائڻ نه پيو گهري. ٽن رائونڊن لاءِ گهوڙي جي دم جي ضرورت هوندي آهي ۽ هو اها ڳالهه ڄاڻي پيو.

فواد جڏهن پاڻ کي محفوظ ڏٺو ته هن پاڻ سنڀالي آهستي اڳتي وڌڻ شروع ڪيو. ڪجهه ويجهو ٿي هن ٻه اسٽريٽ پنچ اڇليا، هو چاهي پيو ته علي بخش انهن جي جواب ۾ ڪا حرڪت ڪري ته ڪيس ڏڪ هڻڻ جو موقعو ملي.

علي بخش ان چال کي سمجهي ليفٽ اسٽريٽ مڪ هٽندي ٿورو پير وڌايو. فواد کي چٽ سگنل ملي ويو. هن اڳتي ٿيندي مُڪن جي مار شروع ڪئي، علي بخش تيار هُيو- هو پير پٺتي کسڪائيندو رهيو... فواد اڳتي وڌندو رهيو... علي بخش ڪڏهن مٿين ڌڙ کي ٿورو پٺتي جُهڪائي ۽ ڪڏهن چند انچ پيرن کي پٺتي کسڪائي انهن مکن کان محفوظ رهيو.

علي بخش ڏٺو تہ فواد مُڪن هڻڻ دوران صحيح طرح سان گارڊ نہ رکيو هيو، هن کبي ٻانهن سڌي ڪئي... مڪ فواد جي مُنهن تي لڳي.

علي بخش هوئڻ بہ جذباتي طور تي تتو باڪسر هُيو، هن رنگ ۾ هميشہ جذبات تي قبضو رکيو هُيو. ان وقت بہ هن کي پنهنجن حواسن تي قبضو هُيو، هن سڄي ٻانهن سڌي ڪئي. اها مڪ فواد کي نرڙ تي لڳي.

فواد ڪنڌ کي جهڪايون، ڪاڏي کي سيني تي ٽيڪيون، گلوزن ۽ ٻانهن سان پاڻ لڪايون علي بخش جي ويجهو ٿيندو آيو... علي بخش محسوس ڪيو تہ هو وڌيڪ پٺتي نہ ٿي پٺي سگهيو، هو ڪارنر تي پُهچي ويو هُيو.

هن چاڻي ٻجهي پنهنجو منهن اگهاڙو ڪيو، توقع مطابق فواد موقعو ڏسي ليفٽ اسٽريٽ هنيو. علي بخش کي اهوئي گهربل هُيو، هن منهن کي جهڪائي ٿورو کبي تي جهٽڪو ڏيئي هڪ تکڙو قدم اڳتي کنيو، هو فواد کي تمام ويجهو ٿي ويو، سڄي، کبي، سڄي، کبي ننڍيون مڪان (JABS) فواد جي پاسرين ۾ هٽي، کبو ڪلهو فواد جي جسم کان پري ڪري؛ سڄي هٿ کي فواد جي سيني سان کسڪائيندي کيس زورائتي مڪ ڪاڏي ۾ هنئي، اها اپرڪٽ هُئي، ان ۾ ڪافي ڌڪ هُيو، ڇو تہ هٿڻ وقت هن پنهي ٽنگهن کي سڌو ڪري اهو زور بہ مڪ ۾ شامل ڪيو هُيو.

علي بخش سڄي پاسي تي ٿي فواد جي جوابي مُڪن کان پاڻ بچايو هُيو. فواد مضبوط بيٺو هيو، هن جي قوت برداشت تي علي بخش کي حيرت ٿي هُئي.

ان دوران ماڻهن جا نعره ۽ هوڪرا جاري رهيا. تماشائي مسلسل باڪسنگ چاهيندا آهن... يعني اهڙي راند جنهن ۾ باڪسر وٺي نہ ڏئي

پريڪٽس ڪرڻ گهري پيو... پنهنجي وجود جو اظهار ڪرڻ چاهي پيو... هيترن سالن جي شوق ۽ محنت کي ان جي منطقي نتيجي تي پهچائڻ گهري پيو. هو هر روز گوڏي ڏي وڃڻ نه پيو چاهي... هو نه پيو چاهي ته ان چڪيءَ ۾ آهستي آهستي پيڙ‌ھو رهي ۽ پنهنجي وجود جي سڃاڻپ وڃائي ويهي. حسرتن ۽ خواهشن جي ابارن هيٺ دٻجي چيچلائيندو رهي.

علي بخش جي پيءُ جي گوڏي ۾ تڪليف وڌي وئي، هو دڪي تي مزوري لاءِ نه ويو؛ هن لاءِ اهو ممڪن نه هُيو ته هو جهاز مان ڪٽڪ ۽ سيمنٽ لاهي سگهي.

گوڏي وارو ڏک ته ڪيس اٺ سال اڳ لڳو هُيو، جڏهن هو گورنمينٽ پريس طرفان فوٽبال فائنل مئچ کيڏي رهيو هُيو. مولا بخش پنهنجي وقت جو بهترين فوٽبالر تصور ڪيو ويندو هُيو... ڏک لڳڻ کان پوءِ غربت سان گڏوگڏ گمنامي به سندس مقدر بڻجي وئي... هو راند کيڏي نه سگهيو. علاج لاءِ ڪوشش ته هن ڏاڍي ڪئي هُئي. ڊاڪٽرن جا چڪر هڻندي ۽ اسپتالن جا ڦيرا پائيندي دل برداشته ٿي ويو هيو. مهانگا ڊاڪٽر به هن نه ڇڏيا هيا!

اهي اٺ سال علي بخش جي ذهن تي نقش هُيا. جڏهن هن جو پيءُ ڪنهن مهانگي ڊاڪٽر کي ڏيکارڻ ويندو هُيو ته ان جو مطلب هوندو هُيو سڀني گهر وارن لاءِ به ڏهاڙا فاقو... بس... انهن اٺن سالن ۾ هن کي فاقو ڪرڻ جي هير پئجي وئي هُئي. هو فاقي کي مذاق ۾ ڊائيٽنگ سڏيندو هيو.

مولا بخش ويچارو انهي حال ۾ به بندر تي ڏهاڙي ڪمائيندو رهيو.

علي بخش تيزي سان کيسي پانهن سڏي ڪئي، اها مڪ فواد کي منهن تي لڳي، فواد هٿ مٿ ڪري مُنهن لڪايو، هو اهڙي ٻي مڪ کان پاڻ بچائڻ لاءِ تيار هُيو. سڄي مڪ منهن تي لڳڻ هن لاءِ تباهه ڪن ٿي سگهي پئي. علي بخش سڄي مڪ هيٺ لاڙي هن کي پيٽ ۾ هنئي.

پيءُ جي تڪليف وڌڻ کان پوءِ گهر جو بار علي بخش تي پئجي ويو. هو مزوري ڪرڻ لڳو. چئن مهينن کان پوءِ نيشنل چيمپيئن شپ ٿي، پر هو ان ۾ شريڪ نه ٿي سگهيو. هو پريڪٽس ۾ نه هُيو.

علي بخش سوچيو هُيو تہ هو اينڊر چيمپيئن شپ ۾ پوري تياري سان حصو وٺندو.

هن جي پيءُ جي تڪليف گهٽ نہ ٿي... هو واپس ڪلب نہ وڃي سگهيو. ان دوران هن نوڪريءَ لاءِ وڏا وس ڪيا. جڏهن هو سرٽيفڪيٽ ساڻ کڻي نوڪريءَ جي ڳولا ۾ مختلف آفيسن ۾ ويندو هيو تہ کيس پنهنجو پاڻ تي فخر ٿيندو هُيو. هو هڪ سٺو باڪسر هُيو. سندس مستقبل روشن هُيو. پر بعد ۾ سرٽيفڪيٽ ساڻ کڻي وڃڻ هن کي ائين لڳو، ڄڻ هٿ ۾ سرٽيفڪيٽ نہ پر ڪشڪول هُيو ۽ هو خيرات وٺڻ لاءِ نڪتو هُيو...

ان خيال اچڻ تي هن ڏند پڪوڙي سڄي، ڪِپي، سڄي هٿ جون مڪان فواد کي هنيون- نعرن جو آواز بلند ٿيو- هن جو ساهہ پڻ تيز هلڻ لڳو.

نوڪري هن کي نہ ملي.

ان تڪليف ده يادگيري تي هن پنهنجي سموري بدن ۾ ٽڪ کي رت سان گڏ گردش ڪندي محسوس ڪيو...

ڪيترا پنڌ هن ڪيا هُيا...

رت سڄي جسم جو ٽڪُ ڇنگهن ڏي ڊوڙڻ لڳي... هو ڪٽي ڪٽي نہ ويو هيو... هن دفعي نيشنل چيمپيئن شپ ۾ ان اميد سان حصو ورتو هيائين تہ ٽائيٽل کٽڻ سان نوڪري ملڻ جا امڪان وڌي ويندا.

مئنيجنگ ڊائريڪٽر پڻ اهو وعدو ڪيو هُيو تہ هو نيشنل چيمپيئن کي نوڪري ڏيڻ لاءِ تيار آهي... هن کي بس ٽائيٽل گهرجي- هن کي ان ڳالهہ جي پرواهہ ناهي تہ اهو سٺو باڪسر آهي يا نہ- علي بخش جي قابليت سان هن جو ڪو واسطو ڪونهي، هن کي نيشنل چيمپيئن گهرجي، جيئن هو ان سرٽيفڪيٽ سان فائيل جو پيٽ ڀري سگهي.

"بيشڪ فائيلون جذبات کان عاري هونديون آهن... اهي ڪنهن جي اهليت، ضرورت ۽ مجبوري ڄاڻڻ جي ڪوشش ڇو ڪن...؟" علي بخش ڏند پڪوڙيندي سوچيو.

هن جو مقابلو فواد سان نہ هُيو... هن جي ويڙهہ بيجان ۽ سرد فائيلن سان هُئي، بعد وارا بہ مقابلا قطعي غير اهم هُيا. فواد کان کٽڻ کان پوءِ

اسٽول ڪجي ويو... گهنٽي وڳي.

هن ڀيري علي بخش ٽڪرُ نہ ڪئي هُئي. هو آهستہ آهستہ وچ تي آيو. ٻنهي دفاعي پنچ اڇليا تہ جيئن اڳلو ٽڪرُ ڪري فائدو نہ وٺي سگهي، ٻنهي جا گلوز ٽڪرايا.

فواد مڪون اڇلڻ شروع ڪيون... هو شايد حساب برابر ڪرڻ گهري پيو... علي بخش پيرن جي تيز حرڪت سبب فواد جي پهچ کان ٻاهر رهيو. هو موقعي جي مناسبت سان مُڪون هڻندو بہ رهيو.

گهٽي گسڻ ۽ مار لڳڻ ڪري فواد جوش ۾ اچي ويو هُيو. هن مڪون اڇليندي ٽڪرُ ۾ اڳتي پير گسڪايا؛ هن جو منهن ظاهر ٿيو، علي بخش مڪ هڻڻ کان پوءِ پٺتي نہ هٽيو هُيو. فواد سڄي ٻانهن کي منهن آڏو ڏئي محفوظ ڪندي، ڪڏهن مُڪ زور سان پيٽ ۾ هڻي... علي بخش سڄي لوٽ سان ايندڙ مڪ کي پاسي تي ٽيڙ ڏئي، جسم کي ڇيله کان هيٺ موڙو ڏيندي، ڪڏهن ڪلهي کي مٿي ڪري، ڪڏهن مُڪ فواد جي جاڙي تي هڻي.

پاسي مان ايندڙ طاقتور مُڪ فواد کي لوڏي رکيو، هن ٽيڙ کاڌو... علي بخش اڳتي وڌندي سڄي مڪ فواد جي منهن تي هڻڻ جي ڪوشش ڪئي، پر اها فواد ٻانهن تي روڪائي. هو هاڻي گلوزن ۽ ٻانهن سان پاڻ لڪايو ڌڪ هڻڻ لاءِ تيار هُيو.

علي بخش پنهنجي سڄي ٻانهن کي واپس گارڊ لاءِ آڻڻ ۾ دير ڪئي، هو فواد کي ڌڪ هڻڻ تي اُڪسائي رهيو هيو.

فواد ڪڏهن مڪ هن جي منهن ۾ هڻي، علي بخش هيڊ گلانس ڪري اڳتي ٿيندي سڄي ٻانهن جي لوٽ کي فرش طرف ڪري، جنگهن مان نمر ڪڍي سڌو ٿيندي مڪ مٿي آندي، اپرڪٽ فواد جي نڪ تي لڳي، فواد ان وچ ۾ ٻہ ٽي مڪان (Jabs) علي بخش کي پيٽ ۾ هنيون هيون، پر علي بخش جو ڌڪ زورائتو هُيو. فواد جي نڪ مان رت وهڻ شروع ٿي. هو مضبوط هُيو.

"بريڪ!" ريفري ڪين راند روڪيندي فواد کي وٺي وائيٽ ڪارنر ۾ آيو، ٽوال سان هن جو منهن صاف ڪندي واپس رنگ جي وچ تي آندائين.

"باڪس!" ريفري ڪين راند شروع ڪرڻ لاءِ چيو.
ٻئي رائونڊ ۾ پڻ فواد هن جي ويجهو اچڻ جي ڪوشش ڪئي، هو ڪجهه وڌيڪ زور سان مڪون هڻي رهيو هيو. علي بخش هن جي هڻن جي ٻهچ کان پري رهيو. هن مٿئين ڌڙ کي ٿنتي نوائي مڪن کان پاڻ کي محفوظ رکيو ۽ ڪڏهن وري تيزي سان پيرن کي ٿنتي گسڪائي فواد کي پنهنجي ڪڍ لائي رنگ ۾ ٻئي ڦيرايو.
علي بخش کي هن رائونڊ ۾ ٻانهن ۽ پيٽ تي فواد جون مڪون لڳيون هيون.
اسٽريٽ ليفٽ بيشڪ باڪسنگ جو بنيادي ۽ سهڻو پنچ آهي، علي بخش کي ان اهم پنچ تي قدرت هئي، پيٽرجيڪسن وانگر هن جو اسٽريٽ ليفٽ به نهايت تيز ۽ خوبصورت هيو.
هن فواد جي منهن تي جنهن سولائي سان ليفٽ اسٽريٽ مڪان، پنهنجي مرضيءَ مطابق هنيون هيون، ان سببان تماشائين ۾ ميڄتا پيدا ٿي هئي.
حريف کي مخصوص پنچ هڻڻ ته اڪسائڻ، ان مان فائدو وٺندي ڌڪ هڻي ڪڍڻ، هڪ هنڌ تي بيٺي بيٺي مٿين ڌڙ کي نوائي ڌڪ گسائڻ، مڪ هڻڻ جي اهل ڪري مقابل کي هڪ طرف حفاظت تي مائل ڪندي، غير محفوظ حصي تي پنچ هڻڻ ۽ تيزي سان گردش ڪندي مقابل کي ڪڍ لائي ٿڪائڻ، علي بخش جي راند جون خوبيون هيون. هن ڪلهي کي سامهون جهٽڪو ڏئي فواد کي ٻئي چرڪايو ۽ مڪ هڻي ٻئي ورتي.
هن جي راند جي ان انداز تماشائين کي ڪلاسيڪل باڪسنگ جي ياد ڏياري هئي. اها هئي صاف باڪسنگ جنهن سببان ان راند جو ڌاڪو اڄ به قائم آهي. هو فواد جي جوشيلي طاقتور مڪن کان پاڻ کي بچائيندو هيڏي هوڏي هلندو رهيو ۽ موقعو ملڻ تي فواد جي منهن تي مڪان هڻندو رهيو.
فواد جو منهن سڄي ويو هيو ۽ رت جي ڳاڙهاڻ سبب ٻجڙو ٿئي لڳو.
تماشائي علي بخش کي اڪسائڻ لاءِ نعره هڻندا رهيا، پر علي بخش

نيشنل ٽائيٽل...“

مستقبل، گهر وارن جي روزي، پيءُ جو علاج... پس منظر ۾ هُيا...

”ناڪ آؤٽ ٿيڻو ناهي...!“ ذهن فيصلو ٻڌايو.

هن همٿ ڪري هٿن تي زور ڏنو، هو مٿي ٿيڻ لڳو... ڪجهه پير ڪي ڪينواس تي ڦهائي ان تي زور ڏئي بيهڻ لاءِ سڌو ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي...

سٿرن جون ورتل مشڪان تڪليف ۾ ٽڙڪڻ لڳيون... سور جي شديد لهر آئي...

تڪليف برداشت کان ٻاهر هُئي، ڇڻ سٿرن ۾ باهه ٻئي ٻري.... هو ڪينواس تي ڪري پيو.

ڪو مرد زنانا ڪپڙا پايون ڪاٺ جي لٺيل پيهي مٿان هندوستاني فلمي گاني تي ناچ ڪري رهيو هيو. ماڻهن جو انبوهه جمع هيو. هن ناچ تي ڪا گهور نه پئي ٿي. آدم دل ۾ سوچيو، "هي ته خيرات ٿي لڳي..." هر پنجن منٽن ڪان پوءِ سرڪس جي ڪمالات جو اعلان ٿيندو رهيو ۽ مفت ناچ جاري رهيو.

ڪجهه دير ڪان پوءِ هو اندر ويٺا سرڪس ڏسي رهيا هيا. ٿوري ٿوري ڳالهه تي ٺهڪ ڏئي پئي کليا- مسخرن جا رنگين منهن ۽ حرڪتون هيون ئي اهڙيون.

پينگهن مٿان بازيگرن جا ڪرتب واقعي متاثر ڪندڙ هيا. چوڪرين جي گهوڙي سواري به سٺي هئي پر ويٺلن تعريف گهٽ ڪري سندن سنهي لباس ڪري پئي ڪئي. نوجوان عورتن جا متناسب جسم، مختصر لباس مان بيباڪي سان دعوت نظارو ڏئي رهيا هيا.

آدم پنهنجي رت ۾ ڪنهن شئي کي چرندو محسوس ڪيو- هن اڪرم ڏي ڏٺو. جنهن هن جي هٿ کي زور ڏيندي ڪا ڪلڻ جهڙي ڳالهه ڪئي ۽ هو پئي ٺهڪ ڏئي کليا. عورتن جي بدن جي جهلڪ تي تاڙين جو گوڙ وڌي پئي ويو- آدم شروع ۾ تاڙيون وڄائيندي ڪجهه شڪي ٿيو هيو.

سرڪس کان موٽندي هڪ هوٽل تي اچي ماني کاڌائون. سرڪس تي تبصرو ماني دوران جاري رهيو.

اڪرم ڪاري ڪڇي واري عورت جي تعريف هر هر پئي ڪئي، آدم به هن جي تعريف پڌي سندس جسم جي خوبصورتي جو معترف ٿي ويو.

ماني کائي انهن مسافر خاني جو رخ ڪيو.

چوڪ تي ماڻهن جو وڏو ميڙ هيو. هو به پاڻ جهلي نه سگهيا ۽ وڌي وڃي ميڙ ۾ شامل ٿيا.

ڪنهن ديسي "ڪلام" تي به چوڪرا 'ڊانس' ڪري رهيا هيا. انهن کي مردانا ڪپڙا پهريل هيا پر اهي ڏاڍا سوڙها ۽ شوخ رنگن جا هيا.

"ڪلام" جي مصرعن ۾ بي ڌڙڪ محبت جو اظهار هيو، هٿي ناچو هڪ ٻئي کي پيار سان اشارا ڪري رهيا هيا، گڏ ٽيلن جا هوڪرا آسمان تائين ٿي پهتا- ڪلام ۾ معشوق جي اکين، ڳلن ۽ بدن جي

تعريف عام زبان ۾ زوردار انداز ۾ ٿيل هئي. ڇوڪرن ۾ هڪ ٻئي کي ويجهو ٿي بي حجابانه حرڪتون ٿي ڪيون. ماڻهن جي سيٽين ۾ رڙين تي آدم کي شرمندگي ٿي هئي.

هوڏانهن شوقينن گهور پئي گهوري.

آئم ڪنڌ لاڙي ڦڪي قميض واري ڇوڪر طرف اشارو ڪندي ڪجھ چيو، آدم جا ڪن ڳاڙها ٿي ويا.

هڪ 'ڪلام' ختم ٿيو ته ٻيو ڪلام شروع ٿي ويو. ان جا شعر ته ڪجھ وڌيڪ 'بيباڪ' هيا محبوب جي جسم جي طلب جو ذڪر بي ڌڙڪ ڪيل هيو. هاڻي ته ناچڻ جي مستي ڪجھ وڌي وئي. آدم کي سندن ڊاڪن جا لوڏا سٺا ٿي لڳا... هن جون لونڊڙيون وڃڻ لڳيون...

ناچ گاني ۽ ماڻهن جي هُوڪرن سبب هو جوش ۾ اچي ويو. هن محسوس ڪيو ته هو آئم کي گهڻو ويجهو ٿيڻو هيو...

هو ٿورو پٺتي ٿيو- پر هن جي پنيان ماڻهو ٻيٺا هيا، هو وري سري اڳتي ٿيو.

گهور گهوريندڙن مان ٽن شخصن ۾ مقابلو شروع ٿي ويو، ناچو به گهور جا پئسا ولندي انهن جو خاص خيال ڪري ڪين ويجهو ٿي زورائتا ٺمڪا پئي هنيا. ان تي پئسا ڏيندڙن جي اکين مان فخر ۽ وڏائي جا الا نڪري، ڏسندڙن کي ساڙين پيا.

آدم جي پيرن جون ترِيون سڙڻ لڳيون هيون، هن آئم کي ڪلهي کان جهلي هلڻ جو اشارو ڪيو.

ٻئي مسافر خاني ڏي موٽيا.

"گهور واري همراهه ڦڪي قميض واري ناچو کي ساڻ ولي وڃڻ لاءِ اٿين سخاوت پئي ڏيکاري." آئم چيو.

"ڇا مطلب؟"

"عيش ڪرڻ لاءِ!" آئم اک ڀڃندي چيو.

ڪمري تي پهچي آئم لٺا مٽائڻ لڳو.

هن دفعي آدم پنهنجي نظرن کي روڪي نه سگهيو هيو.

سڄي ڏينهن دوران آدم جو ڪجھ ڏٺو هيو، ان هن جي جبلتن کي پوري طرح بيدار ڪري ڇڏيو هيو ۽ هو وڌيڪ بيباڪ ٿيندو ويو.

آئمہ هن جي بيباڪي کي روڪڻ جي ڪا ڪوشش نہ ڪئي.

*****

سيوهڻ جو ميلو هن لاءِ انتهائي دلچسپ تجربو هيو، هو ان ميلي جي مشاهدن کي ڪنهن سان ونڊڻ لاءِ آتو هيو.

شڪر آ جو ڪيس اهو موقعو نصيب ٿيو. 'حوا' جو خط انهن ڏينهن ۾ آيل هيو. هن ميلي جو احوال سهڻي انداز ۾ لکي حوا ڏي اماڻيو هيو.

حوا ڏي خط لکڻ جي شروعات هڪ سال اڳ سندن مڱڻي کان پوءِ ٿي هئي. ان سال دوران جيتوڻيڪ هن جي چاچي هڪ اڌ دفعو ڍِيل لفظن ۾ اعتراض بہ ڪيو هيو، پر هو پاڻ روڪي نہ سگهيو هيو. خط هن جي واحد دلچسپي هيا ۽ هو انهن کي بند ڪرڻ جو ارادو نہ پيو رکي.

سندن شادي ايندڙ سال ٿيڻي هئي، هو شدت سان ان ڏينهن جو انتظار ڪري رهيو هيو.

خط ۾ هن سيوهڻ جي دلچسپ حالات کي مزاحيہ رنگ ڏئي وڏي مزي سان لکيو هيو، پر آئمہ جو ذڪر ڪرڻ کان هن پاڻ کي وڏي مشڪل سان روڪيو هيو.

ڪجھ ڏينهن اهي خوشگوار تصور هر دم هن سان گڏ رهيا. اوچتو خوبصورت خيالن جا اهي مندر ٽڪرا ٽڪرا ٿي اچي پٽ پيا. هن جي ذهن ۾ جيڪو طوفان آيو هيو، ان خيالن ۽ تصورن جا پراڻا قدآور وڻ پاڙئون پٽي اڇليا.

ڪيس پيشاب ۾ گند اچڻ لڳو هيو.

هو پنهنجو پاڻ کان بہ شڪي پئي ٿيو. ان گندگي جي موجودگي ڪنهن گندي بيماري جي آمد جو اعلان ٿي سگهي پيو.

هو اها دعا ڪندو رهيو تہ جو ڪجھ بہ هيو اهو پاڻ مرادو ختم ٿي وڃي. ڪنهن ٻئي سان اهو احوال ڪرڻ هن لاءِ انتهائي تڪليف ده تصور هيو.

گند اچڻ سان گڏ هاڻي هن کي بخار بہ رهڻ لڳو.

هن جي آفيس نہ وڃڻ ڪري، آفيس جا دوست هن جو حال پڇڻ ڪوارٽر تي آيا هيا. انهن ڊاڪٽر کي ڏيکارڻ لاءِ چيو.

ٻئي ڏينهن هو سول اسپتال ويو.

سموري بدن جي رت مغز ڏي ڊڪڻ شروع ڪيو. سندس ڪن ڳاڙها ٿي ويا، سامهون جو منظر ڌنڌلو ٿي ويو هن محسوس ڪيو ته هو پرئي چوڪ ۾ اگهاڙو بيٺو هجي ۽ ماڻهن جو هجوم ڪيس ڏسي رهيو هجي، سڀني جي اکين ۾ نفرت هئي... هن کي ڪجهه سمجهه ۾ نه آيو. هن بس ايترو محسوس ڪيو ته اتي بيٺي بيٺي ڪيس هڪ جڳ گذري ويو هجي... بيعزتي جو هڪ جنم گذاري چڪو هجي... گناهه جي صديءَ جا پاڇا هن جي ذمي قرار ڏنا ويا هجن... هن هٿ ڊگهريو، ڪائونٽر تي موجود شخص جي هٿ مان ڪاغذ ولي هو تڪڙو ليبارٽري مان نڪري ويو... هو روئڻ گهري پيو.

تيز وکون کڻندو هو پنهنجي ڪوارٽر تي پهتو ۽ پاڻ کي کٽ تي اڇلايائين- پر هو روئي نه سگهيو. بيعزتي جي احساس ڏک ۽ ڪاوڙ جي احساس کي اٿين ولوڙي ڇڏيو هيو جو هو ڏک کي ڪاوڙ کان جدا ڪري پنهنجي اندر جي باهه کي اکين جي آب سان به اجهائي نه سگهيو. اٿين لڳس جيئن اکين جو پاڻي خشڪ ٿي ويو هجي.

ڪجهه ڏينهن بيا به گذري ويا. تڪليف به جهڪي ٿيندي محسوس ٿي. هن کي هڪ مبهم آسرو ٿي پيو ته هو پاڻ مرادو ٺيڪ ٿي ويندو- هن ڪڏهن به ان آسري جو سبب سمجهڻ جي ڪوشش نه ڪئي. هو بس ان اميد ته جيئڻ سنئو سمجهي پيو.

رمضان جو مهينو آيو. آفيس وارن وقت گذارڻ لاءِ بيڊمنٽن شروع ڪئي. آدم به جوش خروش سان انهن سان راند ۾ شريڪ ٿيو.

رات جو شديد بخار اچي هن کي ورتو. هن جي ننڊ ڦٽي وئي. وات خشڪ ٿي ويس- پاڻي پيئڻ لاءِ کٽ تان لٿو ته هن کان دانهن نڪري وئي. سور جي سٽ ايتري شديد هئي جو هو پٽ تي ڪري پيو.

هو آفيس نه وڃي سگهيو. آفيس جا ساٿي آيا، جن ڊاڪٽر ڏي هلڻ لاءِ چيو، ڊاڪٽر جو ٻڌي هن کي مونجهه طاري ٿي وئي. ڪيس ڪجهه ياد اچي ويو. هن اکيون هيٺ ڪيون.

هو ڊسپرين جون گوريون کائي سمهي رهيو. سور جهڪو ٿيو نه ئي بخار لٿو. سهيل سيپٽران جون گوريون ڏنيون. هن جو بخار لهي ويو ۽ سور به جهڪو ٿيو. پر هن راند کيڏڻ ڇڏي ڏني.

هفتي ڀني مرُني هن کي بخار اچڻ لڳو. هو سپيٽران کائيندو رهيو. سندس طبيعت ۾ فرق اچي ويو هيو. هن يارن دوستن سان اٿڻ ويهڻ ڇڏي ڏنو، ڳوٺ وڃڻ به گهٽائي ڇڏيائين.

تڪليف جي شديد احساس ڪري هو سوچيندو هيو ته ڊاڪٽر ڏي هليو وڃي. وري ان ڳالھ کي هميشه ڀني ڏينهن تي رکندو هيو.

هڪ ڏينهن تلڪ چاڙهي وٽ بيٺل ڪتابن جي ريڙهي تي "جنسي بيماريان مولفه مولوي هدايت الله" نظر آيس. هن ڪتابچو ورتو ۽ اخبار جي وچ ۾ لڪائي پنهنجي ڪوارٽر تي کڻي آيو. در اندران بند ڪري ان کي پڙهڻ شروع ڪيائين. ڪتابچي ۾ ڪنهن مرض جي نه ته نشاني لکيل هئي نه ئي وري ڪو علاج. البته قرآني آيات. بزرگان دين جا قول ۽ جنسي بيمارين جي تباھ ڪن اثر متعلق احوال هيو. مولوي صاحب جي چوڻ مطابق "... اهي بيماريون پڻ عذاب الاهي آهن ۽ گناهگارن لاءِ هن دنيا ۾ جهنم جي عذاب جو هڪ نهايت هلڪو نمونو آهي. اهڙا مرض گناهن جي سزا آهن ۽ خدا جي سزا کان بچڻ ممڪن ناهي... نه صرف گناهگارن لاءِ سزا آهي بلڪ هيءَ سزا اهڙي آهي جيڪا سندن نسلن کي لوڙٺي پوندي آهي- اهي سزائون نطفي ذريعي اولاد جي رت ۾ شامل ٿي وينديون آهن..."

آدم ڪتابچو پاسي تي رکي، سخت پريشاني جي عالم ۾، کٽ تي سمهي پيو. انهن احوالن ته سندس دل منجهائي ڇڏي هئي. هو ايڏي خطرناڪ بيماري ۾ مبتلا ٿي چڪو هيو جنهن کي سچي ڄمار سهڻو هيو ۽ نه صرف هڪ حياتي بلڪ نسل در نسل اهو مرض هلڻو هيو...

حوا جي تصوير هن جي ذهن ۾ ڦري آئي...

حوا جا ڪيترا خط آيا، پر هن انهن جو ڪو جواب نه ڏنو هيو... هن جي مونجھ وڌندي وئي. ذهن جي پردن تي پريشاني جا هلڪا ۽ گهرا رنگ ترورا ٿيندا ترندا رهيا. هر دم موجود رهندڙ حوا جي تصوير هاڻي ڌنڌلي ٿيڻ لڳي هئي.

هن فيصلو ڪري ورتو هيو، سندس اکين مان ڳوڙها وهڻ شروع ٿيا- ڳوڙها وهندا وهائي ۾ جذب ٿيڻ لڳا ۽ هو ڏُنڊڪران ڏئي روئڻ لڳو... پنهنجي بيوسي جي انتهائي احساس سندس وجود کي لوڏي رکيو

# دوزخ

لائوڊ اسپيڪرن تي حمد، نعت ۽ مولودن جو زور هو. هر طرف عجيب شور غل برپا هيو. منهنجي پاڙي جي سمورين مسجدن جا ملان پنهنجي فن و هنر جي داد وٺڻ لاءِ پنهنجين بي سُرين نڙين تي اجايو بار وجهي، تان سين ڪي مسلمان بنائڻ جي ڪوشش ۾ مصروف پئي لڳا.

منهنجو اندازو هوندو هيو ته پاڙي ۾ اهي ڪي چار يا پنج مسجدون هونديون، پر هڪ دفعي جڏهن پڪ ڪرڻ نڪتس ۽ ڳڻيندي ڳڻيندي، ٻارنهين وٽ پهچي ڳڻت اڌ ۾ ڇڏي گهر پهچي چيڙ ڪري ويهي رهيو هيم.

اڄ انهن سڀني مسجد شريفين جا لائوڊ اسپيڪر پنهنجي اسلام پسندي جا ڳرا ثبوت با آواز بلند پيش ڪري رهيا هئا. جهن ڪري مان پنهنجي بيمار ۽ ٿڪل جسم کي ننڊ ڪرائي نه سگهيس.

اهو سلسلو دير تائين جاري رهيو. نيٺ گوڙ ختم ٿيو ۽ مون کي فوراً مٺي، گهري ننڊ ولي وئي.

الائي ڪيترو وقت ائين مٺي ننڊ جي جهولي ۾ جهولندو رهيو هيس جو اوچتو سيني تي بار محسوس ڪيم... بار آهستي آهستي تڪليف جي حد تائين وڌي ويو. ڇا ٿو ڏسان ته هڪ عجيب بدصورت جانور سيني تي سوار آهي.

"ڪهڙو جانور ٿي سگهي ٿو؟ هت شهر ۾ ڪيئن پهتو؟؟"

ذهن مصيبت سبب تيزيءَ سان ڪم ڪرڻ لڳو. فوراً ڪيتريون تصويرون ذهن جي پردي تي آيون ۽ هليون ويون. ذهن ڊوڙندو رهيو، "ڪهڙو جانور آهي؟ ڪهڙو...."

ڪيس هٿ ۾ هڪ ڪَنبن وارو ڏڪو پڻ هيو، جيڪو هن منهنجي ساهه ڪيڍڻ لاءِ پئي استعمال ڪيو.

"ملڪ الموت!" ذهن هن ڪي سڃاتو.
تڪليف جو احساس ختم ٿي ويو. سوچيم ته موت به هڪ سفر آهي، هڪ تبديلي آهي ۽ تبديلي هميشه بهتر ٿيندي آهي. انهيءَ خيال سبب سڄي وجود تي فرحت جو احساس ڇانئجي ويو.
وجود جو سفر شروع ٿيو.
پنهنجي انجام جي پڪ نه هيم، گناهن ثوابن جي حساب ڪتاب جي به خبر نه هئي، ڪڏهن ٻڌندو هيم ته گناهن جو حساب ائين رکيو ويندو آهي، جيئن بينڪ ۾ بنا وياج وارو اڪاؤنٽ. نيڪيون ۽ گناهه جمع ٿيندا رهندا آهن، جيڪڏهن گناهه تورتل نيڪين کان وڌي ويندا ته پوءِ دوزخ داخل ٿيڻو پوندو- ڪي وري چوندا هيا ته بيشڪ نيڪيون ڪيڏيون به گهٽيون ڇو نه هجن، ڪن گناهن جي سزا ضرور ملندي آهي. ڪن کان ٻڌو هيم ته هر ڪلمه گو تي دوزخ جي باهه حرام آهي، چاهي اهو عادتاً ئي ڇو نه پڙهندو هجي.
زندگي ۾ آڊٽ ۽ اڪائونٽ وارن جي چڪر ۾ رهيو هيم ۽ پينشن پڻ اڃا تائين نه ملي سگهي هئي. تنهن ڪري ڪجھ پريشان هيس، پڪ هيم ته ليکي چوڪي ۾ مار کائي ويندس، نه ته دوزخ جو پوءُ ۽ جنت جو شوق مون کي زندگي ۾ ڪڏهن به نه رهيو هيو.
وجود هلڪو لڳو. وياسين مٿي اڏندا، سفر ڊگهو هيو ۽ همراهه به پختو ٿي لڳو.
مٿي پهچي هن مون کي هڪ اڇي جُبي واري جي حوالي ڪيو. هي يار مون کي ساڻ ڪري هڪ وڏي عمارت ۾ گهڙي ويو، جنهن ۾ بيشمار ڪمرا هيا. اسان ننڍين ۽ سوڙهن ڪمرن مان لنگهڻ شروع ڪيو، جتي ريشمي گاديلين تي ليٽيل اڇن مُنهن وارا ماڻهو انتهائي اخلاق سوز حرڪتن ۾ مصروف نظر آيا. پر انهن جي سفيد چهرن تي ڪنهن به قسم جو خوف يا پشيماني نه هئي. ان جي بدران وڏي سنجيدگي ۽ انتهائي شوق ڇڻو نظر پئي آيو. شايد سڄي ڄمار هو اهڙن ڪمن جا منتظر رهيا هئا. مون کي ڪرب محسوس ٿي ۽ منيان لڳي سو ڪنڌ لاڙي پئي هليم.
آخرڪار هي يار مون کي هڪ وڏي هال ۾ وٺي آيو. اتي پهچي اطمينان جو ساهه کنيم. اڇن ڇڳن وارا مستعدي سان هيڏي هوڏي پئي

خوشگوار اثر وڌو.

رستي سان اڇي جبن وارا ڪيترا ماڻهو مليا، پر منهنجي نظر ۾ اهي ماڻهو نه هيا. ماڻهن ۾ ۽ انهن ۾ فرق هيو، انهن کي ڏاڙهيون نه هيون. سندن چهرن کي ڏسي عمر جو اندازو نه هڻي سگهيس، شايد جوان هيا.... هزارن لکن سالن کان اڻين هيا. هزارن لکن سالن جا پئي لڳا... اهي چپڙي ڪيون پنهنجي واٽ ورتيون پئي ويا.... هو ڊنل هيا ۽ ڪنڌ کي هيٺ نه پئي ڪيائون، اک جي پڇڙي مان مون ڏي ڏسي پئي ڏٺيا.

شايد مون متعلق ٿيل فيصلي جي خبر پهچي وئي هئي ۽ مون جهڙي ڪٽيل ڪافر کي ڏسڻ لاءِ اهي مختلف بهانن سان ان واٽ تي پئي آيا. اهي پنهنجي ڪرت ۾ مصروف لڳڻ جي وڏي ڪوشش ڪري رهيا هيا. پر سندن ايڪٽنگ بالڪل ٿرڊ ڪلاس لڳم، منهنجي چپن تي مرڪ اچي وئي.

منهنجي مرڪ ڏسي جڻ ته هو دهلجي ويا. سندن اڌ ڪليل وات، پوريون پٽيل اکيون عجيب نظارو پيش ڪن پيون. مان پنهنجي اينتري اهميت ڏسي فخر محسوس ڪيو ۽ انهن جي ان حالت تي منهنجي وات مان بيساخته هڪ وڏو گونجدار ۽ ڀرپور ٽهڪ نڪتو.

هڪ اڇي جبي وارو، جيڪو منهنجي ڀرسان پئي لنگهيو، تنهن جو چرڪ نڪري ويو، ويچاري جا گوڏا وڃي پٽ تي لڳا. ٻه ٽي ڄڻا رستو ڇڏي ويجهي گهٽي ڏي لڙي وڃي ڀڳا. ٻيا ششدر هڪ ٽڪ مونڏي ڏسندا رهيا.

مون سان گڏ جيڪو اڇي جبي وارو هيو ان تي انهن ڳالهين جو ڪو اثر نه ٿيو هيو. هو مون کي ڌڪا ڏيندو اڳتي ڌِڪليندو رهيو، شايد هن جو واهپو مون جهڙن ڏوهارين سان گهڻو رهيو هيو.

دوزخ ۾ پوڻ جو خوف نه هيم، پر هن جي زبردستي واري رويي سبب مون کي ڏاڍي چڙ ورتي. مان هن کان ٻانهن ڇڏائي سندس هٿ کي زور سان ڌڪو ڏنو. هو به ڪو مڙڻ وارو هيو، ڏند پڪوڙي 'ملعون' جو نعرو هڻي هن مون کي زور سان ڌڪو ڏنو. اهڙي طرح اسان هلندا رهياسين. سامهون هڪ عجيب نظارو اسان جو منتظر هيو. اڇن جبن وارا جمع هيا. انهن جي سرگرمي مان اندازو ٿيو ته ڪا وڏي ايمرجنسي ٿي وئي هئي. هو

"بهتر ٿيندو ته مان به هلڪا اسپورٽنگ ڪپڙا پايان جهڙا چيخوف ۽ آپريٽر ڪي پاتل آهن، اهو هتان جو فيشن ٿو لڳي." ذهن سبب سان ڳالهه ڪئي.

هڪ اڇي پينٽ ۽ نيوي بلو رنگ جي اسپورٽس شرٽ ڪلدي پاتم، هلڪي نيري رنگ جا جاگر پائي مان ٻاهر نڪري آيم، چيخوف مون ڏي ڏسي مشڪي ڏنو ۽ آپريٽر کي چيائين، "انتونيو! اسان جو دوست سمارٽ آهي، نه؟"

"ها! ناشناس هتان جي فيشن مان پڻ واقف ٿو لڳي!" انتونيو تعارفي نگاهن سان مون ڏي ڏسندي چيخوف کي وراڻيو.

"آديو!" چئي اسان همراهه ڪان موڪلايو ۽ تڪڙا ٻاهر نڪتاسين، سامهون هڪ ويڪرو رستو هيو، جيڪو حد نظر تائين سڌو هيو. رستي جي پاسي ۾ فٽ پاٿ هئي، ان سان لڳ هڪ چار فٽ گهري ست فوٽ موڪري نالي، ڪنڪريٽ جهڙي ڪنهن مصالحي جي ٺهيل هئي، چيخوف سڄي هٿ واري فٽ پاٿ تي چڙهڻ جو اشارو ڪندي هلڪو ٽپ ڏئي ان تي چڙهيو ۽ منهنجو هٿ پنهنجي هٿ ۾ مضبوطي سان جهليو. مان پاڻ فٽ پاٿ تي پير رکيو هيو، فوراً هڪ جهٽڪو محسوس ڪيم. شڪر آ جو چيخوف منهنجو هٿ مضبوطيءَ سان پڪڙيو هيو، نه ته جيڪر مان پُٺيءَ ڀَر ڪري پوان هان.

چيخوف هٿ ڇڏيندي نرميءَ سان چيو، "هاڻي مزي سان هلندا رهو."

مان ڏٺو ته فٽ پاٿ اسان جي پيرن هيٺا تيزيءَ سان هلي رهي هئي.

"موئنگ پاٿ جي اسپيڊ وڌندي ويندي، جڏهن اوهان ڪي ڪٿي بيهڻو هجي ته سامهون ريلنگ ۾ هٿ وجهندا، اسپيڊ ختم ٿي ويندي ۽ اوهان وک وڌائي روڊ تي لهي سگهندوَ."

چيخوف پنهنجي روايتي خوشدليءَ سان مون کي تفصيل ٻڌائڻ لڳو. هو نهايت خوش مزاج هيو ۽ هن ۾ پنهنجائپ هئي، ائين لڳو ڄڻ هو ڪو منهنجو پراڻو واقف هيو. مان ڪلندي پنهنجي ان خيال جو اظهار ڪيو.

"پيو نه ته ڇا؟" چيخوف جوش سان چيو، "تون مون کان پوريءَ ريت واقف آهين، مان اينتون چيخوف آهيان، منهنجون ڪهاڻيون به تو ترجمو

ڪيون هيون."

"آها!!" مون خوشيءَ وچان ٽپو ڏيندي رڙ ڪئي، "توهان پاڻ! مان ڪيترو خوش نصيب آهيان جو اوهان سان ملاقات ٿي آهي." مان سندس هٿ پنهنجي هٿ ۾ جهليندي جوش سان لوڏيندي چيو.

"مون ڪي خبر هئي ته تون اچين ٿو، ان ڪري مان پاڻ تنهنجي آجيان لاءِ آيس- تو ايندي ايندي ڏاڍي دير ڪري ڇڏي." چيخوف کلندي چيو.

"ها! مان انهن کي چوان پيو ته مون کي پيش ڪيو...." مان ياد ڪندي چيو، "... پر انهن مون کي پيش ڪرڻ کان انڪار ڪيو ۽ مان ضد ڪندو رهيس."

چيخوف هڪ ڀرپور ٽهڪ ڏنو.

"انهن ويچارن جو ڪهڙو ڏوهه، اتي ڪو هجي ها ته هو توکي ان جي سامهون پيش به ڪن ها،... ها... ها... ها... تو پنج ڏهاڙا ان ضد ۾ وڃائي ڇڏيا."

مان هن ڏي ڏٺو هن مونکي اک هنئي ۽ اسان ٻئي ٽهڪ ڏئي کلياسين.

"توهان اڄي جبي واري کي ڇا ڏنو هيو؟" مون پڇيو. منهنجي ذهن ۾ اها پلاسٽڪ واري دٻي پئي ڦري.

"ڇو؟ اسان هن کي تنهنجي رسيد ڏني هئي، اها ڪمپيوٽرائيزڊ ڊسڪيٽ هئي، جنهن ۾ تنهنجو سمورو تفصيل پروگرام ٿيل آهي."

"ڇا مطلب؟ منهنجا سڀ ڪم، سيئي ڪرتوت؟؟" مان شڪي ڪل ڪلندي چيو.

"ڇو؟ تون انسان آهين، مون کي توتي فخر آهي!" هن منهنجي حوصلي کي وڌائيندي چيو،

"تون جو ڪجھ ڪيو اهو عين فطري هيو، تو ڪڏهن به انساني جبلت کان ڪنڌ نه ڪڍايو هيو."

مون کي هاڻي اهي سڀئي ڳالهيون ياد اينديون پئي ويون، جيڪي اڄي جبي واري مون سان ڪيون هيون. الجهيل ذهن ۾ ڪا ڳالھ صحيح نه پئي ويهي، هي سڀ ڪجھ ڇا آهي؟ اڄي جبي واري مون کي

'دوزخي' سڏيو هيو-، 'ملعون' قرار ڏنو هيو ۽ اڃي هن پهلي شخص چيخوف جي حوالي ڪري ويو هيو. هتي تہ هر قسم جو سک پئي نظر آيو، ماحول بہ سٺوهيو. مُند وڻندڙ هئي، هي آخر ڪهڙي جڳهہ هئي-، مون کي تہ دوزخ بہ وچٿو پوندو. اهو ڪڏهن ٿيندو؟ هت مان انهن مهربان سان ڪيتري پريت وڌايان؟

چيخوف جو ساٿ الائي ڪيترين گهڙين رهندو؟ مان ذهن ۾ غوطا پئي کاڌا....

"ناشناس!" چيخوف جي هڪل مون کي ان غلطان مان ٻاهر ڪڍي آئي. "ڪاڏي خيال اٿئي؟ موونگ پاٿ تان لهڻو آهي، جيئن مان تهو ڏيان مون سان ٽپ ڏجانءِ."

مون ڪجهہ نہ سمجهندي ڪنڌ هاڪار ۾ ڌوڻيو- چيخوف منهنجي منهن ۾ ڏٺو ۽ منهنجي ٻانهن پنهنجي هٿ ۾ مضبوطيءَ سان جهلي، محسوس ڪيم تہ موونگ پاٿ جي اسپيڊ تمام گهٽ ٿي وئي هئي، چيخوف مون کي چڪيندي روڊ تي ٽپ ڏنو ۽ مان بہ هن سان گڏ ٽپو ڏيئي روڊ تي پهتس ۽ اسان ٻئي آهستہ آهستہ روڊ تي هلڻ لڳاسين. هاڻي اسان شهري آبادي ۾ هياسين.

مان عجب وچان جاين ڏي ڏسڻ لڳس، اهي ڏاڍيون سهڻيون ٺهيل هيون. انهن جي اڳيان وڏا وڏا ٽب رکيل هيا، جن ۾ سهڻا ٻوٽا پوکيل هيا- مون کي وڻ ڪٿي بہ نظر نہ آيو هيو.

"تنهنجي طبيعت تہ ٺيڪ آهي؟" چيخوف منهنجي نرڙ تي هٿ رکندي دانهن ڪئي.

"هان! ڇا؟" مون سندس ڳالهہ نہ سمجهندي پنهنجي ذهن کي حاضر ڪيم، هن جي پريشان چهري تي نظر پئي ۽ مون کي سندس سوال سمجهہ ۾ اچڻ لڳو.

"طبيعت بالڪل ٺيڪ اٿم، صرف ذهن الجهيل آهي تہ هي ڪهڙي جڳهہ آهي." مان پنهنجي پريشاني طرف اشارو ڪرڻ جي ڪوشش ڪيم.

"ها ها ها.... هيءَ اها جڳهہ آهي جيڪا تو پاڻ گهري هئي ها! ها! ها!!" هن وڏو ٽهڪ ڏيندي چيو.

"ڇا مطلب؟" مان ڪجھ نہ سمجھندي سوال ڪيو.

"يار اھو منھنجو ڏوھ آھي. مون کي گھربو ھيو تہ مان توکي، سموري ڳالھ تفصيل سان ڏسيان ھا تہ جيئن توکي پريشاني نہ ٿئي ھا. دراصل منھنجو ارادو ھيو تہ پھريان ھلي ڪيفي ڊي لبرلز* ۾ ويھنداسين، پوءِ مان توکي ڪاسمولاجيڪل تبديليون ٻڌائيندس،" ھن سنجيدہ ٿيندي چيو.

"مون کي اوھان جي ڪابہ ڳالھ سمجھ ۾ نہ آئي آھي."

ھن جي چپن تي پنھنجائپ ڀريل مسڪراھٽ آئي، روڊ جي پاسي ڏي اشارو ڪندي ھڪ وڏي ڪليل پٿر ڏي وٺي ھليو، جتي ڪنھن مصالح جون لھيل آرام دہ ڪرسيون ۽ ٽيبلون رکيل ھيون. بالڪل ائين لڳو ڄڻ تہ اسان پراڻي پيرس جي ڪنھن ريسٽورنٽ تي پھتا ھياسين.

ھڪ پاسي واري ميز جھلي ويھي رھياسين، چيخوف اٿي وڃي ھڪ وڏي باڪس مان ٿرماس نما جڳ ۽ ٻہ جست جھڙا گلاس کڻي آيو. جڳ مان اوتي گلاس ڀري مون کي ڏنائين، جيڪو مان تڪڙ ۾ پي ويس. فرحت جو احساس ھيو، جو ھر ڍڪ سان پيٽ ۾ لھندو پئي ويو. وڏي قرار سان پير ڊگھيري چيخوف ڏي ڏسڻ لڳس. ھن ڪنڌ کي تعريفي انداز ۾ ڌوڻيندي چيو، "ربيل اسڪوائش* آھي. ھتان جو مقبول مشروب..."

ھن جڳ اوتي ٻيھر گلاس ڀريو. مان گلاس ڪنھن حريص ٻار وانگر جھٽ ڏيئي پي خالي ڪري ميز تي رکيو.

ھن ٽيھر گلاس ڀريو، سندس چپن تي موجود مرڪ وڌيڪ گھري ٿي وئي، ھن چيو،

"ھي دوزخ آھي! ھي تو پنھنجي عمل ۽ انڪار سان ھٿ ڪيو آھي، ھاڻي توکي ھت ئي رھڻو آھي، توکي ھتان ڪابہ طاقت ڪڍي نہ ٿي سگھي، اھا دلجاءِ ڪر." چيخوف اعتماد سان مشڪندي مون کي يقين ڏياريندي، منھنجي ذھن جون الجھنون صاف ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.

"ھي دوزخ آھي...؟؟ پر!!" مان چپن ۾ پٽڪيس.

"...پر... چوندا ھيا تہ اتي باھ ھوندي، نانگ بلائون ھونديون، لوھا گرز ھوندا..."

---

*Cafe de Liberals
*Rebel Squash

"خطرناڪ ملائڪ هوندا..." هن منهنجو جملو پورو ڪيو.
"دوست اهو سڀ ڪجهه هت هيو، پر ان کان به وڌيڪ هيو، هت نيوڪليئر فيوزن ٿيندي رهندي هئي- ريڊيئيشن سموري ماحول تي طاري هئي..." چيخوف دوزخ جي ڪيميائي ساخت متعلق ٻڌائي رهيو هيو، اهي تفصيل تمام دلچسپ هئا.
"اوهان ته سموري جمار ڊراما ۽ افسانا لکيا آهن، اها سائنس ڪٿان پڙهيوَ...؟" مان حيرت وچان رڙ ڪئي.
"ها! ها! ها..." هن خوشدليءَ سان ٽهڪ ڏنو.
"....ايتري سائنس ته توکي به ڪجهه عرصي ۾ اچي ويندي...، اصل ڳالهه اها آهي ته سموري دنيا جا سائنسدان، هنرمند، رانديگر، دانشور، حوصلہ مند، باغي سڀئي پنهنجي سائنسي عقيدن سبب هيڏي موڪليا ويا هئا، ذهين انسان سڀ هت اچي گڏ ٿيا، شروع ۾ انهن ان هنڌ کي مٿائڻ جون ڳالهيون ڪيون، ٻيا دنل هيا، انهن تعاون نه ڪيو، پر پوءِ انهن جو خوف به ختم ٿي ويو، جو ته هت موت تو هيو ئي نه، ماٺهو ٽڪرا ٽڪرا ٿي به وري اٿي ڪڙو پئي ٿيو. سائنسدانن جي رهبري هيٺ وڏي محنت کان پوءِ سمورن عنصرن (Elements) کي هڪ ٻئي کان ڌار ڪري، جدا جدا رکيو ويو. نانگن بلائن کي ڪيميائي ڦوهارن سان ماري ختم ڪيو ويو. ڌاتو هٿ ڪري انهن مان مختلف اوزار تيار ڪيا ويا، وڏين پٿرين ۽ باهه جي ڪورن سبب ڌاتو پگهارڻ آسان هيو..." چيخوف ڪيميائي انجنيئرنگ جي ڪارنامن تي روشني وجهندو رهيو ۽ مان حيرت سان انساني حوصلي ۾ عظمت جو داستان ٻڌندو رهيس.
چيخوف چئي رهيو هيو، "هتان جي ماحول کي خوشگوار بنائڻ لاءِ ماهوار سياره فضا ۾ ڇڏيا ويندا آهن، هتان جي زمين ۾ معدنيات تمام گهڻي آهي، ريڊيم، ريجيئم، ريبيس هت ملي ٿي ۽ اسان جون سائنسي ايجادون انهن طاقتن تي هلن ٿيون، اهو ئي سبب آهي ته هتان جي زمين ۾ وڻ ٻوٽا نٿا ٿين...."
"پر هي گل ٻوٽا....؟" مون تڪڙ ۾ هن جي ڳالهه ڪٽيندي چيو.
"ها! اهي اسان ڪيميڪل مٽي ٺاهي ان تي پوکيا آهن، اوهان ڏٺو هوندو ته اهي وڏن فرمڪ ٿانون ۾ پوکيل آهن...." هن ڪنڌ مٿي ڪري

اسان هتي ملاياسين، مون هن جا ڪتاب پڙهيا هئا. اسان پاڻ ۾ آدرڀاءَ وارا لفظ ڏي وٺ ڪيا، ڪنهن اچي منهنجي ڪُلهي تي هٿ رکيو. ڪنڌ ورائي ڏٺم، ڪرشن چندر بيٺو هيو. هن جي منهن تي هميشه رهندڙ، من موهيندڙ مرڪ هئي. اسان هڪ ٻئي سان ڀاڪرين پئجي وياسين. هن سان هڪ ٻيو به شخص ساڻ هيو. مان هن کي سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪندي ذهن تي زور ڏنم.

"اڙي چو؟ منجهي وئين؟" ڪرشن چندر هڪل ڪئي، "حسرت موهاني آهي..." هن کلندي چيو.

مان هن حليم طبع باغي سان وڏي محبت ۽ تعظيم سان مليس. سامهون هڪ مرد ۽ هڪ عورت ايندا نظر آيا. مرد جي منهن تي مرڪ هئي. ڪين سڃاتم، "سارتر!" مان رڙ ڪئي. سارتر هٿ ملائيندي پنهنجي ساٿي جو تعارف ڪرائيندي چيو، "سيمان دي بائر! هاڻي ئي هت پهتي آهي."

مون کي ياد آيو ته تازوئي اخبار ۾ سندس موت جي خبر پڙهي هيم- "ان جو مطلب ته مان به پوءِ ترت ئي مئو هيم..." ذهن ۾ هڪ لمحي لاءِ گذرندڙ وقت جو پاڇو آيو.

"اوهان ننڍي ڪنڌ وارن جو پاڻ ۾ ملڻ جو طريقو ڏاڍو پيارو آهي." دي بائر تعارف کان پوءِ مشڪندي چيو.

اسان سڀ کلندا ڳالهائيندا، هڪ باڪس ۾ داخل ٿياسين، سامهون هيٺ وچ تي اسٽيج لهيل هئي، اسٽيج جي چوڌير شيشا لڳل هيا. هيءَ عمارت هڪ وڏو ٿيٽر هال هيو.

"اسٽيج جي چوڌير مينگنيفائنگ گلاس لڳل آهن، انهن جي فوڪل لينٿ، ڪانسٽنٽلي ايون (Constantly even) آهي، اسٽيج تي ايندڙ هر شئي پنهنجي حقيقي ماپ کان ڪي ڀيرا وڏيڪ وڏي نظر ايندي، اهڙي طرح هيڏي ساري وڏي هال ۾ موجود سڀئي ماڻهو پروگرام کي چڱيءَ طرح ڏسي سگهن ٿا." چيخوف اسٽيج تي اشارو ڪندي چيو.

مان حيرت ۽ خوشي وچان ڪنڌ کي تعريفي انداز ۾ لوڏيو.

"ذهين ماڻهن مان اها توقع ڪري سگهجي ٿي ته اهي جتي به رهن زندگي کي سهل بڻائن." حسرت موهاني تعريف ڪندي چيو.

پنهنجي مدد متعلق اشارو ڪيو. هو هن ڀيري پريشان نہ پئي لڳو. 'پاس'، چئي حسن ڪال اڳتي وڌائي.

'فورنو ٽرمپ'، مسعود ڪرنل صاحب ڏي ڏسندي آهستگي سان ڪال ڏني.

جنهن مان سندس مراد اها هئي تہ هو ڪرنل ڪان ڇچي رهيو هيو تہ هن وٽ ڪيترا يڪا هيا.

'پاس،' الطاف حسب سابق چيو.

'فائيو هرٽس'، ڪرنل صاحب چيو.

جنهن مان اها مراد هئي تہ هن وٽ بہ يڪا هيا.

هاڻي مسعود وٽ ايتري معلومات هئي جو هو پنهنجي اصلي راند جو اعلان ڪري سگهي.

هن آهستگي سان ڪال ڏني، "سڪس اسپيڊ."

ڪرنل صاحب اطمينان سان پنهنجا پتا ويڙهي مسعود کي ڏنا ۽ هن جي هٿن مان پتا وٺي ڏسڻ لڳو.

ان وقت آءٌ مسعود جا پتا ڏسي سگهيس. آءٌ هميشہ جئيان ڪرنل صاحب جي پر ۾ ويٺو هيس. مسعود واقعي نهايت سمجهداري سان بڊ ڪئي هئي (واربو هيو). ڪرنل صاحب آهستہ ڪنڌ ڌوڻيو.

اها راند بہ مسعود تمام سٺي ڪئي.

راند ختم ٿيڻ تي ڪرنل صاحب مونڏي ڏٺو، آءٌ ڪنڌ سان "وہ واہ!" ڌوڻيو، ڪرنل صاحب جڻ سر ملائيندي چيو، ويل پليڊ!... ويري ويل پليڊ!!"

مسعود جي اطمينان ڀري منهن تي هڪ لحي لاءِ پريشاني نظر آئي هئي.

اهو پهريون ڀيرو هيو جو آءٌ سندس منهن تي پريشاني جو تاثر ڏٺو. مان سندس اکين ۾ ليئو پاتو، انهن ۾ عجيب قسم جي تڪڙ ۽ الجهن نظر پئي آئي. آءٌ سوچڻ لڳس تہ آخر ائين ڇو؟

مسعود جو سڪون ۽ اطمينان تعريف جي هڪ لفظ سان ختم ٿيو هيو، جيئن هڪ ننڍڙو پٿر وڏي ڍنڍ جي بيٺل پاڻيءَ کي متلاطم ڪري ڇڏيندو آهي.

جڳن جو اهو بيٺل پاڻي هڪ معمولي اڇل تي تلاطم جو شڪار ٿيو هيو....

مون کي اعتبار نہ پئي آيو.

ڪرنل صاحب حسب روايت راند جي مختلف پاسن تي ۽ ڪال ڏيڻ (وارڻ) جي لطيف رمزن تي ڳالهائيندو رهيو. آءٌ سندس اهي قيمتي گفتا ٻڌڻ پئي چاهيا. ساڳئي وقت منهنجو الجهيل ذهن مسعود جي حالت متعلق سوچيندو بہ رهيو.

مسعود ڪال ڏني، پتا ڪلڻ کان پوءِ اهو ظاهر ٿيو تہ هن بالڪل اها ڪال ڏني هئي جيئن ڪرنل صاحب ڪجھ دير اول سمجهائيندو رهيو هيو.

مون کي سخت حيرت ٿي تہ مسعود ڪرنل صاحب جي ڳالھ ٻڌي ۽ مڃي هئي. اهو پهريون اتفاق هيو.

راند کان پوءِ ڪرنل صاحب مونڊي ڏسڻ کان سواءِ مسعود جي راند جي تعريف ڪئي.

مون مسعود ڏي ڏٺو، روايتي سڪون بدران پريشاني هن تي قابض نظر آئي.

هن جي نرڙ تي پگهر جا سنها قطره بلب جي روشني ۾ پئي چمڪيا. آءٌ ان تبديلي سبب الجهن ۾ پئجي ويس. سندس اطمينان مون کي جبل جهڙو لڳندو هيو، پر ان وقت اهو سڪون غائب هيو.

هن خشڪ چپن تي زبان ڦيرائي انهن کي آلو ڪيو ۽ پتا ورهائڻ لڳو.

سندس هٿ ڏڪي رهيا هيا.

لاءِ هن پنهنجيون اکيون مٽي نہ ڪيون. بلڪ ان عجيب جانور لاءِ سندس وڌندڙ نفرت هن کي عجيب همت ڏياري هئي. هن ڪمال هوشياري سان اڳتي وڌي مڪروه جانور جي پٺيان حملو ڪري سندس ڪياڙيءَ ۾ چڪ وڌو، هن پهريون ڀيرو محسوس ڪيو تہ هو ڪيترو طاقتور هيو.

جانور سُور جي ڪري چوڦير ڦرڻ لڳو هن وري اهو چڪ ڇڏي سندس ڪُڪ ۾ ٻيو چَڪ وڌو.

هن ماڻهن جو وڌندڙ گوڙ ٻڌو. هو وَاهه وَاهه ڪري رهيا هئا. پر ڪيس هن دفعي ڪا خوشي محسوس نہ ٿي هئي، جهڙي باغ ۾ ڪتن سان وڙهندي محسوس ٿي هيس. بلڪ ڪيس تمام گهڻي مٺيان لڳي هئي، هن اڄ ماڻهن کي صحيح رنگ ۾ ڏٺو هيو. ان ڪري هو ڪتن کي سٺي ماني کارائيندا هئا، هن سوچيو.

ايتري ۾ سندس نظر لٺ واري ماڻهوءَ تي پئي، جيڪو سخت پريشان نظر پئي آيو ۽ هيڏي هوڏي ڦري رهيو هيو. ان جي پريشاني ڏسي سندس همت وڌي وئي، هن وري ان عجيب جانور تي پوري طاقت سان حملو ڪيو. سندس هي حملو ڏاڍو خطرناڪ ثابت ٿيو ۽ ٻيو ڪتو پڻ تيزي سان حملا ڪندو پئي رهيو. هاڻي تہ عجيب جانور ڏاڍيون رڙيون ڪري رهيو هيو. هن جي تصور ۾ مڪروه جانور جي بيوسي هڪ نئين صورت وٺندي پئي وئي. اهو پنهنجي بدبو ۽ اڳري شڪل وڃائي ويٺو هيو، هاڻ هنجا مهاندا جاتل سڃاتل لڳا، هن اڳتي وڌي پئي حملا ڪيا. سندس وات ۾ عجيب ذائقو ڪيس هڪ نئين طاقت ڏئي رهيو هيو. وڌيڪ جوش سان ٽپو ڏئي جانور جي ڪنڌ ۾ چڪ وڌو- هن جو وات گرم ۽ گهاٽي شئي سان ڀرجي ويو. ڪيس عجيب راحت جو احساس ٿيو. هن ائين محسوس ڪيو تہ ڄڻ هو خانبهادر صاحب جي رت پي رهيو هجي.

# ... ڪپرو پڇن ڪوڙيون

ڪار جي رفتار تيز نہ هئي. هو ٻئي خاموش هيا ۽ ڳپل وقت کان بلڪل نہ ڳالهايو هئائون.

"ڇا سوچي رهيو آهين؟" سمينہ هن ڏي ڏسندي چيو.

"ڪجهہ بہ نہ!" سڪندر هن ڏي ڏسڻ کان سواءِ جواب ڏنو.

"آخر ڪا تہ ڳالهہ هوندي، ائين ذهن ڀلا خالي تہ رهي نٿو سگهي." سمينہ اصرار ڪيو.

"ذهن خالي هرگز نہ هيو، بلڪ ان ۾ تمام گهڻيون ڳالهيون هيون. هاڻي ايترين سارين شين مان آءٌ ڪيئن هڪ چونڊي چوان تہ مان ڪا خاص ڳالهہ سوچي رهيو هيس." سڪندر اطمينان سان جواب ڏنو.

"مون ڪڏهن چيو تہ تون مون کي ڪا هڪ خاص ڳالهہ چونڊي ٻڌاءِ تہ تون اها سوچي رهيو هئين. مون صرف اهو پڇيو هيو تہ تون ڇا سوچي رهيو آهين؟ ڀلي جان تون مون کي پندرنهن ويهہ شيون ٻڌاءِ جيڪي تنهنجي ذهن ۾ آيون هيون." سمينہ هن جي اطمينان کان چڙندي چيو.

"هڪ ڳالهہ اها ذهن ۾ هئي تہ اسان صبحاڻي پنجين لڳي تائين واپس موٽي سگهنداسين الائي نہ، منهنجي هڪ امپارٽنٽ اپوائنٽمنٽ هئي. ٻيو تہ مان سوچيان پيو مارچ تائين پنهنجي شادي ٿي سگهندي. ٽيون تہ ڇا مارچ تائين شادي ڪرڻ ضروري آهي، هڪ ٻہ سال دير بہ تہ ڪري سگهجي ٿي. چوٿين ڳالهہ تہ منهنجو نئون بزنس وينچر ڪامياب ٿيندو نظر اچي ٿو، ان جي خوشي ملهائجي يا ائين خاموشي سان ئي ايڪنوٽي شروع ڪجي. پنجين ڳالهہ تہ قريشي سان ڀائيواري ۾ فيڊ وارو ڪم نہ ڪيان تہ بهتر، اڄڪلهہ فيڊ ۾ ڪامپيٽيشن تمام گهڻي آهي، وڏي پئسي واري پارٽي کان سواءِ ان بزنس ۾ بيهڻ ممڪن ناهي..."

"بس! بس!! هائو ان رومانٽڪ يو آر!!!" سمينه ڪجهه رُسندي چيو.
"رئلي؟" سڪندر هن ڏي ڏسندي چيو. هن جي منهن تي ڪوبه تاثر نه هيو.
"وي آر گوئنگ ٽو ڪينجهر! مائي ڊريم لينڊ!! ۽ تون بزنس جي مسئلن تان ذهن ٿورو لاهي سگهين، اٽس پُنِي ڊيئر!" سمينه دري مان اندر ايندڙ اُس ۾ پنهنجن ڊگهن نهن جي شوخ نيل پالش جو رنگ پيٽيندي چيو.
"مون کي به ڪينجهر بيحد پسند آهي، پر مان پنهنجون سوچون توکي ٻڌايون، ان جو مطلب اهو ناهي ته ڪو مان ڪينجهر وڃڻ نٿو گهران." سڪندر بغير ڪنهن پريشاني جي جواب ڏنو. هو هڪ عملي ماڻهو هيو، جنهن وٽ گهڻا اجايا گمان نه هيا. هو دليون هٽندو هيو نه ئي اجايا قصا ڪٽندو هيو، جو ڪجهه ڪرڻ چاهيندو هيو، گهڻي سوچ ويچار کان پوءِ فيصلو ڪري ان تي عمل ڪندو هيو.
ڪينجهر پهچي هو ٽئين ريسٽ هائوس ۾ ٽڪيا. سمينه کي ريسٽ هائوس پسند آيو هيو. ريسٽوران جو ڪاڌو به سٺو هيو. منجهند جي ماني کان پوءِ هو ٻيڙي تي چڙهي ڪينجهر جي اندر گهڻو پنڌ پري نڪري ويا.
سياري جي شروعات هئي، پکين جي اچڻ جو سلسلو جاري هيو.
"ڏس ته ڪيڏا نه سهڻا پکي آهن!" سمينه دوربين سڪندر ڏي وڌائيندي چيو.
"هي ولر ڏس! تازو آيل ٿو ڏسجي." سڪندر دوربين سمينه کي واپس ڪندي هٿ سان اشارو ڪري آسمان ۾ اڏامندڙ پکي ڏيکاريا.
"ڏس ته پکي به ڪيئن نه هن ڍنڍ جي محبت ۾ گرفتار آهن، هائو سويٽ اٽ از!" سمينه پکين ڏي ڏسندي وڏي پنهنجائپ سان چيو.
"ها اهي ويچارا به جيئڊان لاءِ پيا ماڳ مٽائين." سڪندر وراڻيو.
"ڪجهه تصويرون وٺ!" سمينه ٿيلهي مان ڪئميرا ۽ ٽيلي لينس ڪڍي سڪندر کي ڏيندي چيو، "اهي سلائيڊز ڏسي افشان، وسيم ۽ رابي آنٽي وارا ڪيڏا نه خوش ٿيندا."
سڪندر ٽيلي لينس کي احتياط سان ڪئميرا ۾ فٽ ڪري ڍنڍ ۾ ترندڙ پکين جون تصويرون وٺڻ شروع ڪيون. فوٽوگرافي هن جي هابي

هئي. هن مهاڻي کي ٻيڙي لاڙي پٺي طرف هلڻ لاءِ چيو هيو. هو روشني جو ڌيان ڪندي فوٽو ڪاهي رهيو هيو، سياري جي ڇڏبي جهڙ مان ليئو پائيندڙ سج جا ڪرڻا خدائي نور جيئان ڍنڍ جي صدين کان بيٺل پاڻي کي هڪ معني خيز بزرگي عطا ڪري رهيا هئا ۽ سمينہ ڍنڍ جي آفاقي حيثيت کان بيحد متاثر پئي لڳي.

هو گهڻو وقت ڍنڍ ۾ ڦرندا رهيا. لهندي سج جون تصويرون سڪندر وڏي محنت سان ورتيون هيون، سمينہ محسور هر گهڙي تعريفون ڪندي نہ پئي ٿڪي.

رات جي ماني انهن ريسٽوران جي دڪي تي ويهي کاڌي. چنڊ جي چانڊوڪي ۾ ڪينجهر جو سڪون دلين جي ڌڙڪن کي ڌيمو ڪري لطف بخشي رهيو هيو، سمينہ ڪينجهر جي موڪري سيني تي پوندڙ چنڊ جي لڏندڙ عڪس طرف ڪيترا دفعا اشارو ڪري سڪندر سان الائي ڇا ڇا نہ ڳالهايو هيو. سڪندر تعريفي انداز ۾ ڪنڌ ڌوڻي پنهنجن خيالن ۾ غرق ٿي پئي ويو.

رات جو سڪون سان سمهيا. صبح جو ٻنا ڪنهن خاص ڪوشش جي هو صبح جو سويل اٿيا. نيرن کان پوءِ هو وري ٻيڙي تي سوار ڪينجهر جي پينگهي ۾ جهولندا ويا.

مهاڻن جي وسندي ۾ گهمندي مسرت جو احساس انهن سان رَليو رهيو. هر طرف پکين جا ولر ٿي ڏٺا. سڪندر مهاڻن جي ڪرت جو ڌيان سان مشاهدو ڪندو رهيو. غريبن جي زندگي جي ڏوجهرن جو ڪيس اندازو هيو پر انهن جو سڪون حيرت جوڳو هيو، ڪينجهر ماءُ جي ڇاتي مان کير جي سرڪ جو سندس اولاد کي پڪو يقين هيو. ايندڙ سج ۾ اهڙو اعتماد سندس زندگي ۾ ته نہ هيو.

منجهند جي ماني لاءِ هو مهاڻن جي گهرن ڏي موٽي آيا. زمين تي وڇايل تڏي تي ويهي هو ماني جو انتظار ڪندي مهاڻي عورت کي ماني پچائيندي ڏسندا رهيا.

"مان ڪينجهر جي وسعتن ۾ ڪوئجي وڃڻ ٿي چاهيان!" سمينہ ٿڌو ساهه ڀريندي چيو.

"سچ پچ؟" سڪندر آهستي سوال ڪيو، هو ڪنهن گهري خيال ۾

پئي ڏٺو.

"ريئلي ڊيئر! اٽس لائف!!" سمينہ هن ڏي ڏسندي هر لفظ تي زور ڏيندي چيو.

"مان ڪينجهر ڪناري جيئڻ ڪي هر شيءِ تي ترجيح ڏيان ٿو. جڏهن تنهنجي بہ اها مرضي آهي تہ مان هت ساده زندگي گذارڻ پسند ڪندس." سڪندر هر هڪ لفظ چٿو ۽ آهستي ادا ڪندي چيو، هن جي انداز مان پختي ارادي جي ڄاڻ ٿئي پئي.

"اوه! نو نو!!" سمينہ خوفزده لهجي ۾ چيو. هن جي منهن تي پريشاني جا بادل ساوڻ جي جهڙ جيئان اچي گڏ ٿيا هيا.

# نہ ڪو سنڌو سور،
# نہ ڪو سنڌو سڪ

مهتا اينڊ ڪمپني جي آفيس جي در کي قلف هڻي هن چاٻي پنهنجي پينٽ جي کيسي ۾ وڌي- ڪمپني جي حساب ڪتاب جي ساليانہ پڙتال سبب ڪيس دير تائين دفتر ۾ ويهڻو پيو هيو. ٻہ چار دفعا پراڻي گهڙيال گهنڊ وڄائي هن جو ڌيان گذرندڙ وقت طرف ڇڪائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، پر هن ڪلاڪ جي سُئي ڏي ڏسي وري اکيون وڏي رجسٽر ۾ کپايون هيون.

منجهند جي ماني بہ هن نہ کاڌي، رڳو چانهن تي گذر ڪندو رهيو. جڏهن ڇهہ لڳا تہ هن وڏو رجسٽر ويڙهي رکيو ۽ اُٿي آفيس جا در دريون بند ڪيا. بلڊنگ مان نڪرڻ وقت هن ذهن ۾ ماني جي خيال کي آندو هيو- پر وري ڪلها چنڊي ان خيال کي ڌڪي ڇڏيو هيائين جو سندس ذهن ۾ آفيس وارو گهڙيال اچي ويو هيو، جنهن جي ڪلاڪن واري سئي ڇهن جي انگ تي بيٺي هئي. هاڻي تہ ڪيس رات جي ماني کائڻي هئي. هوئن بہ هن جهڙي اڪيلي ماڻهو جي زندگي ۾ ماني جو ڪهڙو درجو- جي کاڌي تہ ٺيڪ، جي نہ کاڌي تہ بہ ٺيڪ.

پنجونجاهہ سالن جي سهراب جو قد ڊگهو ۽ بدن سنهو هيو، سڌي ڪالي تي اڇي زين جي پينٽ ۽ اڇي کاڌي جي بشرٽ ٺهيس پئي. هو ڊگهيون وکون کڻندو، بيخيالو هلندو ويو.

سامهون فٽ پاٿ تي وڏي رش هئي، هن وک ڊري ڪئي ۽ فٽ پاٿ تان لهي روڊ تي هلڻ لڳو. اها بينڪ ۾ بل ڀرڻ وارن جي رش هئي. ڊگهي قطار...

هن روڊ پار ڪيو ۽ ڪنڌ ورائي ماڻهن تي هڪ نظر اڇلائي... ٿڪل چهرا، جن تي بيزاري جي ڇنڊ بہ پيل هئي- ڊگهي قطار ۾ سيٺي

بدمستين جو ساٿي هرمز هيو. لالہ رامداس جي شرابخاني تي ھئي گڏ ايندا هيا ۽ گڏ ئي اٿندا هيا. اها هرمز جي ڇُرچ ئي هئي جنهن سببان جمشيد رتي کي سهراب سان ملڻ تي ماريندو هيو. انهن جي ساٿ جو اهو نتيجو نڪتو جو جمشيد هاڻي رتي جي شادي بہ هرمز سان ڪرڻ گهري پيو. آخر هڪ بدنصيب ڏينهن جمشيد پنهنجي برادري ۾ رتي جي شادي جو اعلان ڪري ڇڏيو. رتي ويچاري مٿان تہ ڄڻ ڇت ڪري پئي، هن روئي روئي پنهنجا برا حال ڪيا... رتي جي والده خاموش رهي، ڪنهن بہ ڪجھ نہ چيو. سڀ ڄڻ پنڊ پهڻ ٿي پيا هيا. سهراب جون مٺيون ڀڪوڙجي ويون... ان ڳالھ جي يادگيري سندس رت جي گردش تيز ڪري ڇڏي هئي.

هن کي چڱي طرح ياد هيو تہ هن ڪيئن پنهنجي ڪاوڙ روڪي هئي ۽ رتي کي دلجاءِ ڏني تہ سندس زندگي ۾ رتي ھئي ڪنهن جي ٿي نٿي سگهي. رتي خاموشي سان هن ڏي ڏٺو هيو. سندس وڏين ڪارين اکين ۾ موجود سوال سان گڏ هڪ اڻ ڏٺو ڀوءُ بہ شامل هيو.

هن کي اندازو نہ هيو تہ هوڪيئن جمشيد کي پنهنجي هوڏ تان لاهي سگهندو. بهرحال ڪيس اها پڪ هئي تہ رتي ڪنهن بہ قيمت تي هرمز جي نہ ٿي سگهندي. کيس محسوس ٿئي پيو تہ حالات ڪنهن وڏي مصيبت طرف وڃي سگهن پيا، پر ان ڪان وڏي ٻلا ٻي ڪهڙي مصيبت ٿي سگهي پئي تہ هو هميشہ لاءِ ڌار ٿي وڃن. جڏهن رتي جي صورت ذهن ۾ ٿي آيس تہ بدن مان سيسراٽيون نڪري پئي ويس. هن کي ان شام جي هر هڪ گهڙي ۽ ان جو هر تفصيل ياد هيو. هو جمشيد سان ڳالهائڻ لاءِ لالہ رامداس جي شرابخاني تي ويو هيو ۽ ان شام...

ان شام تہ سڀ ڪجھ بدلائي ڇڏيو، هن جي زندگي بدلائي ڇڏي...

زندگي جيڪا وعدن ۽ اميدن سان ڀريل هئي يڪدم جيل جي تاريڪين ۽ مايوسين ۾ بدلجي وئي...

ڪٿي هو ۽ رتي پنهنجي گهر جا سپنا ڏسندا هيا، ڪٿي هو اڪيلو جيل جي ڪاري رات ۾ بيقرار ننڊ لاءِ بہ ترسندو رهيو. جيل جا اهي پنجويھ سال انتظار جا ڊگها سال هيا۔ اهڙو انتظار جنهن جي ڪا منزل ٿي سگهي پئي جا؟

هڪ ٻئي کي ڏسندا رهيا.

"ڇا اسان سور ۽ ونڊي ئتا سگهون..." سهراب دل مضبوط ڪندي وڏي حسرت سان بس ايترو ئي چئي سگهيو- سندس آواز گگهو ٿي ويو هيو.

"هڪ عورت ڀلا ڪيئن پنهنجي پيءُ ۽ ٽيڻ واري مڙس جي قاتل سان رهي سگهي ٿي." رتي عجيب لهجي ۾ چيو.

بيشڪ اهو آواز ڇاتل سڇاتل هيو... پر اهو آواز رتي جو ته نه هيو- سهراب رتي جي اکين ۾ ڏٺو، هن جي چهري تي ساڳيو تاثر هيو، جيڪو هن قطار ۾ بيٺل عورت جي چهري تي ڏٺو هيو.

شايد اهو انتظار جو تاثر هيو... اهڙو انتظار جنهن جي ڪا منزل نه هجي.

# ڳلن ڳوڙها ٿمندا...

"مان ڏاڍو خوش آهيان، بابا پاڻ سان گڏ ولي وڃڻ جو وعدو پورو ڪري پيو. امي به نيٺ موڪل ڏني. بابا تمام سٺو آهي، امي به خيال ڪندي آهي پر ڪڏهن ڪڏهن مار به ڏاڍي ڏيندي آهي.

"مان ڪڏهن به ڳوٺ نه ڏٺو آهي. هميشه امي سان گڏ شهر ۾ رهندو آهيان. بابا شهر ۾ رهندو آهي، هو ڳوٺ به ويندو آهي. مان ضد ڪندو آهيان، پر بابا چوندو آهي ته تون وڏو ٿي ته پوءِ توکي ڳوٺ ولي ويندس. هاڻي مان وڏو ٿي ويو آهيان. هيڊمسٽريس به مونکي ائين چيو. امي وري چئي ٿي ته، نون سالن جو ماٺهو اجا ٻار هوندو آهي. جيڪو نوڪري ڪندو آهي، اهو وڏو هوندو آهي. بابا منهنجو پاسو ورتو. بابا کي سڀ خبر آهي ته ماڻهو ڪيترن سالن جو ٿيندو آهي ته اهو وڏو ٿي ويندو آهي. امي ته بس ان ڪري چوندي آهي ته جيئن مان ڳوٺ نه وڃان. بابا امي کي ڳوٺ ته نه ولي ويندو آهي. امي کي ته اڪيلي ۾ پوءُ ٿيندو آهي. پوءُ ته مون کي به رات جو ٿيندو آهي، جڏهن بتي بند ٿي ويندي آهي. پوءُ ته مبيني کي ٿيندو آهي.

"بابا گاڏي هلائي پيو، مان پرسان ويٺو هيم، آءٌ دري جي ٻاهر ڏسان پيو. سامهون ڏسڻ لاءِ مان سڌو ٿي ويٺم. بابا موڏي ڏسي کلي پيو. الائي ڇو؟.... بابا گهڻ ڳالهائيندو آهي. امي کي گهڻيون ڳالهيون ياد آهن. امي ته رات جو آڪاڻيون به ٻڌائيندي آهي. بابا چئي پيو، "حسين وڏو ٿيو آهي،مان اڄ خوش ٿيو آهيان." بابا صحيح چئي پيو. مان به ڏاڍو خوش آهيان.

"اسان جو ڳوٺ ڏاڍو پري آهي. بابا چئي پيو ته، حسين تون ٿڪجي ته نه پوندين؟"

"مان بابا کي چوان پيو، بابا ڳوٺ وڃڻ وارا نه ٿڪبا آهن."

"بابا منهنجي ڳالهه مڃيندو آهي. مان صحيح چوان پيو. جيڪڏهن ڳوٺ وڃڻ وارا ٽڪجن ها ته بابا ڇو هرهر ڳوٺ وڃي ها؟

"اسان صبح جو سوير اٿياسين. اڃا رات هئي، جڏهن اسان هلياسين، بابا چئي پيو ته جلدي ڳوٺ پهچون. مان به چوان پيو ته جلدي ڳوٺ پهچون. ڳوٺ ۾ ٻير جا وڻ آهن، اتي گهڻا ٻير آهن، مونکي ٻير ڏاڍا وڻندا آهن. بابا چوندو آهي ته ڳوٺ جا ٻير ڏاڍا سٺا ٿيندا آهن. مون ته اهي ٻير اڃا نه کاڌا آهن. مان ته هاڻي ڳوٺ وڃان ٿو. امي ته ڪڏهن ڳوٺ نه وئي آهي. امي ته وڏي آهي. پر اها ڇو الائي هن مهل تائين ڳوٺ نه وئي آهي؟ بابا ئي اڪيلو ويندو آهي. هاڻي مان به وڃان ٿو. مان ته وڏو ٿي ويو آهيان.

"بابا کي ڳوٺ ڏاڍو سٺو لڳندو آهي. تڏهن ته هو گهڙي گهڙي ڳوٺ ويندو آهي. رستي ۾ ڏاڍا وڏا جبل آهن. مان بابا کان پڇيم، بابا هي جبل ڪيئن ٺهيا آهن؟ بابا چئي پيو ته جڏهن زمين ٺهي ته اهي جبل به ٺهيا.

"مان بابا کي ٻڌايو ته، الله تعاليٰ سڀني شين کي خلقيو آهي، اسان جي ڪتاب ۾ لکيل آهي. مان بابا کان پڇيو جبل الله تعاليٰ کان وڏا آهن؟ بابا مون ڏي ڏسي پيو چيائين، "الائي مون کي خبر ناهي." مون کي خبر آهي، الله تعاليٰ سڀني کان وڏو آهي. امي کي سڀ خبر آهي، اها مون کي پڙهائيندي آهي. بابا کي اهي ڳالهيون خبر ناهن، بابا اهڙا ڪتاب نه پڙهندو آهي.

"بابا آهستي گاڏي هلائي پيو. مان ته ايڏي تيز هلائي وڃان، ايڏي تيز هلائي وڃان جو منٽن ۾ ڳوٺ پهچي وڃان، اگر منهنجا پير هيٺ پهچن. بابا چئي پيو ته، دل ته ائين ٿي چئي منٽن ۾ ڳوٺ پهچون.... اڄ ته تون به هلين ٿو پنهنجي ڳوٺ... پر ابا روڊ تي ٻيون به گاڏيون آهن.

"روڊ تي وڏيون ٽرڪون هلنديون آهن. اهي تمام تيز هلنديون آهن، سڀني کان وڏيون، مان بابا کان پڇيو، اهي سڀني کان وڏيون هونديون آهن. بابا چيو، "هت ته سڀني کان وڏيون اهي آهن." اسان جي سوزوڪي کان به تمام وڏيون آهن. اسان جي سوزوڪي انهن کان سٺي آهي. سائيڪل جي ڪار سڀني کان سٺي آهي. اها سڀني کان تيز هلندي آهي.

# سچائي

"... رائيٽ اسٽريٽ... ليفٽ هُڪ... رائيٽ انڊر ڪٽ... ليفٽ اسٽريٽ... رائيٽ اسٽريٽ... ڏاڍو سٺو، اسپيڊ هاٽي ليڪ آهي، پنچنگ بيگ تي ڪجھ وقت پنهنجي خيال سان پريڪٽس ڪر، مان اڄي اسپيئرنگ ڪرايان ٿو...!" ڪوچ وڏو ساهه کڻندي، هلڪي مشڪ سان چيو.

نوجوان ڇوڪر پنهنجي ٻانهن سان اکين مٿان پگهر اگهندي، پنچنگ بيگ تي مڪان هڻڻ شروع ڪيون. سندس عمر اٽڪل چوڏهن- پندرهن سال ٿيندي، قد وچولو ڊگهو، بدن هلڪو سنهو چڙڪ ۽ مشڪان مضبوط هيس. جسم کي چيلهه کان مٿي کاٻي پاسي نوائي هو کاٻي مڪ سان گڏ، مٿين ڌڙ کي اڳتي آڻيندي پوري زور سان پنچنگ بيگ کي مُڪ هڻي، ساڳئي زور ۾ وري ساڄي پاسي ڪلهي کي هيٺ ڪري جسم کي تيزي سان موٽائيندي سڄي مڪ هڻي رهيو هيو. سندس حرڪت ۾ توازن ۽ مڪ ۾ طاقت جو اندازو ڳري پنچنگ بيگ جي ڌڪ کان پوءِ، لوڏي کائڻ سان ڪري سگهجي پيو.

اها پنچنگ بيگ هال جي اولاهين- ڏاکڻي ڪنڊ وارين ڀتين جي ڀرسان هئي، جيڪا لڏي ڀت ۾ لڳي، جلدي پنهنجي صحيح هنڌ تي پئي موٽي.

ڇوڪر جي مڪن ۾ تيزي ايندي وئي. هو نڪ مان ساهه ڪڍڻ وقت هلڪو آواز به ڪري رهيو هيو. سندس وار ننڍا گهنڊيدار هُيا، ايتري حرڪت جي باوجود اهي نرڙ تي نه پئي آيا.

هو هڪ لمحو بيٺو، سندس ننڍو وات کليل هُيو ۽ هو وڏا ساهه کڻي رهيو هيو. هن پنهنجا گلوز چيلهه تي رکي زور ڏئي سُڪ ڪيا ۽ ٻيهر پنچنگ شروع ڪيائين.

ڪوچ، جنهن جي عمر اٽڪل ٽيهہ ورهيہ ٿيندي، قد جو وچولو ڏِٺو هُيو. جسم مضبوط ۽ ڪسرتي، قد جي لحاظ کان لهندڙ هُيس. سندس شڪل سهڻي تہ نہ هئي پر هو وڻندڙ چهري جو مالڪ بيشڪ هيو. نرڙ تي پوندڙ بہ ايبون ليڪون ڪيس حد درجي جي سنجيدگي عطا ڪري رهيون هُيون ۽ ائين پئي لڳو تہ هو پنهنجي خوشدلي کي ظاهر ڪرڻ جي ڪنهن بہ تڪڙي ارادي ۾ نہ هُيو.

هال ۾ اٽڪل پندرنهن نوجوان ڇوڪرا مختلف ڪرتين ۾ مصروف هيا. هال جي پاسي ۾ هڪ رنگ لهيل هُئي، ڇهہ کن پنچنگ بيگون ڇت وارن گارڊرن سان مختلف هنڌن تي لڙڪيل هُيون. رنگ جي پر ۾ هڪ پنچنگ بال پڻ لڳل هُيو. ان کان ٿورو پري اسٽول تي جگ ۽ بہ گلاس رکيل هُيا. بہ ڪاٺ جون بينچون پٽ سان گڏ پيون هيون.

رنگ ۾ بہ ڇوڪرا اسپيئرنگ ڪري رهيا هيا. ڪوچ انهن کي هدايت ڪري گهنڊيدار وارن واري ڇوڪر وٽ آيو، جيڪو نهايت انهماڪ سان پنچنگ ڪري رهيو هُيو. ڇوڪر جڏهن ڪوچ کي پاڻ ڏي متوجہ ڏٺو، تڏهن سندس مُڪن جي رفتار وڌي وئي ۽ سندس ساهہ کڻڻ جو آواز پڻ تيز ٿي ويو.

"... پيرن جو صحيح استعمال لازمي آهي... جڏهن بيگ موٽي ٿي تہ پوئين پير کي ٿورو پٺتي کسڪائي ان سان گڏ ڪجهہ پير کي بہ ٿورو پٺتي آڻ ۽..." ، ڪوچ کيس روڪيو ۽ سمجهائڻ لڳو. هن ڇوڪر جي اکين ۾ ڏٺو ۽ محسوس ڪيو تہ هو سندس ڳالهہ سمجهي ويو آهي... "بيو تہ موٽندڙ بيگ کي ٽائيمنگ سان پنچ هڻ... پنچ ۾ ڪلهي جي طاقت بہ آڻ" ، ائين چئي هن بيگ تي ليفٽ اسٽريٽ ۽ رائيٽ اسٽريٽ پنچ هڻي ڏيکاريا.

اسٽاف جي آواز ۾ سختي نہ هئي، نہ ئي چهري تي ڪو تاثر. ڇوڪر عجيب نظرن سان ڪوچ کي ڏٺو ۽ ڪنڌ سان ائين ڪرڻ جو اظهار ڪيو، هو سهڪي رهيو هُيو. ڪوچ منهن لاڙي نوڙي لنگهندڙ ڇوڪرن ڏانهن وڌي ويو. هر روز شام جو ڇئين وڳي پريڪٽس شروع ٿيندي هئي. ڪوچ، ڪاليج ۾ شاگردن کي تربيت ڏيڻ لاءِ گهرايل هيو. هن جي سروس نيوي ۾ هئي ۽ هو ڇهہ مهينن لاءِ ڊيپوٽ ٿي آيو هيو.

سندس ارادو هُيو ته هو ڇهه مهينا پورا ڪري واپس ڪراچي ويندو، جتي هڪ مڪراني سان گڏجي بزنس ڪندو. مڪرانيءَ کي مڇيءَ جي ڌنڌي ۾ ڪافي فائدو پيو هيو. هنهي جو ارادو پلاسٽڪ جي ڪاروبار جو هُيو. اسٽاف کي اهو پتو پئي ٿيو ته هن طرفان ڍر سبب متان مڪراني ڪنهن ٻئي سان ڀائيواري نه ڪري ويهي، اهڙو موقعو وري ڪڏهن ڪيس هٿ اچي ها.

هٽ ويهارو ڏينهن ٿي چُڪا هيس، سندس واقفيت هر هڪ ڇوڪر سان تعارفي حد تائين هئي. شام جو اٽڪل پندرهن ڇوڪرا ٽريننگ ڪندا هيا ۽ صبح واري شفٽ ۾ ٻارنهن ڄڻا هئا، جن ۾ ٻه پي ٽي جا استاد به شامل هيا. شام وارا ڇوڪرا گهڻو ڪري انهن ۽ نائين ۾ پڙهي رهيا هيا.

اِن وقت تائين هو سڀني ڇوڪرن جي نالن کان واقف ٿي چڪو هيو. گهنڊيدار وارن واري ڇوڪر جو نالو محمود هُيو. جنهن متعلق ڪيس ڪجهه پڪ ٿيندي پئي وئي ته اُهو راند ۾ گهڻو اڳتي وڃي سگهي پيو. محمود راند ۾ دلچسپي وٺي رهيو هيو ۽ هن ڪنهن به مشق کان ڪين ڪيٻايو هُيو، بلڪ توجه ۽ شوق سان سخت ترين ڪسرتن ڪرڻ جي به پوري ڪوشش ڪندو هُيو. اهوئي سبب هيو جو هو ٽن هفتن ۾ گهڻي قدر اسٽائيل تي قادر ٿي ويو هيو. پر سندس فٽ ورڪ اجان اطمينان جهڙو نه هيو.

"مان هن تي وڌيڪ محنت ڪندس"، هن سوچيو. هو محمود ڏي وڌي ويو ۽ کيس سمجهائڻ لڳو. هن جو آواز ڳرو هُيو، پر هو پوري ڪوشش ڪري رهيو هُيو ته آهستي ڳالهائي. محمود کي وٺي رنگ ڏي ويو؛ هڪ ٻئي ڇوڪر کي سڏي، ٻنهي کي اسپيئرنگ ڪرڻ لاءِ چيائين... ٻئي ڇوڪرا ڪوچ سوڌا رنگ ۾ گهڙيا. ڪوچ اشارو ڪندي "باڪس" چيو. ڇوڪرا ڪجهه لحظي کان ۽ ڪجهه هڪ ٻئي جي خيال کان آهستي آهستي مڪان هڻڻ لڳا. "اسٽاپ" ڪوچ ڪين روڪيو ۽ چيائين، "تيزيءَ سان مڪون هڻو پر منهن تي مڪون هڻيون ناهن."

ڇوڪرا تيز ٿي ويا، هن اطمينان سان ڪنڌ ڌوڻيو. محمود جي

هٿن جي تيزي ۽ مکن جي طاقت سبب ٻيو چوڪر سندس ويجهو اچي نہ پئي سگهيو. محمود بيٺي پئي راند ڪئي. ٻيو چوڪر هڪ تيز مڪ پيٽ ۾ لڳڻ سبب جذباتي ٿي ويو. هن محمود جي منهن ۾ مُڪ هڻي. ڪوچ جي اکين ۾ بيچيني آئي. محمود منهن نوائي پنهنجي مٺي سان هن جي ڪلهي تي زور ڏيندي ڪيس پيٽ ۾ ليفٽ- رائيٽ- ليفٽ جاب هڻي رنگ جي ڪنڊ ڏانهن ڌڪي ڇڏيو. ڪوچ جڏهن ڏٺو تہ محمود جذباتي نہ ٿيو هُيو ۽ هن مقابل کي صرف پيٽ ۽ سيني تي مُڪان پئي هنيون ۽ اڳلي جو لحاظ پڻ ڪري رهيو هُيو تہ سندس چهري تي هڪ هلڪي مرڪ آئي پر وري سندس روايتي سنجيدگي غالب اچي وئي.

'اسٽاپ!" ڪوچ اشاري سان راند بس ڪرڻ لاءِ چيو، ٻئي هن ڏانهن وڌي آيا. هن ڪين شاباس ڏني ۽ محمود کي هڪ هنڌ بيهي راند ڪيڏڻ کان منع ڪندي سمجهائڻ لڳو، "ڪڏهن پاسي تي وڌندو ڪر، هڪ هنڌ تي بيهي رهين ٿو؟ مُکان هڻندو ڪڏهن پير ڪجهہ اڳتي ۽ ڪجهہ ڪڏهن پاسي ڪسڪائيندو ان پنيان سڄو پير آڻيندو هلندو ڪر- واپسي لاءِ سڄي پير کي پٺتي ۽ ڪجهہ سڄي طرف ڪسڪائيندو ڪڏهن پير کي ان جي پويان آڻيندو ڪر... سمجهيءَ؟" هن محمود جي اکين ۾ ڏسندي چيو.

محمود ڪنڌ سان هائو ڪري پنهنجن گلوزن ڏانهن ڏسڻ لڳو.

ان ڳالهہ کي هفتو ڏيڍ گذري ويو.

محمود ان دؤران پوري شوق سان پيرن جو استعمال سکڻ شروع ڪيو. هاڻي هو سولائي سان، مُکان هڻندو ساڄي يا کاٻي پاسي هلندي چڪر هڻي ولندو هُيو ۽ ساڳئي گول ۾ واپس بہ ٿي سگهندو هُيو. پر اڃان ايتري تيزي نہ آئي هيس.

ڪوچ، محمود تي پوري توجہ ڏني هُئي. محمود جي شوق سندس محنت سولي بڻائي ڇڏي هئي. ڪوچ جمنازيم سان لڳ ان ڪمري ۾ رهندو هُيو جنهن سان باٿ روم هُيو. شروع ۾ هو ٻاهر گهٽ نڪرندو هُيو ۽ گهٽ ماڻهن سان لهہ وچڙ ۾ ايندو هُيو. کيس اسڪول جي پوري حدن جي بہ خبر نہ هُئي ۽ نہ وري اسڪول جي معمولات متعلق ڪا ڄاڻ هيس.

محمود کيس ٻڌايو هيو ته هو نائين جماعت ۾ پڙهندو هيو. هن اهو به ٻڌايو هُيو ته پريڪٽس کان پوءِ هو سڀ پنهنجن ڪمرن ڏانهن ويندا هيا ۽ تيار ٿي هڪ ڪلاڪ ويهي پڙهندا هئا. اهو پيريڊ 'پريپ' سڏائيندو هيو. ان کان پوءِ هو رات جي ماني ڪائڻ ميس ويندا هيا، هڪ ڪلاڪ ڪين مانيءَ لاءِ موڪل هئي. تنهن کان پوءِ وري واپس پنهنجن ڪمرن ڏانهن وڃڻو پوندو هيو. ڏهين لڳي لائيٽس آف يعني بتيون بند ڪرڻ لازمي هيون. تنهن ڪري هو پنهنجو هوم ورڪ تڪڙو ختم ڪري ننڊ ڪندا هيا، ڇنڇر جي شام سان آچر به سڄو ڏينهن موڪل هوندي هئي.

گذريل اربع تي پريڪٽس کان پوءِ اسٽاف ۽ محمود ڪلاڪ ڏيڍ تائين پاڻ ۾ ڳالهائيندا رهيا. سڀئي ڇوڪرا هڪ هڪ ڪري هليا ويا هيا. جمنازيم ۾ صرف هيلپر وڃي رهيو، جيڪو سامان کي ترتيب ڏيڻ ۾ مصروف هيو. محمود ڪاٺ واري بينچ تي ٻت سان ٽيڪ ڏيو ويٺو هُيو. هو ڪلهي تي رکيل ٽوال سان منهن تان پگهر اگهندو پئي رهيو. ڪوچ هن جي سامهون لوهه جي ڪرسي تي ويٺو هُيو.

محمود ان وقت پهريون دفعو سندس نالو پُڇيو. هونئن ته ڇوڪرا کيس روايتي طور تي "اسٽاف" چئي پڪاريندا هيا، پر سندس نالي متعلق ڪنهن کي به خبر نه هئي. هن جو نالو مشتاق حسين هُيو. نيوي ۾ کيس ٻارنهن سال ٿيا هيا. هو نيوي جي باڪسنگ ٽيم ۾ پنج سال کيڏي چڪو هيو. نيشنل گيمز ۽ باڪسنگ جي مقابلن متعلق اسٽاف دلچسپ ڳالهيون ٻڌائيندو رهيو جيڪي محمود نهايت توجهه ۽ دلچسپي سان ويٺي ٻڌيون.

اسٽاف مشتاق جيتوڻيڪ تمام گهٽ ڳالهائيندڙ هيو پر ان ڏينهن مختلف ٽورناميٽن جا واقعا کيس ياد ايندا پئي رهيا ۽ هو انهن جو ذڪر ڪندو رهيو، هن کي شروع ۾ ڪجهه جهجهڪ محسوس پئي ٿي، پر محمود جي دلچسپي سبب هن جو اعتماد وڌيو هيو.

ڳالهين دوران کيس خيال آيو ته پريپ لاءِ شايد محمود ليٽ ٿي ويو آهي. هو يڪدم چپ ٿي ويو. محمود جنهن توجه سان هن جي ڳالهه ويٺي ٻڌي، تنهن اها تبديلي فوراً محسوس ڪئي، "ڇو اسٽاف! ڇا ڳالهه آ؟" محمود پڇيو.

ڪري هن استري جو پلنگ ڪٽي ڇڏيو. هو باٿ روم مان وهنجي لٽا مٽائي نڪتو. ڪوٽ پائي ٽيبل مٿان لڳل آئيني ۾ پاڻ کي ڏسڻ لڳو. نيرو بليزر جنهن تي باڪسنگ ٽيم ۽ نيوي جي اينڪر جو نشان هيو، سندس ڪسرتي بت تي سٺو پئي لڳو. وچولو ڊگهو قد، مضبوط جسم، آفيسرن جي طرز جون مُڇان، نئيا وار...

هو پنهنجو پاڻ کي آئيني ۾ ڏسي مشڪيو، سندس مرڪ نهايت هلڪي هئي.

"پاڻي کڻي آ!" هن هيلپر کي سڏيو.

هيلپر ڪمري ۾ آيو. هن کي ڪوٽ ۾ ۽ ڪمري جي ترتيب ڏسي عجيب نظرن سان هيڏي هوڏي ڏسڻ لڳو. شايد هو سوچيندو هجي ته اڄ اهو اهتمام ڇو؟

مشتاق سندس سواليہ نظرون ڏسي ڪجھ بيچيني محسوس ڪئي. هن تڪڙ ۾ چيو، "اڄ موڪل آهي... نه؟... مهمان ايندا." هن ڪجھ سوچي چيو، "... شايد بيگ صاحب اچي"... هيلپر جي منهن ۾ ڏسندي هن چيو، "بيگ صاحب سٺو ماڻهو آهي... نه؟"

جواب جي انتظار ڪرڻ کان سواءِ هن وري چيو، "پاڻي کڻي اچ."

هيلپر ڪنڌ ڌوڻي خالي جڳهہ کڻي ٻاهر نڪري ويو.

اسٽاف مشتاق ڪاٺ واري ڪرسيءَ تي ويهي رهيو ۽ اسپورٽس ٽائيمز پڙهڻ لڳو.

هن کي ويٺي ڪافي دير ٿي وئي، وقت سان گڏ سندس بيچيني به وڌي وڌندي. هن رسالي کي ميز تي رکيو ۽ سوچڻ لڳو.

"... هاڻي ڪوبہ نہ ايندو...

مٿان واندڪائي سبب اچي... هاڻي ته دير ٿي وئي آهي...

ٿي سگهي ٿو ته محمود شهر ويو هجي..." هي خيال ڪيس هڪ لمحي لاءِ وڙنائيندو لڳو.

"... يا مهمان آيا هجنس..."

هن وري رسالو کڻي ورق گرداني شروع ڪئي. گذريل ايشين گيمز جي برونز ميڊل کٽندڙ، سندس پراڻي ساٿي جي تصوير به هئي.

هو وري خيالن ۾ گم ٿي ويو.

"... جيڪڏهن مان ٻه وڏيڪ محنت ڪيان ها تہ منهنجو فوٽو ٻه اڄ هتي هجي ها... پر محمود!... هن جو فوٽو اچي سگهي ٿو... هو وڌيڪ محنت ڪري سگهي ٿو... سمجهدار ۽ محنتي آهي... مان هن کي محنت ڪرائيندس... ڪابہ ڳالھ ناممڪن ناهي... محمود؟... محمود اڄ نہ ايندو...!"

سندس ذهن ۾ وري ڪو خيال آيو. هو تڪڙ ۾ ڪرسي تان اٿي بيٺو. هيلپر کي سڏ ڪندو دروازي تائين وچي پهتو.

هيلپر جمنازيم ۾ پنچنگ بيگ کي نوڙي ٻڌي رهيو هُيو. هو تڪڙو تڪڙو آيو.

"اڄ ماني تون نہ آڻجانءِ، مان پاڻ ميس وچي کائيندس"، اسٽاف مشتاق چيو.

هيلپر ان خلاف معمول ڳالھ تي عجب ۾ پئجي ويو ۽ ڪيس هڪ ٽڪ ڏسڻ لڳو.

اسٽاف مشتاق هيلپر جي حيرت جو سبب سمجهي ويو. "ڪجھ چڪر ٻہ لڳي ويندو، اڄ موسم ٻہ سٺي آهي... نہ؟" هن چيو

هيلپر ڪنڌ لوڏيندو وچي پنچنگ بيگ کي ٽائيٽ ڪرڻ لڳو ۽ اسٽاف جي ڪمري جي اڌ کليل دروازي ڏانهن ڏسندو رهيو.

اسٽاف پنهنجي ڪيمي واچ ڏانهن نهاريو... "محمود ٻہ تہ هن وقت ماني کائڻ ويندو آهي... نہ؟ يا اڃان ڪجھ دير آهي؟"

"سائين آهستي آهستي ويندڙ تہ مهل سر پهچي ويندو. ڇوڪرا ٻہ ان وقت ايندا آهن." هيلپر نظرون مٿي ڪئي وراڻيو. هو وري پنهنجي ڪم ۾ مشغول ٿي ويو.

اسٽاف ننڍيون وکون کڻندو جمنازيم مان نڪري ويو. ٻاهر هلڪي ٿڌي هوا گهلي رهي هُئي. مند وڻندڙ هئي. پر اسٽاف مشتاق موسم کان بي نياز، ڪنهن خيال ۾ غلطان آهستہ آهستہ هلندو رهيو... سندس رخ وڏي ميس ڏانهن هيو.

"قاسم هال وارا وڏي ميس ۾ ماني کائيندا آهن..." هن سوچيو،

"... محمود ٻہ تہ قاسم هال ۾ آهي... جيڪڏهن شهر ويو هوندو تہ اتان ماني کائي ايندو... ٿي سگهي ٿو تہ آرام ڪندو هجي ۽ شهر نہ ويو

هجي...“

انهن خيالن ۾ هو هلندو رهيو. کيس اهو احساس ٿي نہ رهيو تہ ميس طرف لڙڻ لاءِ ويجهو رستو تہ هو ٽپي آيو هيو ۽ هن وقت قاسم هال جي انٽرنس سامهون پهچي چڪو هُيو.

هن سوچيو تہ هو هال ۾ هليو وڃي ۽ محمود متعلق پڇي. پر هن ان خيال کي ذهن ۾ جڳهہ نہ ڏني ۽ سڌو هلند رهيو. سامهون ڪيفي ٽيريا جي عمارت هئي. ڪافي ڇوڪرا عمارت جي در تي نظر آيا.

”متان محمود انهن ۾ هجي...“ هن سوچيو- هو ڪنڌ لوڏي وڏي روڊ تي لڙي پيو.

هن محسوس ڪيو تہ هو ڪجهہ پريشان هيو. حالانڪ پريشاني جو ڪو سبب بہ نظر نہ پئي آيو.

اسٽاف وات سان سيٽي وڄائڻ شروع ڪئي. ائين لڳو جيئن هو پنهنجي پريشاني کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هجي. پر سندس چپ خشڪ هئا. هن چپن تي زبان ڦيرائي انهن کي آلو ڪيو.

هو ميس کي اچي ويجهو پهتو هيو.

هيڪڙ ٻيڪڙ ڇوڪرا ميس ڏي وڃي رهيا هُيا. هو پڻ ننڍا قدم کڻندو پئي هليو. کيس ڪا تڪڙ ڪانہ هئي. ”مان ٺيڪ وقت تي آيو آهيان...“ هن سوچيو.

”السلام عليڪم اسٽاف!“ ڪنهن کيس سلام ڪيو. هن ڪنڌ ورائي ڏٺو.

سندس دل جو ڌڪو هڪ پل لاءِ بيهجي ويو.

هن چيو، ”... محمود!“ پر سندس وات مان ڪجهہ بہ نہ نڪتو.

”وعليڪم السلام! ڪهڙا حال آهن؟“ هن آهستي چيو.

”اوهان جون مهربانيون آهن اسٽاف،“ محمود مشڪندي ورائيو.

اسٽاف مشتاق گهڻا سوال پڇڻ پئي چاهيا پر خاموش رهيو.

”اڄ ڪيئن اچڻ ٿيو آهي اسٽاف؟“ محمود پڇيو.

”واندڪائي هئي. مون سوچيو ڪجهہ چڪر هڻجي. ويهي ويهي ٿڪجي پيو هُيس“ اسٽاف ورائيو. هن جو ساهہ ڪجهہ تيز هلڻ لڳو هُيو. ”توهان ڪيڏانهن نڪتا آهيو؟“ هن محمود کان پڇيو، ”شايد ماني کائڻ لاءِ...

ته؟"

"ها اسٽاف! توهان به هن ميس ۾ ماني کائيندا آهيو؟" اسٽاف مشتاق محسوس ڪيو ته هو بيٺا هيا. هن هٿ جي اشاري سان هلڻ لاءِ چوندي چيو، "... اچو." پنهنجي گڏجي ميس پهتا.

مانيءَ دوران اسٽاف ڪي جهجهڪ محسوس پئي ٿي. هونئن به ڪيس بڪ ته ڪونه هئي، هو ڳالهائيندا رهيا.

محمود پڇايو ته هو سمورو وقت پنهنجي ڪمري ۾ رهيو هيو.

"مون ڪي خيال آيو ته متان اوهان جمنازيم اچو"

"مون سوچيو ته مان اچان، پر پڪ نه هيم ته اوهان موجود هوندا." محمود وراڻيو.

اسٽاف مطمئن نظر پئي آيو.

"مان گهڻو ڪري پنهنجي ڪمري کان نه نڪرندو آهيان، پيو ته هت ڪنهن سان واسطيداري به ناهي..." ڪجهه وقفي کان پوءِ هن وڌيڪ چيو، "... سواءِ توهان جي." هو دل ئي دل ۾ اها ڳالهه چوڻ تي نادم ٿيو. سندس چهري تي پريشاني نظر آئي.

"اسٽاف اوهان منهنجو ايترو خيال ٿا ڪريو، اوهان جي مهرباني آهي." محمود وراڻيو.

محمود جي مشڪڻ تي اسٽاف جي پريشاني ختم ٿي وئي.

"نه مان حقيقت ۾ ان ڪري پشيمان آهيان جو اوهان تي صحيح توجه نه ٿو ڏيان،" اسٽاف آهستي آهستي نرم لهجي ۾ ڳالهائڻ شروع ڪيو. کيس ايئن محسوس ٿيو جڻ هو ڪنهن چاڙهي تي چڙهي رهيو هجي سندس ساهه ڪجهه تيز ٿي ويو.

"دراصل اوهان جي اسٽائيل بالڪل صمد مير جهڙي آهي. محنت سان ان اسٽايل کي پرفيڪٽ ڪري سگهجي ٿو!"

اسٽاف ميز تي رکيل پليٽ تان نظرون کڻي محمود جي اکين ۾ ڏٺو، جيڪو کيس توجه سان ڏسي رهيو هيو. محمود اکيون هيٺ ڪندي پڇيو، "اسٽاف! صمد مير ڪير آهي؟"

"صمد مير؟... ليفٽيننٽ صمد مير پاڪستان جو انٽرنيشنل باڪسر آهي. کيس ايشيا جو بهترين باڪسر تسليم ڪيو ويو."

"چا هاڻي باڪسنگ نہ ڪندو آهي؟"
"نہ! سندس هٿ ڪامن ويلٿ گيمز ۾ خراب ٿيو هيو، هاڻي هو ڪامپٽيٽو باڪسنگ نہ ڪندو آهي."
محمود ڪجھ دير چپ رهيو، شايد ڪنهن وڏي خيال ذهن تي قبضو ڪيو هيس.
"استاف! ڪيترا ڏينهن محنت ڪرڻي پوندي؟" هن آهستگي سان سوال ڪيو.
"ڏينهن!" استاف روايتي ڳري آواز ۾ چيو ۽ يڪدم آواز کي نرم ۽ آهستي ڪندي هن وري ڳالهائڻ شروع ڪيو "ڏينهن! نہ سائين! باڪسنگ معنيٰ تہ محنت!... باڪسنگ معنيٰ سچائي!!"
استاف ٽبي ۾ پنجي ويو. هو چپن ۾ پٽڪڻ لڳو "... اسان ايتري محنت جاري نہ رکي سگهياسين، تڏهن تہ رهجي وياسين."
هن ڪنڌ مٿي ڪندي محمود جي اکين ۾ ڏٺو. "پر تون محنت ڪندين ۽ ان هنڌ پهچندين جت اسان نہ پهتاسين... نہ؟"
محمود ڪنڌ سان ها ڪئي. سندس منهن ڳاڙهو ٿي ويو هيو. اکيون ڪنهن گهري خيال جي ڇڪلي ڪاٺي رهيون هيون.
ٻئي ڄڻا باقي وقت خاموشيءَ سان ماني کائيندا رهيا. اصل ۾ ٻنهي کي بک ڪونہ هئي. پر هڪ ٻئي جي ڪري هو گهٽي ماني کائي ويا هيا. محمود استاف ڏانهن ڏٺو، ڄڻ تہ پڇندو هجي "بس؟"
استاف مشتاق سندس مطلب سمجهي ويو، تنهن پنهنجي پليٽ ۾ ڪانٽو سڌو ڪيو. ويٽر سندن اڳيان رکيل پليٽون کڻي ويو. انهن پيالين سوري سويٽ ڊش کائڻ شروع ڪئي.
پيالي ختم ڪري استاف اٿڻ جو اشارو ڪيو.
ٻئي ڄڻا پنهنجين ڪرسين جي ساڄي پاسي کان اٿيا. نيپڪن کي ريڪ ۾ رکي ميس کان ٻاهر نڪتا. ٿڌي هوا پئي گهلي، خوشگوار موسم پر لطف هئي.
"اوهان کي جلدي تہ وڃڻو ناهي... نہ؟" استاف مشتاق هن ڏانهن ڏسندي پڇيو.
"نہ استاف! ساڍي نائين تائين فارغ آهيان." محمود وراڻيو.

"سڀاڻي اوهان جو ڪهڙو پروگرام آهي. شهر ويندؤ ڇا؟"
"بلڪل فارغ آهيان اسٽاف! شهر ڪو ڪم هجي ته پوءِ وڃان." محمود سواليہ نظرن سان اسٽاف ڏانهن ڏٺو.
"نه! نه!! منهنجو مطلب هيو ته اوهان جيڪڏهن هتي هوندا ته پوءِ ملنداسين... نه؟"

"مان صبحاڻي اوهان ڏانهن اچان؟" محمود شوق ڏيکاريندي پڇيو.
اسٽاف محمود ڏانهن ڏٺو. محمود منتظر نظرن سان اسٽاف مشتاق ڏانهن ئي ڏسي رهيو هُيو.
"بلڪل!... مان ته فري هوندو آهيان. توهان جڏهن به چاهيو هليا ايندا ڪيو." اسٽاف نرم لهجي ۾ چيو.
محمود ايتري قدر موڪل ملڻ تي ڪافي مسرور نظر اچي رهيو هيو.
"اڄ موسم تمام سٺي آهي...!" اسٽاف مشتاق سرنهن جي لڏندڙ ٽاري ڏانهن ڏسندي چيو.
محمود ڪنڌ سان هاڪار ڪئي.
سرنهن جي وٽن جي سُرهاڻ هوا ۾ شامل هئي. ٿڌي هوا جي هر جهوٽي پاڻ سان سرنهن جو سڳنڌ پئي آندو، رستي جي ٻنهي پاسن تي وڻ قطارن ۾ با ادب بيٺا هيا.
اِنهن خالي رستن تي گهڻي وقت تائين هو ننڍيون ننڍيون وکون کڻي هلندا رهيا، ڳالهيون ڪندا رهيا.
محمود ٻڌايو ته هن جو والد زميندار هُيو. هو پاڻ ۾ چار ڀائر هيا. سندس شوق باڪسنگ ۾ ڪافي ننڍي عمر کان هيو پر کيس گهر ۾ يا اسڪول ۾ اهڙي ڪا سهولت حاصل نه هئي. هاڻي اسٽاف جي شوق ڏيارڻ تي هو باقاعده باڪسنگ ڪرڻ پيو چاهي. هن جو ارادو هيو ته هو مڪمل طرح اهو شوق جاري رکندو.
اسٽاف کيس يقين ڏياريندو رهيو ته هو هر طرح هن جي مدد ڪندو ۽ کيس محنت ڪرائيندو، بيشڪ محنت سان هر شيءِ حاصل ڪري سگهجي ٿي.
محمود سادي نائين اسٽاف مشتاق کان موڪلايو.

اسٽاف وڏي رستي تي هلندو رهيو. هن کي واپسي جي تڪڙ نہ هئي... خاموشي، هوا جا جهوٽا ۽ خالي رستا ذهن جي سرور کي قائم رکڻ ۾ مددگار هُيا. خيالن جو وهڪرو بنا روڪ جي ساڳئي رخ ۾ پئي هليو. هن پئي هٿ ڪيسي ۾ وڌا ۽ سيٽي تي پراڻي هندستاني گاني جي ڌن وڄائيندو، ننڍيون وکون پريندو جمنازيم ڏي ويجهڙ واري رستي تي لڙيو. گاني جا شعر پوري طرح ياد ڪين هيس پر سيٽي ۾ ڌن تي ڪم هلائي ويو.

جمنازيم جي هڪ ڪنڊ ۾ هيلپر فرش تي ڪمبل وڇايو ليٽيو پيو هيو. ڪيس اڃان ننڊ نہ آئي هئي.

"تو ماني کاڌي آ"؟ اسٽاف ڪجھ ڳالهائڻ خاطر هرويرو پڇيو.

"سائين ڪڏهو ڪو!" هيلپر اٿي ويهندي چيو، "اوهان گهٽي دير ڪئي؟" هن اسٽاف کي چتائي ڏسندي پڇيو، ڪيس محسوس ٿيو تہ اسٽاف خوش هيو.

"سپاٽي بہ موڪل آهي... نہ؟" اسٽاف چيو، "چڱو هاڻي دروازو بند ڪري ڇڏ."

اسٽاف پنهنجي ڪمري ۾ هليو ويو. سندس دل گهريو تہ هو هڪ ٻہ منٽ هيلپر سان ڳالهائي. ڪمري ۾ پهچي هن هيلپر کي سڏڻ چاهيو، پر روايتي سنجيدگي ڪيس ان ڳالھ جي اجازت نہ ڏني.

هو ڪپڙا مٽائڻ لڳو. سندس ذهن ڪنهن سوچ ۾ غرق هيو.

بوٽ لاهڻ لاءِ هو ڪرسيءَ تي ويٺو ۽ ڪافي دير تائين بس ڪيون ويٺو رهيو.

ڪيس سيءَ جو احساس ٿيو. هو ڪوٽ ۽ قميص لاهي، پٺيءَ اگهاڙو ويٺو هُيو.

هن بوٽ جون کهيون ڇوڙيون، ڪپڙا تہ ڪري صندوق ۾ وجهي، بوٽ کي ميز هيٺان رکيائين.

هو پلنگ تي سمهي پيو. اڄ بتي وسائڻ جو ڪيس ڪو خاص سبب سمجھ ۾ نہ آيو هيو.

آچر هميشہ فرحت وارو ڏينهن رهيو آهي. پر اڄ تہ ڪجھ وڌيڪ لطف پئي محسوس ٿيو.

اسٽاف پنهنجي ڪمري کي ترتيب ڏيڻي هيلپر کي سڏ ڪيو.
"جي سائين؟" هيلپر ڪمري ۾ گهڙندي پڇيو.
ڪمري جي ترتيب اڄ ڪيس پريشان نه ڪيو هيو.
"ڪيفي ٽيريا تي ڇا ڇا هوندو آهي؟" اسٽاف مشتاق، هيلپر ڏي ڏسڻ کان سواءِ پڇيو.
هيلپر حيرانگيءَ سان اسٽاف ڏانهن ڏسندي چيو، "سائين! ماني هوندي آهي، چانهن، ڪافي، ڪڏهن شربت به هوندو آهي... ها سائين! مٺائي به ملندي آهي."
"سٺي شيءِ ڪهڙي آ؟" اسٽاف هن ڏانهن مدد طلب نظرن سان ڏسندي پڇيو.
"سائين جليبي!" هيلپر تڪڙ ۾ ورائيو.
"ٺيڪ آ جڏهن مهمان اچي ته جليبي ۽ چانهن وٺي اچجانءِ." اسٽاف مشتاق ڏهين جو نوٽ هيلپر کي ڏيندي چيو.
محمود ساجهر آيو هيو.
هيلپر چانهن ۽ جليبي وٺي آيو.
"اسٽاف اوهان کي اسان جي ڪيفي ٽيريا جي جليبي پسند آئي؟" محمود پڇيو.
"ڏاڍي سٺي آهي!... مون کي ته اندازو به نه هيو ته اهڙي سٺي جليبي هت ملي سگهي ٿي."
محمود بي تڪلفي سان ڳالهائيندو رهيو.
اسٽاف کي هن جي ڳالهين لطف پئي ڏنو.
اسٽاف، محمود کان تمام گهڻو متاثر ٿيو هيو. سلجهيل، ذهين ۽ محنت جي عظمت تي پختو يقين رکندڙ ان عمر جو ڇوڪر هن پهريون ڀيرو ڏٺو هيو، جنهن وٽ ايتري ننڍي عمر ۾ سخت اصول هيا. هو ٻئي جڻا ڪافي وقت تائين ڳالهيون ڪندا رهيا.
"ٽريننگ" گهڻو ڪري سندن موضوع رهيو.
اسٽاف مشتاق کي پڪ هئي ته بنيادي طور تي جن شين جي ضرورت هوندي آهي، اهي محمود ۾ موجود هيون. باقي رهي محنت ته اها محمود جي هٿ وس ۾ هئي- رهنمائي لاءِ هو موجود هيو. محمود تهيو ڪري

چڪو هيو تہ هو باڪسنگ لاءِ پنهنجو وقت وقف ڪندو۔ ڪيس پڪ هئي تہ صحيح محنت ڪرڻ سان هو سٺو باڪسر ٿي سگهي پيو، اسٽاف جي ڳالھ رکي رکي سندس ذهن ۾ پئي ڦري تہ باڪسنگ معنيٰ 'لگن'... باڪسنگ معنيٰ 'سچائي'!

محمود جي راند اڳي کان گهڻي بهتر ٿي وئي هئي.

ڪاليج ۾ جيڪي ٻہ سينيئر باڪسر هُيا، تن کي هو سولائي سان زير ڪري پئي سگهيو. هن جي راند جي واڌ سڀني کي حيران ڪيو هيو.

اسٽاف مشتاق سان هن جون ڪچهريون خوب ٿيڻ لڳيون هيون... هر ميسر موقعي تي هو جمنازيم پهچي ويندو هيو. اسٽاف مشتاق ٻہ اڪٽرماني ميس ۾ ڪائيندو هيو.

اربع ڏينهن اسٽاف مشتاق وارم اپ ايڪسرسائيزن کان پوءِ محمود کي اسپيئرنگ لاءِ چيو، هو پاڻ گلوز پائي رنگ ۾ آيو.

محمود حيران ۽ پريشان اسٽاف ڏانهن ڏسڻ لڳو.

سندس وات ڪليل هيو، اکين ۾ بي اعتباري ۽ اهميت جا احساس گڏيل هُيا.

"صرف ايترو خيال ڪجو تہ آءٌ ناڪ آئوٽ نہ ٿيان. باقي سڀ خير آهي." اسٽاف کلندي چيو.

محمود نظرون جهڪايون، سندس منهن گلابي ٿي ويو. اسٽاف محمود کي اسپئرنگ ڪرائي.

ليفٽ سائيڊ شفٽنگ، موومينٽ ان سرڪل، سوي بيڪ وغيره تي خاص ڌيان ڏيارايائين.

محمود جو فوٽ ورڪ سٺو ٿي ويو هيو- پر مُڪن ۾ ايترو زور نہ هيو. شايد اسٽاف جي عزت سبب هو پورو زور استعمال نہ پيو ڪري.

ٽن رائونڊن جي اسپيئرنگ کان پوءِ اسٽاف مشتاق ۽ محمود پنهنجي پنهنجي ڪرسيءَ ۽ بينچ تي اچي ويٺا. ٻنهي جٽا وڏا ساهہ کڻي رهي هيا.

"مان اڄ ڏاڍو خوش آهيان،" اسٽاف مشڪندي چيو، "اڳتي مان اوهان کي پاڻ پريڪٽس ڪرائيندس."

محمود اکيون هيٺ ڪري رنگ پرسان زمين تي رکيل جستي جڳھ کي ڏسڻ لڳو.

"اوهان صرف پنهنجي مکن ۾ ٿورو پاور آڻيو." اسٽاف وري چيو.
"ٺيڪ آهي اسٽاف!" محمود، اسٽاف مشتاق ڏانهن نهاريندي چيو.

سيشني کي پڪ هئي ته محمود جيڪڏهن اهڙي طرح چار پنج مهينا محنت ڪندو رهيو ته نيشنل چيمپئن شپ کٽڻ هن لاءِ ڏکي ڳالهه نه رهندي. اسٽاف هن سان پنهنجي سر اسپيئرنگ جاري رکي.
محمود کي به پڪ هئي ته اسٽاف سان اڃا چند مهينا گڏ پريڪٽس ڪرڻ کان پوءِ هن جون خاميون دور ٿي وينديون. سندس ريفليڪسس بهتر ٿي ويندا ۽ دفاعي صلاحيت وڌندي. هن جو شوق ۽ جوش ڏينهون ڏينهن وڌندو ٿي رهيو.

حسب معمول هال ۾ چوڪرا پريڪٽس ۾ مصروف هيا.
اسٽاف مشتاق هڪ چوڪر کي پنچنگ بال تي مشق ڪرڻ لاءِ سمجهائي ڏئي محمود ڏي آيو، جيڪو نوڙي ٽپي رهيو هيو.
اسٽاف ڪيس ڪجھ ايڪسرسائيزون ٻڌائڻ لڳو. محمود توجه سان اسٽاف جون هدايتون ٻڌڻ کان پوءِ ايڪسرسائيزون ڪرڻ لڳو. هن جي توجه ۽ شوق ڏسي اسٽاف مشتاق جي چپن تي هلڪي مرڪ اچي وئي.
"سائين! هي اوهان جو خط آيو آهي." هيلپر اسٽاف کي هڪ لفافو ڏيندي چيو، "سائين ڪالهه کان آفيس ۾ پيو هُيو، مان ڪٽي آيو آهيان."
اسٽاف خط کي اٿلائي پٿلائي ڏٺو، سندس اکين ۾ گهرو ويچار هيو.
"ڪالهه آيو آهي؟" هن هروڀرو ڳالهائڻ لاءِ آهستي چيو.
"ها سائين! آفيس وارا تمام سست آهن. منهنجو خط اڳي هڪ هفتو آفيس ۾ پيو هيو، جڏهن پاڻ ويم ته ڪٽي آيم!" هيلپر شڪايتي انداز ۾ چيو. سندس انداز ۾ پنهنجي ڪارگذاري سبب فخر جي ملاوٽ به هئي.
اسٽاف ڪراچي واري مڪراني جا اکر سڃاتا هيا. هن آهستي آهستي لفافو کوليو ۽ بيٺي بيٺي پڙهڻ لڳو. خط پڙهڻ کان پوءِ به هو ڪافي دير تائين ايئن بيٺو رهيو. سندس چهرو پريشاني ظاهر ڪري رهيو هيو.
محمود، اسٽاف کي ڪافي دير کان پئي ڏٺو. هو ايڪسرسائيز ڪندو رهيو ۽ ٿوري دير کان پوءِ اسٽاف کي ڏسندو رهيو.

هن محسوس ڪيو ته اسٽاف پريشان هيو. محمود پڻ پريشان ٿي ويو، هو ايڪسرسائيز ڇڏي اسٽاف جي پرسان اچي ويٺو. اسٽاف مشتاق پنهنجي خيالن ۾ ٻڏل هُيو، تنهن محمود جي موجودگي بلڪل محسوس نه ڪئي هئي.

"اسٽاف! خير ته آهي؟" محمود متفڪر لهجي ۾ پڇيو. "ڇا؟... ها!..." اسٽاف پنهنجن خيالن مان واپس اچڻ جي ڪوشش ڪئي.

هن محمود جي اکين ۾ پريشاني ڏسي پنهنجو پاڻ کي سنڀاليو.

"سڀ خير آهي! دوست جو خط آيو آهي، ڪراچي مان... دراصل هي منهنجو پارٽنر آهي، بزنس ۾..." اسٽاف چيو.

محمود کيس ڏسندو رهيو.

"دراصل هي بزنس شروع ڪرڻ وارو آهي... ان سلسلي ۾ لکيو اٿائين..." اسٽاف ڳالھ سمجھائڻ جي ڪوشش ڪندي چيو.

هو خاموش ٿي ويو ۽ محمود کي ڏسڻ لڳو. کيس سمجھ ۾ نه پئي آيو ته هو محمود کي اها ڳالھ ڪيئن ٻڌائي.

"اوهان ويهي نه رهو، ڪجھ ايڪسرسائيزون پيٽ جون ڪري وٺو... ها! ها! پوءِ احوال ڪيون ٿا،" هن محمود کي دلجاءِ ڏني، "سڀ خير آهي."

محمود ايبڊامينل بورڊ ڏانهن ويو ۽ اسٽاف سوچڻ لڳو ته هن پنهنجي بزنس شروع ڪرڻ جو ذڪر محمود سان ڪيو هُيو يا نه؟

"شايد شروع وارن ڏينهن ۾ ڪو سرسري ذڪر ٿيو هجي ته هجي... اهڙي ڳالھ ياد ته نه ٿي پئي!" هن سوچيو.

هاڻي ته هتي کيس ڇهون مهينو شروع ٿيو هيو، هن ڪان ته مڪرانيءَ واري ڳالھ ني وسري وئي هئي. هو ان وقت تمام گھڻو پريشان هيو ۽ سندس سنجيده چهرو وڌيڪ سنجيده پئي لڳو. هن محمود ڏانهن ڏٺو، جيڪو پيٽ جي ايڪسرسائيز ۾ مصروف هيو، سندس چهرو پگھر ۾ ٻڏل هيو، هو تختي تي تيزيءَ سان هيٺ مٿي ٿي رهيو هُيو. اسٽاف ڪنڌ ورائي دروازي ڏي ڏسڻ لڳو. هيلپر سامان کي سهيڙيندي اسٽاف کي عجيب نظرن سان پئي ڏٺو.

"ماٺهو ته اسٽاف تمام سٺو آهي،" هن ڇپن ۾ ڀڻڪيو، "پر مون کي

سمجهه ۾ نه ٿو اچي،" هن ذهن کي صاف ڪندي سوچيو. ڪيس ھي ماٺھو نھايت عجيب لڳو ھيو.

سڀ ڇوڪرا ڇھين لڳي ھليا ويا ھا. پر محمود پنھنجين ايڪسرسائيزن ۾ رڌل رهيو. ھو ٻين ڪان وڌيڪ ايڪسرسائيزون ڪندو ھيو.

هن جون نظرون نيشنل ٽائيٽل تي هيون. هو هوشيار هيو پر پڙهڻ ۾ وڌيڪ محنت نه ڪندو هيو. تنهن هوندي به هن گذريل ٽرمينل ٽيسٽ ۾ پنجھٽ سيڪڙو مارڪون ڪنيون هيون. سندس سموري توجه باڪسنگ ڏانهن هئي.

محمود ايڪسرسائيز ختم ڪرڻ کان پوءِ پنهنجي اچي ٽوال سان منهن تان پگهر اگهندو اسٽاف ڏانهن وڌي آيو.

اسٽاف لوهه جي ڪرسيءَ تي ويٺو هيو، سندس ڪنڌ جهڪيل هيو، هو ڪنهن گهري سوچ ۾ غرق پئي لڳو. محمود، اسٽاف مشتاق آڏو پيل بينچ تي پٺ کي ٽيڪ ڏئي ويهي رهيو. سندس پريشاني نمايان هئي. هو خاموش منتظر نگاهن سان اسٽاف کي ڏسندو رهيو. اسٽاف ڪنڌ مٿي ڪيو، سامهون محمود ويٺو هيو. اسٽاف ڪجهه وقت محمود کي ڏسندو رهيو. جيڪو پريشان نظرن سان ڪيس ڏسي رهيو هيو.

"موسيٰ جو خط آيو آهي، هن لکيو آهي ته..." اسٽاف آهستگي سان چيو، "هاٽي پوسٽنگ پوري ٿيڻ واري آهي ۽ هو ڪاروبار شروع ڪرڻ لاءِ وڌيڪ انتظار نه ٿو ڪري سگهي. جيئن ته هن سان وعدو ٿيل هيو..."

اسٽاف خاموش ٿي ويو، هو وري ٽهيءَ ۾ پئجي ويو. محمود جي ذهن ۾ ارتعاش پيدا ٿيو، هن جو منهن لهي ويو.

"اسٽاف! اوهان جي پوسٽنگ هت گهٽا مهينا ٿي هُئي؟" هن آهستي پڇيو.

اسٽاف مشتاق کي سوال سمجهه ۾ نه آيو. هو خيالن ۾ ڪافي پري نڪري ويو هيو.

"اوهان ڇا پڇيو؟" هن ڪنڌ مٿي ڪري چيو.

سندس نظرون محمود جي لٿل منهن تي کپي ويون. ڪيس محمود جو سوال پوري طرح سمجهه ۾ اچي ويو. هن جي اکين جي آڏو اونداهي اچي

ويني...
اسٽاف مشتاق اکين تي زور ڏنو، محمود ڪيس ڏسي رهيو هيو. هن جي اکين ۾ اميد مٿان نااميدي آخري وار ڪندي ڪيس صاف نظر آئي.
محمود جي اها ڪيفيت ڏسي هن پنهنجو پاڻ کي سنڀالڻ جي ڪوشش ڪندي چوڻ چاهيو.
"... تون فڪر نہ ڪر مان پنهنجو پيريڊ ايڪسٽينڊ ڪرائي وٺندس..."
هن خشڪ چپن تي زبان ڦيرائي- پر سندس آواز هن جو ساٿ نہ ڏنو.

# مريض

عظيم حسب معمول صبح سان سويل اٿيو هيو.

ذهن ۾ اهوئي خيال هيس ته، هو اڄ روزانه واري 'مارننگ والڪ' تي نه ويندو.

پنهنجي ان روٽين (Routine) کي ٽوڙڻ لاءِ ڪنهن نه ڪنهن سٺي سبب جي ڳولا خاطر ذهن ۾ ليٿو پاتائين.

بهانه ته جام هيا... مثلاً:

هو رات جو دير سان ستو هيو.

گهر ۾ مهمان پڻ لٿل هيو.

هن ۽ مهمان کان سواءِ ٻيو ڪوبه گهر ۾ نه هيو، "مهمان کي اڪيلو ڇڏڻ مناسب نه هيو."

اڄ هن وٽ مضبوط بهانه موجود هيا پوءِ پلا چو چهل قدمي تي وڃي؟

ڊاڪٽر جو ڪيل سخت تاڪيد ياد اچي ويس، ته هو تازه هوا ۾ صبح وارو سير ڪنهن به قيمت تي نه گسائي.

اها ڳالهه ذهن ۾ اچڻ تي هن جي گسائڻ واري ارادي جي عمارت ۾ ڏار پوڻ شروع ٿيا.

هو شينڪ ڏي منهن ڌوئڻ لاءِ وڌيو. اڄ هو پاڻ کي مضبوط ڏسي رهيو هيو. هوئن اهڙي قسم جو ڪوبه هلڪو بهانو ڪيس صبح واري واڪ (Walk) کان روڪڻ لاءِ ڪافي ٿئي ها.

عظيم شهر ۾ نوڪري ڪندو هيو ۽ اتي ئي مسواڙي جاءِ ۾ رهندو هيو.

.... جاءِ ڇا هئي بس هڪ ڪمرو، بورچيخانو ۽ 'باٿ روم'.

ان 'انگريزي باٿ روم' سبب ئي ته ڪيس مسواڙ ۾ هر مهيني سٺو

رہيا وڌيڪ پرڻا پئي پيا.

پر ان معاملي ۾ هن جو بچت جو ڪوبہ ارادو نہ هيو. هو صفائي ستٿرائي جو قائل هيو ۽ ان ۾ ڪابہ ڪوتاهي پريشان ڪري وجهندي هيس.

پريشاني جي وقت هو تڪڙو ڪاوڙجي ويندو هيو. کيس اها ڳالھ بہ سمجھ ۾ نہ ايندي هُئي تہ آخر هو ڪاوڙيو ڇو آهي؟

اهو خيال وري سندس مَنيان مورڳو وڌائي ڇڏيندو هيو.

هن کي نوڪري ملئي اٺ مهينا ڪن ٿيا هيا. اِتي ئي سندس طبيعت سخت خراب ٿي ۽ ڪنهن دوست جي معرفت هن ڊاڪٽر کي ڏيکاريو.

ڊاڪٽر صرف ان شرط تي علاج ڪرڻ لاءِ تيار ٿيو هيو تہ عظيم، سندس صلاح کان سواءِ ڪوبہ قدم نہ کڻندو ۽ علاج هر قيمت تي جاري رکندو.

ڊاڪٽر دلچسپ ماڻهو هيو، ان جي رويہ کيس متاثر ڪيو هيو، اهو ئي سبب هيو جو هو، مايوسي جي هيترن سارن دورن جي باوجود ڊاڪٽر جي صلاح تي عمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو.

هن جو وزن گھٽجي ويو هيو.

ڊاڪٽر جو زور هيو تہ هو هلڪيون غذائون کائي، بک نہ هئڻ جي صورت ۾ بہ ويلو نہ ٽاري. ڀاڄين تي زور رکي، ميوو وغيره پڻ واپرائڻ جي هدايت ڪئي هيائين.

عظيم پنهنجي زندگي مان هر ڳالھ ڪڍي ڇڏي هئي، ڪنهن بہ شيءِ ۾ دلچسپي نہ رهي هيس.

گھڻو وقت خيالن جي غلطان ۾ ويهي ويهي جڏهن هو ٿڪبو هيو تہ کٽ تي ليٽي رهندو هيو ۽ اکيون پٽيون ڇت کي هڪ ٽڪ ڏسندو رهندو هيو.

سوچيندو هيو تہ زندگيءَ جو مقصد ڇا آهي؟

اها ڪيترو وقت سندس ساٿ ڏيندي؟

ان کي گذارڻ ڇو ضروري آهي؟

آفيس مان موٽڻ بعد هو گھر کان ٻاهر نہ نڪرندو هيو.

رات جو پاڙي واري نانوائي کان ماني ڀاڄي وٺي اچي گھر ۾ کائيندو هيو.

ڪڏهن ڪڏهن ٽپي تان وڃي گرم ڪير جو هڪ پيالو پي ايندو هيو ۽ بس.

اِها هيس سموري ڪائنات.

زندگي جي ٻُر پيچ رستي تي ڪنهن اڻ سونهي جيئان پريشان ڦرندڙ سوچ ۾ ڪلاڪن جا ڪلاڪ گزري ويندا هيس.

اتي سندس ڪنهن سان ٻه لفظ چڙهه نه هئي.

ساڻ جيڪڏهن هيس ته ٻه اهو ڪنگهه سان، جيڪا وقفي وقفي سان اچي هن سان سنگت ڪري ويندي هئي، ۽ ان جي نتيجي ۾ هو پاڻ کي وڌيڪ نہل محسوس ڪندو هيو.

هڪ ڏينهن اڳ رشيد ڳوٺان ميڊيڪل ڪاليج ۾ داخلا فارم جمع ڪرائڻ آيو هيو، هن جون مارڪون سٺيون هيون ۽ ٻنهي کي پڪ هئي ته کيس داخلا ملي ويندي. ڊاڪٽر ٿيڻ جو کيس تمام گهڻو شوق هيو. هو پنهنجي چاچي سان گڏ ڳوٺ واري شفاخاني تي ڪم ڪندو هيو.

هو اڪثر شهر مان دوائون وٺي ويندو هيو ۽ جيڪي مريض سندس چاچي وٽ دوا ڪرائڻ ايندا هيا تن جو علاج هو گڏجي ڪندا هئا.

رشيد جي چاچي جي هٽ ۾ 'هٽ شفا' هئي، ان ڪري سندس شفاخانو 'سٺو' هلندڙ هيو، سندس خواب اهوئي هيو ته هو 'اصلي ڊاڪٽر' ٿيندو.

شهر مان علاج ڪرائي موٽندڙ مريضن جا 'ڪاغذ پٽ' هو غور ويچار سان ڏسندو هيو. ڊاڪٽرن جون تجويز ڪيل دوائون، مريضن جي حالت ۽ ڪيفيت ڏيان ۾ رکڻ سبب هو ٻه شفاخاني ۾ چاچي کي 'چڱو خاشو' مشورو ڏئي سگهندو هيو.

"تازه هوا ۾ گهمڻ تازگي پيدا ڪرڻ لاءِ هوندو آهي... آءٌ اڄ بشاش آهيان، باقي هوا خوريءَ جي ڪهڙي ضرورت..."

ٿڌو پاڻي چهري تي لڳڻ سبب هو هاڻي ننڊ جي ڪيپ مان ٻاهر نڪري چڪو هيو.

تازه ذهن مارننگ والڪ واري ڳالهه کي ختم ڪرڻ واري بهاني کي سڃاتو.

هو جاگر (Jogger) پير ۾ ڪري ٻاهر نڪري ويو. چڱو وڏو چڪر

عظيم کي صبح جي ٿڌ جو احساس ٿيو، هن اٿي وچي رشيد مٿان ڪٿو ناهي وڌو ۽ وري اچي ڪرسيءَ تي ٻئي پير مٿي رکي ويٺو.

ميز تان ڪتاب کڻي اٿلائي ڏسڻ شروع ڪيائين.

اهي ڪتاب گذريل ڏينهن رشيد گاڏي کاتي مان ورتا هيا.

ڪتاب عظيم کي دلچسپ لڳو، کيس حيرت ٿيڻ لڳي ته سندس خيال ڪڏهن به ڪتابن ڏانهن نه ويو هيو، هيترا سارا ڏينهن هن واندو ويهي گذاريا ۽ بوريت جو شڪار رهيو.

اهو ڪتاب رکي هن ٻيو ڪتاب ڏسڻ شروع ڪيو، وچان کولي هن پڙهڻ شروع ڪيو، هو پڙهندو رهيو. وري به چار صحفا اٿلائي پڙهڻ لڳو، هن جي سامهون دلچسپيءَ جو هڪ ڀنڊار هيو...

اهو ڪتاب رکي ٽيون ڪتاب کوليو، گاليليو متعلق ته هن درسي ڪتابن ۾ پڙهيو هيو، هي ڪتاب به ان متعلق هيو، هو ڪتاب جي ورق گرداني ڪرڻ لڳو. "..... هي ڪتاب اچ ٽي وليء اينڊس..." سندس ذهن پڪاريو.

ڪتاب کي ميز تي رکي هن ڪرسيءَ تان پير لاٿا، ٽيڪ ڏئي پير ڊگهاري ٻئي ٻانهون مٿي پٺيان ڏئي هن پنهنجو پاڻ کي خيالن جي دنيا ۾ گهمڻ لاءِ ڇڏي ڏنو.

ڪيترو موڳهو وقت گذريو هيس. هو پنهنجي صحت متعلق فڪرمند رهيو هيو.

کيس اها پڪ هئي ته هو ٽي- بي ۾ مبتلا آهي ۽ اها خطرناڪ بيماري وچڙندي آهي، گڏ کائڻ پيئڻ ۽ اٿڻ ويهڻ سان ٿئي ٿي.

ڊاڪٽر اها تلقين ڪئي هئي ته هو جدا کائي پيئي، کنگهڻ وقت رومال منهن تي رکي، ٿُڪ هميشه ٿوڪدان ۾ اڇلي ۽ ان جو ڍڪ بند رکي.

هن گهر کان ٻاهر نڪرڻ ڇڏي ڏنو هيو.

کيس اهو شڪ هيو ته ڊاڪٽر هن سان هن جي صحت ۽ حالت متعلق سچ نٿو ڳالهائي، ڪيترائي ڀيرا ڊاڪٽر کان پڇا ڪئي هيائين پر هُن هميشه کيس دلجاءِ ڪرڻ لاءِ چيو هيو.

هو هميشه اهو چوندو هيو ته گهٻرائڻ جي ڪابه ڳالهه ناهي، بس دوا

ڪائيندو رهي.

عظيم کي ائين محسوس ٿيندو هيو ته هو جڻ ڪنهن ٻار کي دلداري ڏيندو هجي.

ڪيس شڪ هيو ته سندس ٿي- بي آخري مرحلي ۾ هئي، ڪڏهن ڪڏهن ته پڪ ٿي ويندي هيس ته هو ان بيماري وگهي جلد مري ويندو.

هو نه پيو چاهي ته هن سببان اها بيماري ڪنهن ٻئي کي ٿي پئي.

شايد اهوئي سبب هيو جو هو نوڪري ڇڏي ڳوٺ وڃڻ واري خيال تي عمل نه ڪري سگهيو هيو.... سندس زندگي اونده هئي، انتظار هيو ۽ بس!

اوچتو ڪالهه رشيد ڳولي آيو.

هن عظيم جون سڀ دوائون ڏٺيون، ڊاڪٽر جا ڪاغذ ۽ ايڪسري وغيره سڀ هن غور سان ويٺي پڙهيا، ڪجهه دير لاءِ هن جي چهري تي فڪرمندي جا آثار رهيا.

جڏهن هن عظيم کي پاڻ ڏي ڏسندي محسوس ڪيو ته سندس چهري تي هڪ دلڪش مرڪ آئي هئي.

"تنهنجو ڇا خيال آهي، هي دوائون ٺيڪ آهن؟"

عظيم فڪرمند لهجي ۾ پڇيو هيو.

رشيد جي چهري تي سنجيدگي طاري ٿي وئي، هن سوچيندي جواب ڏيڻ بجاءِ شڪوه ڪيو، "توهان جي طبيعت ٺيڪ نه رهي ۽ اوهان ڪڏهن به اسان سان ڳالهه نه ڪئي."

عظيم گهڙي ڪن لاءِ سوچ ۾ پئجي ويو. "ادا! مون کي ٽي- بي آهي!!" هن آهستگي سان چوڻ شروع ڪيو. "مان ڳوٺ وڃي مٽن کي پريشان ڪرڻ نٿو چاهيان...."

هن بس ڪئي رشيد ڪيس غور سان ڏسندو رهيو.

عظيم وري ڳالهائڻ شروع ڪيو: "توهان کي ته خبر آهي هي وچڙندڙ مرض آهي، اها بيماري گهر ۾ ڦهلجي سگهي ٿي...." هو خاموش ٿي ويو... "... منهنجي زندگي باقي چند ڏينهن.... مان ڪنهن کي به پريشان ڪرڻ نٿو چاهيان...." سندس آواز ڀرجي آيو هيو، هو چپ ٿي ويو.

رشيد خاموشيءَ سان عظيم کي ڏسندو رهيو، ائين لڳي پيو ته ڪيس

رشيد جي منهن تي هميشہ رهندڙ مرڪ موجود هُئي، هو قد جو ڊگهو هيو، وار ننڍا ۽ وٿندڙ مهاندا.

عظيم جيڪو ڏيان سان سندس ڳالهہ ٻڌي رهيو هيو، تنهن آهستگي سان ڪنڌ ڌوڻيو.

رشيد شايد ٺيڪ چوندو هجي، وري سندس ذهن ۾ ٻيو خيال آيو.

"... ڪو بہ ٻلا سچ ڪيئن ٻڌائيندو! هرڪو همدردي لاءِ مون کي دلداري ڏئي ٿو..."

همدرديءَ جي خيال تي ڪافي ڏک محسوس ٿي ڪيائين، ڇو ڪو همدري ڪري... هو اهڙو ڪمزور بہ نہ هيو جو هن سان ڪو همدردي ڪري... ان لفظ سان ئي هن کي چڙ هئي.

"اهي عام تڪليفون آهن..." رشيد چئي پيو، "باقي ڏکين بيمارين کان پناهہ گهرجي.... مثال طور دل جي تڪليف، ڪينسر وغيره."

هن عظيم جي اکين ۾ ليٿو پائيندي چڻ تہ سندس خيالن کي جاچيندي چيو، "اوهان کنهن بہ سٺي ڊاڪٽر کان پڇندا تہ هو اوهان کي اها ئي ڳالهہ ٻڌائيندو، اسان جو تہ بيمارين سان گهٽو واهپو آهي."

عظيم ائين محسوس ڪيو ڄڻ رشيد کي سندس خيال جي خبر پئجي وئي هئي.

هن کي پنهنجي بي اعتباري واري خيالن تي ندامت محسوس ٿيڻ لڳي.

هن ڪنڌ هيٺ ڪندي آهستگي سان چيو، "اوهان صحيح چوندا هوندا، ڊاڪٽر صاحب بہ ائين ئي چوندو آهي."

هو ٻئي شهر ويا هيا، موٽ تي نانوائي کان ماني وٺي گهر اچي کاڌي هيائون.

ڳالهيون ڪندي ڪندي، ڪافي رات وهائي، دير سان انهن سمهڻ جا سانباها ڪيا.

عظيم پنهنجي لاءِ بسترو هيٺ پٽ تي کٽي وڇايو.

رشيد کيس کٽ تي سمهڻ لاءِ چيو هيو.

عظيم جو اصرار هيو تہ مهمان ضرور مٿي کٽ تي سمهي.

رشيد چار ڏهاڙا وڌي هٺ ڪري کيس مٿي سمهڻ لاءِ زور ڪندو

رهيو.

آخرڪار رشيد پڻ تي پيل بستري مان رلهيون ڪٽي ڪٽ تي بستري کي وڏيڪ گرم بڻايو ته جيئن وڏندڙ ٿڏ کان بچاءُ ٿي سگهي.

عظيم پنهنجي وچڙندڙ بيماريءَ جو ڳرو سبب ڏئي، مهمان کي تڪليف کان بچائڻ جو اظهار ڪيو هيو، پر رشيد ٺهڪ ڏئي ان ڳالهه کي معمولي ثابت ڪندي ختم ڪري ڇڏيو هيو.

هو ٻئي ڪٽ تي ليٽيا.

عظيم حيرانگي سان سوچيندو رهيو ته رشيد جهڙو چاڻندڙ ماڻهو ان مرض کان خوفزده ڇو ناهي؟

ڪيس شرمندگي جو به احساس هيو ته هو ڪنهن ٻئي کي خطري ۾ مبتلا ڪري رهيو هيو.

رشيد هن سان ڳالهيون ڪندو رهيو، سندس قرب سبب عظيم ۾ اعتماد پيدا ٿيو. رشيد جي خلوص سبب هُن کي گهڻي خوشي ٿي هئي ۽ سندس دل ڀرجي آئي، هو ٽي- بيءَ جو مريض هيو ۽ رشيد ان ڳالهه جي به پرواه نه ڪندي هن سان گڏ ساڳئي ڪٽ تي ستو هيو.

هو ان مرض جي هيبت کان به نه ٻئي ڊڄيو.

عظيم جون اکيون ڀرجي آيون، ٻه گرم ڳوڙها اکين جي پاسن مان وهندا وهائي ۾ جذب ٿي ويا.

انهن ٻن ڳوڙهن جڻ ڏگ لڌو، تار ٻڌجي وئي.

رشيد محسوس ڪيو ته عظيم ڳالهائيندي ڳالهائيندي اوچتو چپ ٿي ويو، اينرو جلدي ته هن کي ننڊ ڪونه آئي هوندي.

هن عظيم کي سڏيو، جواب اچڻ ۾ دير ٿي.

رشيد پنهنجو هٿ عظيم جي نرڙ تي رکيو.

شايد هو سندس چاڪائي متعلق يقين ڪرڻ چاهي پيو. هن جو هٿ عظيم جي اکين مان وهندڙ ڳوڙهن سان آلو ٿي ويو.

عظيم روئڻ جي ڳالهه ظاهر ڪرڻ نه پيو چاهي.

پر هو پنهنجي ڪمزوري جي ظاهر ٿيڻ تي نه ڪاوڙيو هيو. ڪيس ان ڳالهه تي حيرت ٿيڻ لڳي.

رشيد جڏهن سندس ڳوڙها اُگهيا هيا ته ڪيس خوشيءَ جو احساس

ٿيو هيو.

هن عظيم جي نرڙ تي چمي ڏني هئي ۽ پنهنجو مٿو وهاڻي تي سوري عظيم جي مٿي سان رلائي ستو رهيو، هو خاموش هيو.

شايد ڪجهه چوڻ نه چاهيندو هيو، خاموشيءَ کي ئي بهتر زبان تصور ڪري پيو.

هو ٻئي ڄڻا خاموش رهيا هيا، الائي ڪهڙي وقت ڪيس ننڊ اچي وئي هئي.

هو صبح جو سوير اٿيو هيو پر روزانه ڪان پاڻ کي بهتر محسوس ڪري پيو. هو ڪرسيءَ تي سڌو ٿي ويٺو، سندس ذهن ۾ خيال آيو، "ڇو نه مارڪيٽ مان ڀاڄي وٺي اچي چاڙهجي!" هن ڪٽ ڏي ڏٺو رشيد اڃا تائين ننڊ پيو هيو، هو ڪرسيءَ تان اٿي بيٺو، ميز تان پيسا کڻي در آهستگي سان کولي ٻاهر نڪري ويو.

هيو. ميدان تي سڀئي رانديگر سندس عزت ڪندا هئا. جيتوڻيڪ ٻه ڇڻا ته هن کان وڏيڪ سينيئر هئا، پر پنهنجي اخلاق ۽ فضيلت سبب هو سڀني کان ممتاز هيو.

راند شروع ٿيڻ کان اڳ ۽ راند کان پوءِ هو اڪثر هڪ ٻه يوڳ ڪندو هيو. صابر جي ڳالهائڻ جو انداز دلچسپ هيو، ان ڪري ڇوڪرا هن ڏي متوجه رهندا هئا ته جاڻ صابر ڪا ڪل جهڙي ڳالهه ڪئي.

عامر پڻ گهڻ ڳسائيندڙ هيو. راند سان شوق انتها درجي جو هيس. حالانڪ اڃا هو نائين درجي ۾ هيو، پر سندس راند سٺي هئي. بال تي ڪنٽرول هيس. قد اٽڪل پنج فوٽ ٽي انچ، بت وچولو، رنگ ڪليل، مهاندا سٺا، موڪري پيشاني، وار نرم ۽ ڳاڙهيسرا ڪارا هيا. مُشڪان مضبوط ۽ لهيل، اکين ۾ ٻاراڻي تجسس جي چمڪ موجود ۽ هلڪي مرڪ چپن تي گهڻو ڪري رقصان. سندس گهر صابر جي گهر جي ڀرِ واري گهٽي ۾ هيو.

صابر گهر پهچي ٽڙ تڪڙ ۾ ماني کائي راند جا لٽا ڪري پنهنجي نئين مهراب سائيڪل تي عامر جي گهر ڏانهن روانو ٿيو. عامر گهر جي ٻاهران سندس ئي انتظار ۾ بيٺو هيو.

ٻئي ڄڻا سائيڪل تي سوار ميدان ڏانهن روانا ٿيا. صابر ڪيس پنهنجي دير ٿيڻ جو سبب ڊرامائي انداز ۽ مزاحيه رنگ ۾ ٻڌائڻ لڳو، عامر هر هر هلڪو ٽهڪ پئي ڏنو. ڪيس صابر جو انداز بيان ڏاڍو وڻندو هيو.

اسڪول ۾ ڪم جي سختي ۽ والد جو سدائين تحڪمانہ لهجو ڪيس ٿڪائي وجهندو هيو. پر جڏهن هو صابر جون ڳالهيون ٻڌندو هيو ته ذهن صاف ۽ هلڪو ٿي پوندو هيس.

سندن شهر ننڍو هيو جتي دوڪانن تي فوٽبال جا بوٽ اچا سوڏا ڪونہ آيا هيا. هڪ سوچي فوٽبال لاءِ بوٽ ٺاهيندو هيو. پر اهو ٻہ سال کن اول گذاري ويو هيو. هاڻي ڪوبہ ڪاريگر اهڙو نہ هيو جيڪو فوٽبال جا بوٽ ٺاهي.

عامر کي انهن بوٽن جي ڏاڍي تمنا هئي. گذريل مهيني صابر جڏهن آفيس جي ڪم سان حيدرآباد پئي ويو ته هُن عامر کان پڇيو ته ڪيس ڪا شيءِ گهرجي. عامر جي ذهن ۾ اها ڳالهه نہ آئي هئي يا شايد هن حجت نہ

ڪئي هئي.

جڏهن صابر موٽيو ته ڇهين نمبر جو هڪ نئون جوڙو عامر لاءِ وٺي آيو. جنهن کي ڏسي هو تمام گهڻو خوش ٿيو هيو. هن صابر کان بوٽ جي قيمت پڇي هُئي. هن جي گهڻي اصرار ڪرڻ تي صابر ٻوڳ ڪندي چيو ته هو اهو بوٽ تلڪ چاڙهي جي هڪ دوڪان تان کڻي وٺي پڳو، جيئن ته لاهي تي پڇڻ ۾ سولو هيو، پيو ته سندس پريڪٽس به هئي، تنهن ڪري ٿلهو سيٺ کيس پهچي نه سگهيو ۽ هو جامع مسجد ۾ اندر وڃي نمازين سان شامل ٿي ويو.

اهڙي طرح صابر بوٽ کيس تحفي ۾ ڏنو ۽ عامر کي ڪو بار به محسوس نه ٿيو هيو. پر گهر ۾ کيس ڏاڍي پڇا ڳاڇا مان لنگهڻو پيو. سندس والده چيو هيس ته وڃي صابر کي بوٽ موٽائي ڏي ۽ کيس اها ڌمڪي به ملي هئي ته ٻي صورت ۾ سندس والد کي اها خبر پڌائي ويندي.

هو ڏاڍو پريشان ٿيو. اهڙي ڳالهه صابر کي به پڌائي نه پئي سگهيو. بوٽ صابر کي موٽائي ڏيڻ به بدتميزي هئي. هن سوچيو ته بوٽ کي پنهنجي ڪٻٽ جي هيٺين خاني ۾ لڪائي رکندو. اهڙي طرح ڪجهه ڏينهن کان پوءِ ڳالهه ختم ٿي ويندي، پوءِ هو ان بوٽ سان راند ڪيڏي سگهندو.

ٻه چار ڏينهن جڏهن هو ميدان تي پنهنجي پراڻي فليٽ بوٽ سان ڪيڏندو رهيو ته ڇوڪرن کيس ڪنجوس جي لقب سان پئي چيڙايو.

ان ڏينهن پڻ ساڳئي ڳالهه تي ٻين رانديگرن هن کي پئي چيڙايو؛ صابر سيني کي مخاطب ٿيندي چيو، "عيد به ويجهي آهي، نئون بوٽ عيد لاءِ رکيو اٿس."

سيئي ڇوڪرا وڏو ٽهڪ ڏئي کليا. عامر جي منهن تان هميشه رهڻ واري مرڪ غائب ٿي وئي. اکين ۾ رهندڙ ٻاراڻي چمڪ ميري ٿي وئي. صابر هن ڏي نهاريو ۽ کيس محسوس ٿيو ته اهو ٻوڳ ڪري هن غلطي ڪئي آهي.

راند کان پوءِ جڏهن اهي ٻئي ڄڻا سائيڪل تي گڏ گهر ڏي پئي موٽيا ته هن عامر کي چيو، "معاف ڪجانءِ ادا! منهنجو خيال رکو ٻوڳ

جو هيو."
عامر ڪجھ بہ نہ ورائيو. سندس خاموشي صابر جھڙي ڳالهائيندڙ کي بہ منجھائي ڇڏيو، ڪيس سمجھ ۾ نہ پئي آيو تہ هو ڇا چئي؟ عامر بالڪل خاموش رهيو. پنهنج گھنٽي ۾ پهچي عامر سائيڪل تان لهي گھر روانو ٿيو. سندس چهرو سنجيده، ڪنڌ جهڪيل هيو، ٿڪل قدمن سان هو آهستي هلندو پنهنجي گھر جي در ۾ داخل ٿيو. هميشہ وانگر ڪنڌ ورائي نہ موڪلايائين.

صابر تمام گھڻو پريشان ۽ پشيمان پئي لڳو، هو سائيڪل تان لهي پيو، سوچيائين تہ وڃي عامر جو در کڙڪائي.... ڪجھ دير تائين چپ ڪيون بيٺو رهيو. پوءِ سائيڪل تي چڙهڻ کان سواءِ پنهنجي گھر ڏانهن روانو ٿيو.

جسم ٿڪل پئي لڳس ۽ هو سائيڪل تي ٽيڪ ڏئي پيو هليو.

گھر ۾ بہ هو چپ رهيو. سندس والده هن جي پريشاني ڏسي سخت ملول ٿي، پاڻ نہ جهلي سگهي هئي ۽ اچي سندس مٿي کي زور ڏنا هيائين. صابر ڪنهن بہ ڳالھ ڏي ڌيان نہ ڏنو. هو خاموش ٿي رهيو، ماني بہ هن نہ کاڌي.

صبح جو آفيس ۾ بہ ڪنهن ڪم ۾ دلچسپي محسوس نہ ٿيس، اتي بہ هو چپ چپ رهيو. آخر طبيعت جي خرابي سبب ٽي ڏهاڙا موڪل جي درخواست صاحب وٽ پيش ڪيائين، جنهن سندس پريشان منهن کي ڏسي موڪل منظور ڪئي هئي ۽ ڪنهن سٺي ڊاڪٽر کي ڏيکارڻ لاءِ بہ چيو هئائين.

صابر جو ذهن ڪنهن بي هنڌ الجهيل هيو، هو ڳالھ ٻڌڻ ۽ سمجھڻ کان سواءِ "جي سائين! ها سائين!!" چوندو رهيو.

آفيس سپرنٽينڊنٽ کيس عجيب نظرن سان ڏسي رهيو هيو، هن ڪڏهن بہ صابر کي اهڙي حالت ۾ ڪين ڏٺو هيو. هن کي بہ ڪا ڳالھ سمجھ ۾ نہ آئي هئي. بهرحال هن صابر لاءِ همدردي محسوس پئي ڪئي.

صابر آفيس کان ساجهر موٽيو. راند تي وڃڻ جو ڪوبہ ارادو نہ هيس. گھر اچي هو سمهي رهيو. جيئن جيئن راند جو وقت ويجھو ايندو پئي ويو، سندس حالت عجيب ٿيندي پئي وئي. هو سخت پريشان هيو. هن

لاءِ فيصلو ڪرڻ ڏکيو هيو ته راند تي وڃي يا نه؟

ذهن تي بار هيس جنهن کيس منجهائي وڌو هيو. اڄ خبر پئي هيس ته سنو موڊ ڪيڏي نه غنيمت آهي ۽ خوشيءَ جي حقيقت ڇا آهي.

هو حسب معمول راند واري وقت ڪپڙا مٽائي راند لاءِ تيار ٿي سائيڪل ڪاهي گهران نڪتو. پنهنجي گهٽي لتاڙي عامر جي گهٽيءَ ۾ پهتو. هو هڪ لمحي لاءِ ڪجهه جهجڪيو، پر وڃي عامر جو در کڙڪايائين.

عامر گهر کان ٻاهر نڪتو، سندس چهري تي هميشه رهڻ واري مرڪ ڪٿي به نظر نه پئي آئي. صابر جي دل هيڪاري وڌيڪ منجهي ويئي. هن دل ڪڙي ڪري مشڪي چيو، "هلون راند تي؟"

عامر جي منهن تان ڄڻ جهڙ لهي ويو، مشڪ ته اڃا نه آئي هئي، پر سندس مونجهارو لهي ويو هيو. هن ڪنڌ سان ها ڪئي ۽ گهر وڃڻ لاءِ پٺتي موٽيو.

صابر جي طبيعت به ڄڻ هڪدم ٺيڪ ٿي وئي، هن کلندي چيو، "عيد وارو بوٽ به کڻيو اچ، اڄ عيد آهي."

عامر هلڪو ٺهڪ ڏيندي ڪنڌ ورائي هن ڏي ڏٺو. سندس اکين ۾ ساڳي چمڪ موٽي آئي هئي.

# سوزن

آءٌ ڪنڊ ورائي اندر اينڊرٌ غير ملڪي ڇوڪريءَ کي ڏٺو، مون ڪان ڇرڪ نڪري ويو، هوءَ بيحد سهڻي هئي، مون عنايت ڏي ڏٺو- هو سڀ ڳالهه کان بي نياز فوٽوگرافر سان حساب ڪتاب چڪائڻ ۾ مصروف هيو.

اسان دوڪان ۾ موجود سيئي ٽرانسپيرنٽ فلم رول خريد ڪيا هيا ۽ دوڪاندار ان وکري تي منافع خوري جو ريڪارڊ قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هيو.

ان غير ملڪي ڇوڪريءَ بہ دوڪاندار کان ٽرانسپيرنٽ فلم پڇايا، دوڪاندار کلها مٿي اچلي پنهنجي پڳل ٽٽل انگريزيءَ ۾ پٽ پٽ ڪري هٿ سان عنايت طرف اشارو ڪيو. ڇوڪريءَ ڪجھ سمجھيو يا نہ، بهرحال ايتري ڳالهه کيس ضرور سمجھ ۾ آئي هوندي تہ اهو شخص سندس ڪا مدد ڪري سگهي ٿو. ڇوڪري سلڇڻي ٿي لڳي، تنهن پنهنجي ضرورت مختصراً عنايت کي ٻڌائي.

"مون پاڻ هتان فلم خريد ڪيا آهن، پلا ٻڌايو تہ اوهان جي کهڙي مدد ٿو ڪري سگهان؟" عنايت رواجي رکائي سان جواب ڏنو.

"اوهہ! آئي ايم ايڪسٽريملي ساري- آءِ ٿاٽ يو آر دي پرسن ڪنسرنڊ وٿ دي سيلز." هن بي انتها نرمي سان چيو ۽ وري دوڪاندار ڏي منهن ڪري هن کان پڇا ڪيائين. "پلا چترال ۾ پيو ڪٿي اهي رول ملندا- مون کي از حد ضرورت آهي."

دوڪاندار حسب سابق پنهنجي پڳل انگريزيءَ ۾ ڪجھ مڻ مڻ ڪئي. مان نٿو چئي سگهان تہ ان جو ڪيترو سيڪڙو انگريزي هئي ۽ ڪيترو سيڪڙو چترالي. بهرحال نتيجو اهو نڪتو جو ان خاتون عنايت ڏي منهن ڪندي چيو، "آئي ايم ڳوِن ٽو انڊر اسٽينڊ ديٽ.. اوهان

تان ميدان جو ملاحظو ڪيائين. هو سٺي فوٽوگرافي لاءِ پر اميد ٿي لڳو. ها البت گهٽ روشني جي شڪايت ۾ ڪجهه لفظ ڀڻڪيو ضرور هيو.

دهل تي ڏونڪو لڳو ۽ ماڻهو ڪولين جيئان پنهنجن خيمن مان نڪري پيا- سڀ جو رخ ميدان ڏي هيو. ماڻهن جي هڪ ٽولي ۾، مقامي ڪپڙن ۾ هڪ اٺن سالن جي ڀار جي چمڪندڙ مک تي توقع جو جيڪو سج پئي چمڪيو اهو عنايت پنهنجي ڪئميرا ۾ جهٽي ورتو، اهڙا موقعا هو گهٽ وڃائيندو هيو. آءٌ پويلين جي ڏاڪڻين تي ويهي رهيس، عنايت سان ساٿ ڏيڻ جو سوال ئي نه هيو. هو ڪنهن هڪ هنڌ ته نه بيٺو هيو.

اتان جي پولو ڪافي تيز ٿيندي آهي. آءٌ راند ڏسڻ ۾ محو ٿي ويس، اوچتو پنهنجي ڪلهي تي وزن محسوس ڪيم، ڪنڌ ورائي ڏٺم ته عابد بيٺو پئي مشڪيو. "هلو ڊاڪٽر! آءِ واز شوئر يو مسٽ بي سٽنگ سم ويئر- عنايت ڪي ڏٺم ۽ پوءِ توکي ڳولهڻ شروع ڪيم."

"گهڻن ڏينهن کان پوءِ ٿو توکي ڏسان. تون ته بلڪل اوهڙو رکيو آهين." مون ڪلندي ڪيس ڀاڪر ۾ ڀريو، ٽي سال اڳ جڏهن هن سان ملاقات ٿي هئي ته هو هتان جو اسسٽنٽ ڪمشنر هيو.

"اجڪلهه ڪٿي آهين؟"

"هتي!"

"ڇو ڀلا تنهنجي ترقي نه ٿي ڇا؟"

"ترقي ته ٿي آ پر آهيان هتي ئي!" هن ٽهڪ ڏيندي معنيٰ خيز انداز ۾ چيو.

"آءٌ به چوان ته وار ڇو اڇا ٿيڻ لڳا اٿئي!" مون به ڪلندي ساڳئي انداز ۾ چيو.

"ان کان اول جو اهو جنُ اچي نڪري توهان پنهنجو سامان ڪٺيو ۽ هلي اسان سان گڏ ٿيو." اٿين چئي هن هٿ جي اشاري سان هڪ اڌ وهيءَ جي مرد کي سڏ ڪري چيو، "صاحب جتي ٻڌائي اهو سامان احتياط سان ڪٺي پنهنجي ڪمپليڪس ۾ پاڻ واري لائين ۾ سيٽ ڪرائي ولو- دير بلڪل نه ٿيڻ گهرجي."

"پر ان ڳالهه کي هو ڪڏهن به پسند نه ڪندو..." آءٌ عنايت جي

ڪاوڙ جو سوچي پئي ڏنس.

"ڊاڪٽر مان ڏاڍا جهلڻ لاءِ تيار آهيان. توکي ته اندازو آهي ان جي بدلي ۾ ڪيڏي نه سهڻي گفتگو ٻڌڻ جو موقعو ملندو."

شندور جي ٽن ڏينهن جي قيام دوران، عنايت جي سخت مخالفت جي باوجود، اسان چترال جي ڊپٽي ڪمشنر جي ميزباني جي نه ڪٽندڙ سلسلي مان مستفيض ٿيندا رهياسين ۽ اتي اسان جي ملاقات هيءَ ان انگريز ڇوڪريءَ سان ٿي، جيڪا چترال شهر ۾ فوٽوگرافر جي دوڪان تي ملي هئي. هوءَ به ساڳئي رهائشي ڪمپليڪس جي وي آئي پي ڪارنر ۾ هڪ خيمي ۾ رهائش پذير هئي.

رات جي ماني ميس واري وڏي خيمي ۾ سڀني گڏ ڪاڌي، اتي عابد تعارف ڪرائيندي چيو هيو، "هي منهنجو دوست عنايت، اسان لارينس ڪاليج ۾ گڏ پڙهيا هياسين، هي از ورڪنگ فوٽوگرافر ۽ هي آهي برطانوي صحافي مس سوزيانا جونز- هي پڻ فوٽوگرافي مان سٺو ڄاڻي ٿي- سوزيانا اوهان عنايت جي هنر مان فائدو وٺي سگهو ٿا."

"اوهان ڪيئن آهيو؟" سوزيانا ڪنڌ کي لوڏي عنايت سان خوش خير عافيت ڪندي عابد کي چيو، "اوهان سان ملاقات ٿي چڪي آهي- هاڻي ضرور سندن صلاح مان فائدو وٺبو،" وري عنايت ڏي منهن ڪندي چيائين، "اوهان کي مون ميچ دوران ڪافي سرگرم ڏٺو، اوهان ڪهڙي قسم جون تصويرون پئي ورتيون."

"ننڍڙو سوال، جنهن لاءِ تمام ڊگهو جواب گهربل آهي. جيڪڏهن اڄوڪي شام ان جي حوالي ڪرڻي آهي ته ٺيڪ، پر جيڪڏهن ان شام ۾ ٻيو ڪجهه به ڪرڻو آهي ته پوءِ مختصراً چوندس مان غير معمولي ۽ خوبصورت سبجيڪٽ ڳولهيا."

"ڇا مطلب؟" سوزيانا تکڙ ۾ پڇيو.

"مثال طور اڄ ميچ دوران اوهان کي مردانه چترالي ٽوپي پاتل هئي، جنهن تي مليشيا جو مونوگرام لڳل هيو- اوهان ميدان ڪناري ٻين تماشائين جي وچ ۾ ويٺي ميچ ڏٺي، جيڪي سڀئي مرد هيا. منهنجي لينس اوهان کي فوڪس ڪيو ۽ مان اها تصوير نٿي- نهايت دلچسپ ۽ بيحد خوبصورت تصوير." عنايت پنهنجي انداز ۾ چيو ته هر ڪنهن

مشڪي ڏنو. سوزيانا شرمائيندي چيو، "ٿينڪ يو! بٽ آءِ مسٽ هيو دس پڪچر."

شندور تي اهي ٽي ڏينهن عنايت جي فوٽوگرافي جي لحاظ کان سخت مصروف گذريا. سوزيانا پڻ هن سان گڏ فوٽوگرافي ڪندي نظر آئي، سندس ڪلهي تہ عنايت جو ٿيلهو مون اڪثر ڏٺو.

رات واري محفلن جومزو ئي نرالو هيو، حالانڪ انهن محفلن ۾ شريڪ اڪثر ماڻهو خالص دنياوي انداز فڪر رکندڙ هيا ۽ پنهنجي پنهنجي حساب ۾ ڪامياب زندگيون پڻ گذاري رهيا هيا، پر عنايت پنهنجي روايتي انداز ۾ اهڙا پهلو گفتگو هيٺ آڻيندو هيو جو هنر ۽ فن لاءِ سڀني جي دلين ۾ عزت وڌي هئي.

شندور ٽورناميٽ کان پوءِ اسان جو ارادو ٻن ڏينهن جي ٽريڪنگ کان پوءِ جيپ رستي گلگت پهچڻ جو هيو.

سوزيانا ۽ سندس ميزبان جيڪو سرحد صوبي جو هڪ نوجوان ايم بي اي ارباب نالي شخص هيو، پڻ گلگت جا عازم هيا. مون کي ايتري خبر پئي هئي تہ سوزيانا جو ڏاڏو يا نانو انگريز جي حڪومت ۾ پشاور جو ڪمشنر رهيو هيو، تنهن پنهنجي ڪنهن واقف ڪار ڏي تعارفي خط لکيو هيو، اهڙي طرح ارباب جي ذمي اها ميزباني آئي هئي.

اسان صبح جو سوير نڪتا هياسين جيئن جيئن شندور کان پرتي ٿيندا وياسين ساوڪ وڌندي وئي. منجهند جو هڪ ڏاران، حسب پروگرام سوزيانا وارا لينڊ ڪروزر ۾ اتي پهتا ۽ ماني گڏجي کاڌي سين. ماني کان پوءِ هو لينڊ ڪروزر تي هٽ لوڏيندا هليا ويا ۽ اسان ڏنوسين پيرين تي زور.

ٽيرو تن پهرن جو پهتاسين. ريسٽ هائوس ۾ سامان هٽيڪو ڪري عنايت ميرا ڪپڙا ڌوئڻ ۾ لڳي ويو- آءٌ ورانڊي ۾ ڪرسي تي ويهي مند جو لطف وٺڻ لڳس.

"عنايت! لڳي ٿو تہ سوزيانا تو متعلق سيريس آهي." آءٌ شرارت جي موڊ ۾ هيس.

"ڊاڪٽر! اٿي فشنگ راڊ ڪٿي وجي هڪ اڌ ٽراؤٽ ماري اچ- نہ تہ هت ٻنالن کان سواءِ ٻي ڪا شئي نہ ملندي." عنايت جو سنجيده آواز ڪن پيم. سندس صلاح ايتري تہ مهلائتي هئي جو آءٌ پوڳ وساري ٽپ

عنايت گڏ هيا، لوڪ ادب ۾ انهن جي دلچسپي ڪين گهٽ ويجهو رکيو هيو، هو هر دم گفتگو جي چرخي تي خيالن جا سٽ ونيندا ٿي نظر آيا. ارباب جو گهڻو وقت مون سان پنهي گذريو. هو ويچارو ڪيترن ڏينهن کان سوزيانا جو گائيڊ ٿي پئي هليو، يڪدم هڪ اجنبي شخص آيو ۽ سڀني ڳالهين جو مختيار ٿي ويو- هن الائي ڪهڙا خواب اٿيا هوندا ۽ هاڻي انهن خوابن جون حسين عمارتون هڪ هڪ ڪري جهرنديون پئي ويون- مون کي رکي رکي هن تي رحم به پئي آيو، پر وري لوڪ آڪاٽين جي تفصيلن ۾ گم ٿي پئي ويس.

ارباب اسان کي پنهنجي لينڊ ڪروزر ۾ بابوسر ڳوٺ تائين پهچائي، موڪلائي هليو ويو. سوزيانا هاڻي اسان سان گڏ هئي، ڪيس ڪراچي مان ٻهرين تاريخ تي واپس ملڪ وڃڻ لاءِ فلائيٽ پڪڙڻي هئي.

بابوسر هڪ نهايت سهڻو ۽ چڱو وڏو ڳوٺ آهي. "رات هتي گذاريبي، صبح جو سوير نڪربو- هن وقت ڪافي دير ٿي وئي آهي ۽ اسان بيسل مهل سر نٿا پهچي سگهون." عنايت فيصلو صادر ڪيو.

"هي خوبصورت جڳهه آهي، هت لطف ايندو!" سوزيانا فوراً عنايت جي پروگرام جي تائيد ڪئي.

ريسٽ هائوس ۾ سامان رکي عنايت ۽ سوزيانا پنهنجيون پنهنجيون ڪئميرائون ڪلهي تي لڙڪايون ۽ مان پاڻي جي بوتل ساڻ ڪئي.

"ٽڪري تي بيٺل ڏنار جي تصوير ڪيڏي نه سهڻي ايندي،" سوزيانا سامهون اشارو ڪندي چيو. "اوهان اپرچر کي به اسٽاپ وڌيڪ بند ڪيو،" عنايت کيس صلاح ڏني.

"ان مان ڀلا ڪهڙو فائدو ٿيندو." هن معصوميت سان پڇيو. "اصل شئي هي جهڙالو آسمان آهي. پنيان لڪل سج جا ڪرڻا پاسن مان نڪري حسين منظر ٿا پيش ڪن. پري کان ڏنار جي صورت ته ڏسڻ ۾ نه ايندي. نه ئي هي پٿر تصوير ۾ ڪا خوبصورتي آڻيندا. ائين ڪرڻ سان فور گرائونڊ ڊارڪ ٿي ويندو ۽ ڏنار جي Silhouette بادلن گهريل آسمان آڏو دلچسپ تضاد پيش ڪندي."

اهڙي طرح لينڊ اسڪيپ فوٽوگرافي تي گفتگو ٿيندي رهي ۽ سير به جاري رهيو- ٽن ٻهرن جو واپس ورياسين ته ڳوٺ جا ڇوڪرا والي بال

جا سانباها ڪري رهيا هيا.

"چو نہ هلي راند جو مزو ماڻجي." عنايت چيو. "ڇا؟! مان به هلان؟؟ سوزيانا حيران ٿيندي پڇيو.

"ها! ڇو نه؟" عنايت اصرار ڪيو.

اهڙي طرح اسان به وچي والي بال جي راند ۾ شريڪ ٿيا هياسين. عنايت سيني کان گهٽ عمر وارن ٻن رانديگرن کي هاڙهي مقرر ڪيو ۽ انهن قطار ۾ بيٺلن کي واري واري سان چونڊيو. عنايت ۽ سوزيانا هڪ پاسي ٿيا ۽ مون کي پنهنجي ڌر وارن ڪنيو. ميچ ڏاڍي دلچسپ رهي. پهرين راند عنايت وارن ڪٽي. ٻي راند اسان زور تي ماري ويا هياسين، هاڻي فيصلو ٽين راند تي اچي پيو.

عنايت سٺي راند پئي ڪئي، سوزيانا به ٻن راندين کان پوءِ راند جي انداز مان واقف ٿي چڪي هئي ۽ هن ڪيترا دفعا بال اٿاري عنايت کي ڏنو. پر اسان جي پاسي نثار نالي ڇوڪرو سٺي راند ڪندو رهيو، هن ڳالهه کي آٿي برابر ڪيو. راند جو آخري مرحلو هيو، هڪ پوائنٽ هارائڻ، راند هارائڻ هئي. سڀ ڪو جوش ۾ هيو، منهنجي دل به تيز پئي هلي.

نثار کي بال لهي مليو، هن به اڇل ڪري اهڙي والي هنئي جو لڪاءُ نڪري ويا، اسان جي ڌر خوشي ۾ ٽپا ڏيڻ شروع ڪيا- پر سوزيانا زمين تي ڪري اهو بال ڪٽي ورتو ۽ پنهي ڇوڪر نيٽ تي بال عنايت کي ناهي ڏنو ۽ هن به ڪا رعايت نه ڪئي. خوشي جي رڙين سان ڳوٺ جي فضا گونججي وئي- سوزيانا عنايت کي ياڪر پائي مبارڪون ڏنيو- هيڏانهن اسان جي ڌر وارن تي جڻ پاڻي پئجي ويو- مان ڪنڌ لڙڪائي وڃي پنهنجي جيڪٽ ڪئي-

"اٽ از اسپورٽ ڊاڪٽر! چيئر اپ، يو پليڊ ويل!" ڪنڌ مٿي ڪئي ڏٺم سوزيانا عنايت جي ڪلهي تي هٿ رکيون بيٺي منهنجي همٿ وڌائي رهي هئي.

آءٌ ٿڪي مرڪ سان "ٿينڪ يو" چيو.

"بس اسان جو ڀاڳ ڀلو هيو نه ته اوهان ته ذري گهٽ ڪٽي ويا هيا." عنايت سنجيدگي سان چيو. ايتري ۾ آءٌ پوري طرح پاڻ سنڀالي ويو هيم. سوزيانا ۽ عنايت جي ويجهڙائپ ڏسي شرارت ڀرئي انداز ۾ چيم، "ڀاڳ

احساس اچي سندس لافاني حسن جي حقيقي ڊِک ڏئي ٿا وڃن." عنايت سوزن جي منهن ڏانهن ڏسندي چيو.
سوزن ٻانهن ڊگهيري عنايت جي هٿ ۾ هٿ ڏنو ۽ ائين اسان جو سفر جاري رهيو.
بيسل کان ڪجھ پنڌ اول لولوسر جي ڍنڍ هئي. ڪنهار ندي جابلو لنگهن، لاهين مان ٽپندي، گجندي، ڌوڪيندي، جهڳيندي اچي هن ڍنڍ ۾ پئي ٿي ۽ ڪو وقت ان جي پرسڪون ساڻ جو مزو ماڻي ٿڪ لاهي وري ئئين سر اتان پنهنجو ڊگهو ۽ اٿانگو سفر شروع ٿي ڪري.
"لولوسر جهڙي معصوم ڍنڍ اجان تائين مون ناهي ڏٺي!" عنايت پنهنجي مخصوص انداز ۾ چيو.
"ڪهڙو نه لهڪندڙ لفظ استعمال ڪيو اٿئي!" سوزن هن جي ٻانهن تي ٽيڪ ڏيندي چيو.
"هت پهچي مسافر پنهنجا ٿڪ ۽ پريشانيون وساري ترسڻ چاهي ٿو پر ترسي نٿو سگهي- زندگي جي جاڳرتا ڪيس هتان وٺي وڃي ڏکن ڏاکڙن ۾ ٿي وڃهي- هت اوهان ڪي آبادي نظر نه ايندي!" عنايت چيو.
بيسل اسان چئين ڌاران پهتاسين، چند گهرن تي مشتمل اها وسندي اسان جي توقع کان وڌيڪ ننڍي هئي. هيڏو سارو پنڌ ڪيو هيوسين، پيو صبح کان سنجيدگي سان ڪٽي ويهي ماني نه کاڌي هئي، سو خيمو ڪوڙي پيٽ جي ڳڻتي ڪي لڳاسين.
"ماني پاڻ ناهي ٺاهڻي- ماني اسان بيسل 'انٽرڪان' ۾ کائينداسين." عنايت جيڪٽ ڇنڊيندي چيو.
بسل انٽر ڪان هڪ خيمي ۾ هيو- اندر ٻاھ ٻري رهي هئي ۽ سيءُ گهڻ هيو، مينو ۾ ڪل ٽي اٽمر هيا- دال، گوشت ۽ ماني.
"پليز سرو اس وٽ هول مينو!!" عنايت ڪنهن بادشاھ جيئان پئي هٿ مٿي ڪري آرڊر ڏنو-
"هائو سويٽ!" سوزن کلندي چيو. حيران هوٽل واري ڪي سمجهايم ته اسان ڪي دال، گوشت ۽ ماني ڏئي- ماني کان پوءِ گرم گرم چانهن جو لطف ئي ڪجھ نرالو هيو، جنهن ڪي اسان ميداني علائقن ۾ پوري طرح نٿا سمجهي سگهون.

جي بيتڪلف دوستن مان هيو. مان خوش ٿيندي چيو، "اجان وڌيڪ چئوس..."

ميجر اعظم مون کي ڏکي اڳتي ڪيو.

ڪراچي پهتاسين ته سوزن جي فلائيٽ ۾ چار ڪلاڪ هيا، تنهن ڪري اسان ايئر پورٽ تي ويهي رهياسين، سوزن بيحد اداس هئي- ٻه ڪلاڪ تقريباً خاموشي ۾ گذري ويا- سوزن واچ ڏسي آهستگي سان اٿي بيٺي.

"پلا جيڪڏهن ڪجھ ڏينهن دير سان لنڊن ويندئين ته ڪهڙي قيامت اچي ويندي- رهي پئو." مان نيٺ چپ رهي نه سگهيس.

"عنايت جي مرضي هجي ته مان سڄي ڄمار هت رهڻ لاءِ تيار آهيان" هن ڏک ڀريئي مرڪ سان چيو. هن جي اکين ۾ اميد جي هلڪي چڻنگ ڏياني ٻارڻ لاءِ بيقرار نظر آئي.

عنايت فلائيٽ انفارميشن بورڊ طرف ڏٺو جتي NOW CHECK IN جو نشان اسپارڪ ڪري پيو، هو پنهنجن جذبن کي قبضي ۾ رکڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هيو. هن زور سان ڏند پڪوڙيا، سندس ڳلن جون هڏيون ابري آيون هيون. سوزن جي اکين ۾ ڏک جو درياهه موجون هڻندو آيو ۽ اچي اميد جي چڻنگ کي اجهائي ڇڏيائين، عنايت هن جي ٻنهي هٿن کي پنهنجي هٿن ۾ جهليو- هن جي اکين ۾ ٻه ڦاٽي تري آيو هيو- سوزن بي اختيار ڪيس ٻاڪر ۾ پريو- عنايت سندس مٿي تي چمي ڏئي موڪلائي واري.

"ڊاڪٽر پنهنجو خيال رکجانءِ!" سوزن منهنجي ڳلن کي چمي ڏئي آهستي چيو "عنايت جي پارت هجئي-" سندس اکين مان ڳوڙها چلڪي پيا هيا. هو ٽرالي کي ڌڪيندي لائونج ۾ اندر داخل ٿي. عنايت نندي وک هلندو وڃي بينچ تي ويٺو- هو ڪنهن گهري ·ال ۾ گم هيو. شديد ڏک جو بار منهنجي برداشت کان ٻاهر هيو. هاڻي مون کي عنايت تي ڪاوڙ اچڻ لڳي هئي "تون هن جي جذبن جو ٻه خيال نٿو ڪرين،" ڏک ۽ صدمي سبب وڌيڪ ڳالهائي نه سگهيس.

عنايت لائونج جي در طرف ڏٺو ۽ مون ڏي ڏسي ڪنڌ کٽي هيٺ ڪيائين.

"تون هن کي روڪين چو نہ ٿو؟" مون رڙ ڪئي "اها سزا تون ڪنهن کي ٿو ڏين" مون هن جي ڏک کي محسوس ڪندي چيو. منهنجي اکين مان ڳوڙها وهڻ لڳا هيا.

عنايت ڪنڌ مٿي ڪنيو، هن جي اکين ۾ اداسي جون ڇٽون پريل هيون.

"ڊاڪٽر! سوزن کي ڪيئن روڪيان؟ ڳوٺ ۾ تہ هڪ سوزن ويٺي آهي."

اسان جو سماج مختلف واقعن حادثن ۽ تاريخي عملن مان گذرنديء، اوج ۽ بربادي جا ڪيئي ڦيٽا ڦيرائي چڪو آهي، ۽ اڄ جنهن صورتحال سان مهان منهن آهي، اهو ان جو اڄوڪي دنيا ۾ بانبڙا پائڻ وارو عمل چئي سگهجي ٿو. ان ڀالڪپڻي ۾ ان مٿان نه لکڻ پڙهڻ جي ذميواري آهي، نه اهو اپائڻ نپائڻ جي حيثيت ۾ آهي. نه ئي وري ڪيس پيداوار جي ڪنهن قابل ذڪر عمل سان وابسته ڏسون ٿا. جيئن ڪو ننڍڙو ابهم ٻار هوندو آهي، جنهن کي نه نفعي جي خبر هوندي آهي نه نقصان جي. جيڪو ٻه قدم کڻندو آهي ٿاٻو کائيندو آهي، جنهن ٻه شيءِ ۾ هٿ وجهندو آهي، تنهن کي ڪيري ڦٽي ڪندو آهي، تنهن هوندي ٻه بي خبر هوندو آهي ۽ معصوم رهندو آهي.

.... سو اڄڪله جو ڪجھ ٿئي ٿو ٻالڪپڻي جي عمومي مزاج مطابق آهي. ائين زندگي جاري آهي ۽ ادب ڪي قدر ان جي مختلف روين جي پڙهڻي پيش ڪندو ٿو رهي.

**ڪليم لاشاري**